سنڌي ڪتابن جي لسٽ

ڪتاب جو نالو	ليکڪ
١. سار وچن نثر	حضور سوامي جي مهاراج
٢. پرمارٿي پتر	بابا جئمل سنگھ جي مهاراج جن جا حضور مهاراج بابا ساون سنگھ جن ڏانهن لکيل خط
٣. پرمارٿي ساکيون	حضور مهاراج ساون سنگھ جن جون ستسنگ ۾ اڌايل ساکيون
٤. سنتن جي سکيا	حضور مهاراج ساون سنگھ جن جا ستسنگ
٥. سنت مت	حضور مهاراج ساون سنگھ جن جا ستسنگ
٦. گورمت سار	حضور مهاراج ساون سنگھ جن جي پستڪ گورمت سڌانت جو ديباچو
٧. آتمڪ وکيان	سردار بهادر مهاراج جگت سنگھ جن جا ستسنگ ۽ خط
٨. سنت مت درشن ڀاڱو ١	حضور مهاراج چرن سنگھ جن جا ستسنگ ۽ چٺين جا جواب
٩. سنت مارگ	حضور مهاراج چرن سنگھ جن دوران سنت مت جي وياکيا
١٠. ستسنگ ١ کان ١٠	حضور مهاراج چرن سنگھ جن جا ستسنگ
١١. سنتن جي باڻي	مختلف سنتن جون باڻيون
١٢. وڻتي ۽ پرارٿنا جا شبد	مختلف سنتن جي باڻيءَ مان شبد
١٣. روحاني ڊائري ڀاڱو ١-٢-٣	راءِ صاحب منشي رام
١٤. ستگورن جي سکيا ڀاڱو ١-٢-٣-٤	شري ليکراج پوري
١٥. روحاني گلدستو	سردار بهادر مهاراج جگت سنگھ جن جا چونڊ وچن
١٦. اندر جو آواز	ڪرنل سانڊرس
١٧. هنسا هيرا موتي چڳنا	ڊاڪٽر ڪرپا سنگھ نارنگ
١٨. ڌرتيءَ تي سرڳ	ديوان دريائي لعل ڪپور

ملڻ جا هنڌ :-

هتيان لکيل ڪتاب سنڌي، هندي، ۽ پنجابيءَ ۾ ڏيرا پبليڪيشن (بڪ اسٽال) بياس ۽ سڀني ستسنگ سينٽرن مان ملي سگهن

مٿان جون ڳالهيون ڪري ۽ انهن جا وچور سان نالا ڏنهي ليڪن انهن جي ذڪر ڪرڻ سان نه زبان ۾ مٺائيءَ جو سواد ايندو نڪو پيٽ ٿي ڀربو.

انهيءَ ڪري سنڌن هن ڪلجڳ ۾ اهڙي گيان مت جي پيروي ڪرڻ کان منع ڪئي آهي ۽ جيون مڪتيءَ ۽ اُڌار لاءِ ستگور ڀڳتي مقرر ڪئي آهي. جيتوڻيڪ اهنڪاري، ودوان ۽ جڳ جو ڌرم جي ڳالهين تي گذران آهي، اهي هن ڳالهه تي نڪتيچيني ڪندا ۽ ناراض ٿيندا پر جيڪي سچا پرمارٿي آهن سي هن وچن تي غور ڪري، سمجهندا ۽ مڃيندا.

پورو ٿيو

سگهندو؟ هو چون ٿا ته گيان جي ڪتابن جو پڙهڻ ۽ انهن جو ويچارڻ ۽ منڻ، اهوئي ڪرڻ اڀياسنا آهي. ڇا! وياس، وشسٽ ۽ ٻيا اڳيان گياني، جي سوڪ ساڌنائون ڪري گيان جي پد کي پهتا هئا، سي سڀ نادان هئا، جو هنن ناحق پنهنجو وقت وڃايو ۽ جتن ڪيون؟ اهڙو گيان، جو اڄ ڪلهه هلي رهيو آهي سو نه نهايت سولو آهي ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ڪنهن کي به حاصل ٿي سگهي ٿو! ڇاڪاڻ ته ٻه چار ڪتاب پڙهڻ ۽ سمجهڻ، اهوئي اڄ ڪاله جي گيانين جو ساڌن ۽ سڌانت آهي ۽ هو سمجهن ٿا ته من کي نرمل ۽ نشچل (هڪ هنڌ بيهارڻ) ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ناهي. ڀلا گياني ۽ اڳيانيءَ جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت ٿيو؟ تفاوت اهو ٿيو جو گياني رڳو واتئون سان ڳالهيون ڪري ٿو باقي هلت ۾ گياني ۽ اڳياني ٻئي هڪ جهڙا آهن.

ڪهڙي رڳو ڳالهين ڪرڻ سان جيو جو اڌار ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته جڙ ۽ چيتن جي ڳنڍ، جا هميشه يوگ اڀياس سان کلندي آهي سا زباني ڳالهين سان هرگز نه کلندي. جيڪڏهن پنهنجي من ۾ چڱيءَ طرح ويچار ڪري ڏٺو وڃي ته صاف معلوم ٿيندو ته اهڙي گيان مان ڪڏهن به جيو جو ڪلياڻ نه ٿي سگهندو ۽ نه انهيءَ مان من ۾ آنند رئون وس ٿي سگهندو. جيئن نه اڳين جڳن جا ڪرم هميشه ٿا ٿي سگهن ۽ اشٽانگ يوگ به نٿو ٿي سگهي ته پوءِ گيان، جيڪو انهن ڪرمن مان نڪرڻ وارو ڦل هو، سو ڪيئن پراپت ٿي سگهندو؟ انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته جيڪي ڪجهه اڄ ڪلهه جا گياني ڇٽي رهيا آهن ۽ ڪري رهيا آهن اهو واچڪ گيان يا ڪتابي گيان آهي. اهو اهڙو آهي جيئن ڪو ڪنگال

هي ڪرڻ لوڪ ۽ اشٽانگ يوگ جو سمو ناهي. نڪو ماڻهن جي شرير ۾ هينئر اها طاقت رکي آهي جو ڪشٽ سهي سگهن ۽ اهي ڪرم پوريءَ طرح سان ٿي اچي سگهن ڇاڪاڻ ته اهي سمجهه ۾ وڏيءَ موجب ٿيڻ ناممڪن آهن. تنهنڪري ان جو قول اڄڪلهه ٿو.

ساڳيءَ طرح ورت وغيره به هينئر وڏا ڏکيا ٿي پيا آهن ڇاڪاڻ ته انهن ڏکيا ٿي خاص ڪري سوادي پوڄڻ ڪاڏا وڃن ٿا جي ڀاڱ زياده آلس ۽ نند پيدا ڪن ٿا ۽ انهن ڏکين لي پوڄن بندگيءَ جو ٽالو به ڪونهي. انهن ڪرمن جي ڪري پاڻ اهنڪار وڌي ٿو وڃي، جو سڀني پاپن ۾ مول پاپ آهي. ساڳيءَ طرح سڀني ڪرمن جو حال جاچي ڏسو ۽ من ۾ ويچار ڪري سمجهي ڇڏيو ته هن وقت انهن ڪرمن ڪرڻ سان پرمارٿ جو قول ڪجهه به نٿو ملي ڇاڪ من ۽ چت کي اهي زياده ملين ۽ اهنڪاري ڪن ٿا.

ڪيترا ماڻهو گيان جا ڪتاب، جي ويدن موجب شاستر جو انگ آهن، پڙهن ٿا ۽ انهن جو مطلب سمجهي هو پاڻ کي گياني ۽ برهم سروپ سمجهن ٿا. هن وقت اهو سڀني ۾ گمراهه ڪندڙ مارگ پيدا ٿيو آهي. پهرين ڳالهه ته اها آهي ته گيان جو اڄ ڪالهه ڦهلجي رهيو آهي اهو ويدانت مت موجب ناهي اهو لڏهن ويدانت مت مرجب صحيح آهي جڏهن انهيءَ جا سڀ انگ يا ڳالهيون پوريون هجن. يعني پهرين ڪرم ۽ اپاسنا ڪري چار ساڌنائون حاصل ڪجن لڏهن وڃي گيان جو اڌڪاري ٿبو. ٻر ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪي گيان جا ڪتاب اڄ ڪالهه لکتا آهن انهن ۾ ڪرم ۽ اپاسنا جو نشان به ڪونهي ۽ نه اڄ ڪالهه جا گياني ڪوبه ڪرم يا اپاسنا ڪن ٿا، پوءِ هنن کي گيان ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪٿان حاصل ٿي

سچا آهن يا نرا لغو ڳالهين ٻڌڻ جو مطلب هي ته چت کي
انڪار ڪرڻ جو هجي، سو هميشه ڪُل تي ٻڌو آهي ته ڪير به
ڳالهين جو ذوق ٿئي ته وسواس سان هڪ هنڌ ڪلاڪ به
ڪلاڪ ٻڌائي ٿو ڪري ته پوءِ انهن ڳالهين جيڪو انهي
ڪري ته قبل ته مطلب ڪهڙو هجي، اهو ڪيئن معلوم؟ جي انهن
ڪرڻ سان هي ته چت جون وڏيون ڦٿيون ته تماشن ۾ لڳي
وڃن ته پوءِ فائدي بدران الٽو نقصان ٿيو.

اهڙيءَ طرح تيرٿن تي جي اڳي سنت مهاتمائون رهندا
هئا ته جيڪي آهي ويندا هئا سي انهن سنتن جو درشن ۽
ستسنگ ڪري اندر جي صفائي ۽ نرملتا حاصل ڪري
ايندا هئا. هاڻي انهيءَ جي بدران اهي گنگا، جمنا يا پاڻيءَ ۾
سنان ڪري، باقي سڄو وقت تارن ۾ گهمڻ ۽ سوکڙين خريد
ڪرڻ ۾ يا پنڊتن جي بندوبست ڪرڻ ۾ يا ناٽڪ ۽ پيڙن ۾
وڃائين ٿا. اهڙي طرح شور ۽ پيسو پاڻ ۾ ستسنگ ۽ درشن
جو اثر ڪيئن ٿيندو جيئن طرح نه ٿو ٿي سگهي. انهيءَ ڪري
تيرٿن جو قدر به اڳئين نه رهيو ۽ تيرٿ هينئر ميلا ۽ تماشا ٿي
پيا آهن.

ساڳيءَ طرح جپ تپ به فقط ليک پڙهي يا اوکي کي
ٽڪارڻ لاءِ ڪيا وڃن ٿا ۽ انهن ڪرڻ ڪندي من کي روڪڻ
جو ذرو به خيال نه ٿو ڪيو وڃي. تنهن ڪري انهن ۾ به
فائدي بدران الٽو نقصان ٿئي ٿو. جاڳائڻ ۽ ورهين جا ورهيه
جاپ ڪندي به جي جاچيو وڃي ته پرمارٿ جي واڌاري
بدران پاڻ سنسار جون واسنائون وڌيو وڃن.

جيڪي ماڻهو پرڀات ۽ بالا پڙها آهن اهي اهڙن سنساري
۽ روزگاري ماڻهن جي سنگ ۾ اچي پنهنجو پرڀو وڃائيو
وهن ۽ پنهنجو وقت انهن نستقل ڪرڻ ۾ بيڪار وڃائين ٿا.

تيرٿ، ورت، جپ، تپ، هون، ڳنگا آچار، ذات ورن جا ڪرم ۽ ڪريا ڀوڳ يعني هٺ يوڳ ۽ اشٽانگ يوگ، اهي سڀ اڳين جڳن جا ڌرم آهن. هن ڄڳ ۾ اهي نڪو ڪنهن کان پوري وڌيءَ سان ٿي سگهندا ۽ نڪو انهن مان اهڙو ڦل، جنهن سان جيوَ جي مُڪتي ٿئي، ملي سگهي ٿو. تنهن ڪري اهي سڀ نامنظور آهن. جيڪي جيوَ پنهنجي من جي هٺ سان انهن ڪرمن کي ڪن ٿا اهڙن جي حالت ذرا غور ڪري ڏسبي ته پهرين ته هنن کان اهي ڪرم جهڙيءَ طرح ٺيڪ گهرجن تهڙيءَ طرح نٿا ٿي سگهن ۽ جيڪي ٿورو گهڻو ٻاهران مٿاڇرو ڪن ٿا، انهيءَ مان الٽو اهنڪار پيدا ٿئي ٿو ۽ اندر جي صفائي ٺيڪ ٿيڻ بدران پاڻ انهيءَ ڪرڻيءَ مان ملينتا ۽ پاپ وڌن ٿا. انهيءَ ڪري ماڻهن کي واجب آهي ته انهيءَ دوکي ۾ نه ڦاسن ۽ انهن ڪرمن ۾ پنهنجو تن، من ۽ ڌن اجايو نه وڃائين.

جيڪي ماڻهو انهن ڪرمن جو اپديش ڪن ٿا، تن کي جاچي ڏسبو ته پتو پوندو ته اهي ماڻهو يا ته روزگار لئي وڪيل آهن يا پنهنجي مان وڏائي لاءِ ائين ڪن ٿا يا پنهنجي آجيوڪا واسطي ماڻهن کي اپديش ڪن ٿا. ماڻهن جي سچي ڪلياڻ جو انهن کي اونو ڪونهي. تنهن ڪري انهن جو چيو مڃڻ نه گهرجي انهيءَ جي ثابتيءَ لاءِ سنتن جي وچنن ۾ ڪيترائي حوالا آهن جن مان صاف ظاهر آهي ته ڪلجڳ ۾ انهن ڪرمن ڪرڻ جو بلڪل حڪم ناهي. جيڪي ماڻهو اهو حڪم نٿا مڃين اهي يا ته سنساري، يا روزگار لئي وڪيل اهنڪاري آهن. سو هيءُ اپديش اهڙن لاءِ ته ناهي. سمجهو ۽ پرمارٿي ماڻهن کي ٿوري ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته حقيقت ۾ سنتن ۽ مهاتمائن جا اهي وچن، جي اڳين جڳن جي ڪرمن ۽ پوجائن جو کنڊن ڪن ٿا سي

نيون ڳالهيون ٻڌائن. ڪن ڳالهه هو ڪو ڪهڻيون جا ٻڌ
۽ ٻڌڻيون ڳالهيون ٻڌائڻ چاهي ٿو ۽ هتان هتان ڳالهيون
چوندي، ٻيءَ جي ٻڌي ۽ ٻالڪي وڏائي ٿو ۽ اهڙا
ٻالڪي جن کي ڏکاري ٻيءَ جي ساراهه ڪرائڻ چاهي
ٿو. هو ٻيءَ جي وڏائي ۽ ساراهه ۾ ڏاڍو خوش ٿئي ٿو.

(۱۵) گورمکه جيڪو ٻه ٻرمارٿي ڪم ڪري ٿو اهو ڏاڍو ڌارج
سان ڪري ٿو ۽ سدائين ستگور جي ديا ۽ مهر جو
ڀروسو ۽ هن جي چرڻن ۾ پڪو لڳو رکي ٿو.
منمکه هر ڪنهن ڳالهه ۾ ڪڙ ڪري ٿو ۽ هر ڪو ڪم
جلدي پورو ڪرڻ چاهي ٿو ۽ انهيءَ ابتائي ۾ ستگور
جي مهر جو ڀروسو ۽ هن جي وچن جو لڳو الڪل
وساري ڇڏي ٿو.

اهي سڀ ڳالهيون جيڪي گورمک جي چال ٻابت
ورتيون ويون آهن، اهي ستگور جي مهر سان ٿئي
ٿيون. جنهن لئي هن جي ڪرپا لهندي انهيءَ
ٻرابت ٿيون ٿيون. جيڪي هن جي چرڻن ۾ نرلمت ڪن
ٿا ۽ هن ۾ وشواس رکن ٿا، انهن کي هڪ ڏينهن ضرور
ڪي هو بخشش ڪندا. ستگور جي چرڻن جو نرم سچي ڳالهه
هيءَ بخشش ملندي. جنهن کي نام جي بخشش ٿي لڌي ۽ اهي
جو پيدا آهي. جنهن کي نام جي ٻخشش ٿي ڏني ۽ ونيدا
سڀ گڻ ٻالهوئي اچي ويندا ۽ سڀ منمکي اچڻ کن ۾ ويندا
رهندا.

۳۶۳. هن ڪائنات ۾ جيڪي ڪليانڪ لاءِ ستگور ۽ شبد
جي ڀڳتيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو سنتن ورلس لئه ڪيو
آهي. ويدن ۽ پراڻن ۾ ان ڪائنات واسطي اهڙي جتن ڪيو
ليل آهي يعني ته گورو ۽ نام جي اپاسنا سان جيو جو ڪارج
ٿيندو. انهيءَ واسطي گهڻيئي لاتيون آهن. موڙسي ٿو ۽

(١٢) گورمکہ غريبيءَ ۽ پئسي نہ ھجڻ جي حالت ۾ گھبرائجي
نٿو ۽ جيڪا تڪليف مٿانئس پوي ٿي تنھن کي ڌيرج
۽ صبر سان سھي ٿو. ھو ستگور جي ديا مھر تي ڀروسو
رکي ٿو ۽ ھن جا شڪرانا مڃي ٿو.

منمکہ بالڪل جلدي تڪليف کان گھبرائجي مدد لاءِ
پڪار ڪري ٿو ۽ پئسي نہ ھجڻ جي حالت ۾ دکي ٿي،
ھن ھن سان شڪايت ڪري ٿو.

(١٣) گورمکہ پنھنجا سڀ ڪم ستگور جي موج تي ڇڏي
ٿو. پاڻ ٿيئي ڀا ٻرو، پر پاڻ انھيءَ ۾ نٿو آڻي. ھو
پنھنجي ڳالھ مٿي نٿو ڪري ۽ ٻين جي ڳالھ کي ھيٺ
نٿو ڪري ۽ جھڳڙي ۽ کٽ پٽ جي ڪمن ۾ نٿو پوي.
ھو سدائين ستگور جي موج ڏانھن نھاري ٿو ۽ ستگور
جا گڻ ڳائيندي پنھنجي حياتي گذاريندو رھي ٿو.

منمکہ پنھنجي سڀ ڪنھن ڪم ۾ پنھنجو آپو ھلائي
ٿو ۽ پنھنجي مزي ۽ فائدي لاءِ جھڳڙي ۽ کٽ پٽ جا
ڪم ڪندو رھي ٿو. ھو پنھنجي ڳالھ مٿي ڪرڻ لاءِ
ڪروڌ ۾ اچي وڙھڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.

(١٤) گورمکہ نين نين شين ۽ ڳالھين ۾ نٿو ڦاسي ڇاڪاڻ تہ
ھو ڄاڻي ٿو تہ انھن جي جڙ سنسار آھي. ھو پنھنجا گڻ
سنسار کان لڪائيندو رھي ٿو ۽ پنھنجي ساراھ ڪرائڻ
نٿو چاھي. ھو جيڪا ڳالھ ڏسي يا ٻڌي ٿو، انھيءَ مان
پنھنجي مطلب جو نقطو جنھن مان ستگور جي پريت ۽
پرليت وڌي سو چونڊي ڪڍي ٿو ۽ ستگور جو
سيدي گڻن جو ڀنڊار آھي، تنھنجي ھميشہ مھما ڳائيندو
رھي ٿو.

منمکہ چاھي ٿو تہ نت نيون نيون شيون ڏسان ۽ نيون

منمک سنساري مائهن ۽ سامان سان پريت ڪري ٿو ۽ پئسي ۽ سواد ماڻڻ چاهي ٿو ۽ سير تماشن ۾ خوش رهي ٿو.

(١٠) گورمک جيڪو ڪم ڪري ٿو سو پنهنجي ستگور کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ڪري ٿو ۽ ستگور جي ديا ۽ مهر چاهيندو رهي ٿو. هو فقط پنهنجي ستگور جي ساراهه ۽ استت ڪري ٿو ۽ ان جي ئي وڏائي چاهي ٿو ۽ سنساري خواهشون نٿو رکي.

منمک جيڪو به ڪم ڪري ٿو تنهن ۾ ڪجهه نه ڪجهه پنهنجي مطلب پائڻ سگهي جو خيال رکي ٿو، چاڪاڻ ته مطلب کان سواءِ هن کان ڪوبه ڪم ٿي نه سگهندو آهي. هو سدائين پنهنجي عزت ۽ وڏائي چاهي ٿو. هن ۾ سنساري خواهشون زبردست هونديون آهن.

(١١) گورمک ڪنهن سان به وير وروڌ نٿو رکي بلڪ هو وروڌيءَ سان به پيار ڪري ٿو ۽ پنهنجي من ۾ ڪٽنب، ذات پات يا وڏن مائهن جي دوستيءَ جو ايمان نٿو آڻي. هو براهمڻ ۽ سڀني برادرين سان وڏڪ پريت ڪري ٿو. هو سدائين پنهنجي ستگور جي چرڻن جو پرڀاءُ پنهنجي دل ۾ جاڳائي رکي ٿو ۽ ڏن به ڏن هن جي وڌندڙ ديا ۽ مهر حاصل ڪرڻ چاهي ٿو.

منمک وڏو ڪٽنب ۽ گهڻا دوست چاهي ٿو ۽ شاهوڪار ۽ عهديدارن سان گهڻو پيار ڪري ٿو ۽ انهن جي دوستيءَ ۽ پنهنجي ذات پات جو ايمان ڪري ٿو ۽ ڏيکا ڏيکيءَ جا گهڻا ڪم ڪرڻ چاهي ٿو پر ستگور جي راضپي جو خيال گهٽ رکي ٿو.

ڪري ٿو. هن کي رکو سڪو کاڌو ۽ سادا پدارٿ نٿا وڻن.

(٧) گورمک سنساري پدارٿن ۽ دنيا جي جار ۾ نٿو اٽڪي ۽ انهن جي نفعي يا نقصان ۾ ڪيس خوشي يا رنج نٿو ٿئي ۽ جي ڪير ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو ته انهيءَ تي ڪاوڙ نٿو ڪري. پر سدائين پنهنجي آتما جي مڪتي ۽ ستگور جو راضپو ڌيان ۾ رکي ٿو.

منمک سنسار ۽ انهيءَ جي پدارٿن جو گهڻو خيال رکي ٿو ۽ انهن جي هاڃي ۽ لاڀ ۾ جلد ئي دکي يا خوش ٿئي ٿو. جي ڪير هن کي ڪؤڙا وچن چوي ٿو ته هڪدم غصي ۾ ڀرجيو وڃي. هو ستگور جي مهر ۽ طاقت جو ڀروسو ۽ خيال نٿو رکي.

(٨) گورمک هر ڳالهه ۾ صاف دل ۽ سچار رهيٿو ۽ سدائين اُدارچت يعني وڏيءَ دل وارو هوندو آهي. هو هميشه ٻين سان سٺو سلوڪ ڪري ٿو ۽ ٻين جو ڀلو چاهي ٿو پر پاڻ ٿوري ۾ راضي رهي ٿو ۽ ٻين کان ڪجهه به وٺڻ جي خواهش نٿو رکي.

منمک لالچي ٿئي ٿو ۽ ٻين کان وٺڻ لاءِ هميشه تيار رهي ٿو پر ٻين کي ڏيڻ نٿو چاهي. هو هر ڪنهن ڳالهه ۾ پنهنجي فائدي جو خيال رکي ٿو ۽ ٻئي جو خيال نٿو رکي. هؤ پنهنجون ترشنائون وڌائيندو رهي ٿو ۽ وهنوار ۾ سچائيءَ سان نٿو هلي.

(٩) گورمک سنساري ماڻهن سان گهڻو پيار نٿو ڪري ۽ ڀوڳن جي چاهه ۽ آس نٿو رکي. هن کي سئر ۽ تماشي جو شوق نه ٿيندو آهي. هن کي رڳو ستگور جي چرنن جي پراپتيءَ جي چاهنا رهي ٿي ۽ انهيءَ جي آنند ۾ ئي مگن رهي ٿو.

منمکھ من ۽ اندرين کي دٻائڻ پسند نه ڪري ۽
ڪنھن جو بہ دٻاءُ يا حڪم مڃڻ نه چاھي. ھو ٻئي ڪنھن
جي ساراه يا وڏائي نه سھي سگھي.

(٣) گورمکھ ڪنھن تي بہ زبردستي نه ڪري ۽ سڀني
جي خاطري ۽ سيوا ڪرڻ لاءِ تيار رھي ٿو ۽ ٻين جو
اپڪار ڪرڻ چاھي ٿو. ھو پنھنجي پوڄا ۽ عزت جي
چاھنا نه رکي. ھو ستگور جي يادگيريءَ ۽ ھن جي
چرنن ۾ لنولين رھي ٿو.

منمکھ ٻين تي حڪم ھلائي ٿو ۽ ٻين کان پنھنجي سيوا
ڪرائي ٿو ۽ پنھنجو مان چاھي ٿو. ھو پنھنجي مطلب
کان سواءِ ٻين سان پريت نه ڪري ۽ خوشيءَ سان
پنھنجي پوڄا ۽ عزت ڪرائي ٿو. ھو پنھنجي ستگور
جي چرنن ۾ لنولين نه رھي.

(٤) گورمکھ نمرتا ۽ نھٺائي نه ڇڏي ۽ جڏھن بہ ڪير
سندس نندا ڪري ٿو يا سندس انادر ۽ بي عزتي ڪري
ٿو تہ ھو دکي نه ٿئي بلڪ ھو ان ۾ پنھنجي ڀلائي
سمجھي ٿو.

منمکھ نندا ۽ بي عزتيءَ کان ڊڄي ٿو ۽ پنھنجو انادر
خوشيءَ سان نه سھي ۽ پنھنجي وڏائي چاھي ٿو.

(٥) گورمکھ سيوا ڪرڻ ۾ آلس نه ڪري ۽ ڪڏھن بہ
سست ٿي ويھڻ نه چاھي.

منمکھ شرير جو آرام چاھي ٿو ۽ سيوا ڪرڻ ۾ سستي
ڪري ٿو.

(٦) گورمکھ نمرتا ۽ سادگيءَ سان ھلي ٿو. جيڪو رکو سکو
کاڌو يا سادو سوڌو ڪپڙو کيس ملي ٿو تنھن ۾ راضي
رھي ٿو.

منمکھ سدا سٺا سٺا طعام چاھي ٿو ۽ انھن جو وچار

۽ رمز شش نٿو سمجهي سگهي پر ستگور چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ جي هو چاهي ته شش کي اهو محسوس ڪرائي ٿو. هو شبد روپ، سرت روپ، برهم روپ، آنند روپ ۽ هرڪو روپ آهي ۽ پوءِ به اَروپ آهي.

٢٦٣. ستگور پنهنجي ديا سان سدائين جيو جي سنڀال ڪندا رهن ٿا ۽ چاهين ٿا ته سڀئي شش سندن چرنن ۾ پڪي پريت ۽ وشواس رکن، پر هيءُ من نٿو چاهي ته جيوُ انهيءَ اوستا کي پراپت ڪري تنهن ڪري هوُ جيو کي پوڄڻ ڏانهن کيڏهي ٿو ۽ جيو کي پنهنجي حڪم ۾ هلائڻ چاهي ٿو. تنهن ڪري جيون کي گهرجي ته من جي دغا ۽ دولاب کان بچي ستگور جي چرنن جي اساد ۾ رهن ۽ من جي جار ۾ نه ڦاسن.

سڀاڻپ ۽ سنڀال واسطي، گورمک ۽ ممک جي لڇڻن جو، ٿورو حال هيٺ ڏجي ٿو، جنهن سان پنهنجي حالت جي پيت ڪندو رهجي.

(١) گورمک هر ڪنهن سان سچو ورتاءُ ڪري ٿو ۽ برائيءَ جي ڳالهين کان پري رهي ٿو. هو ڪنهن کي به دوکو نٿو ڏئي ۽ هو جيڪو ڪم ڪري ٿو سو ستگور لاءِ ڪري ٿو ۽ هن جي ديا تي ڀروسو رکي ٿو.

ممک چالاڪيءَ ۽ ڪپٽ سان هلي ٿو. هوُ پنهنجي مطلب واسطي ٻين کي دوکو ڏئي ٿو. هوُ پنهنجي بڌيءَ ۽ چالاڪيءَ تي ڀروسو رکي ٿو ۽ پاڻ کي مشهور ڪرڻ چاهي ٿو.

(٢) گورمک، من ۽ اندرين کي روڪي ٿو ۽ اندر ۾ نماڻو رهندو آهي ۽ طعني يا ٽوڪبازي جي وچنن کي سهندو آهي ۽ نصيحت کي پيار سان ٻڌي ٿو. هو پنهنجي وڏائي نٿو چاهي.

ڪرڻي اچائي وڃي ٿي ڇاڪاڻ ته نام ستگر جي وس آهي. جيڪو ستگر کي ڇڏيندو انهن کي نام ۽ رام ڀڳتي ماندا پر جيڪو ستگر کان نام وٺي ۽ ستگر سان پيار نه ڪندو انهن کي به (آنديون) نام حاصل نه ٿيندو.

٢٦٠. سنتن جو نام اکوچر* آهي ۽ وايدن جو نام گوچر آهي. جيڪو نام گوچر آهي اهو ست نام يعني سچو نام ٿي نٿو سگهي. جڏهن نام است يعني سچو نه هوندو ته ان جو استان (region) ۽ روپ (form) به سچو نه هوندو پر سنتن جو نام به سچو آهي ۽ انهي٭ جو استان ۽ روپ به سچو آهي ڇاڪاڻ ته جيڪو ورن آتمڪ نام° آهي انهن جي ذريعي صفائي ٿي سگهي ٿي پر سرت مٿي نٿي چڙهي سگهي ۽ ڌن آتمڪ نام● ذريعي سرت پنڊ مان برهمنڊ ۾ چڙهي پنهنجي نج استان يعني ست لوڪ ۾ پهچي سگهي ٿي. اهو ڌن آتمڪ نام سنتن کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽان به حاصل ٿي نٿو سگهجي. جنهن جا وڏا ڀاڳ آهن انهن کي اهو نام پراپت ٿئي ٿو.

٢٦١. جڏهن ڪنهن به طرح جي تڪليف ٿئي ته ان وقت حضور ستگر کي ياد ڪجي. ستگر سدائين شش وٽ انگ روپ ۾ موجود آهي. ڪال ۽ ڪرم انهي٭ روپ جي واجهو نٿا اچي سگهن. هو پري پري کان ڀڄي ڊڄارن ٿا ۽ ڀڄ به ڏجن ٿا. ستگر جي گود ۾ ڪنهن به قسم جو ڊپ ناهي. ستگر هر وقت رکشا ڪرڻ لاءِ موجود آهي ۽ هر وقت پنهنجي شش جي سنڀال ڪندو رهي ٿو. ستگر جي موج

* اندرين جي پهچ کان پري
° جو لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچي سگهي.
● جو لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ نه اچي سگهي.

ستگور جي ڪوج ڪري هن جي شرن ونو. جن انهن جا وچن مڃيا ۽ پوري ستگور جي ڪوج ڪري هن جي شرن ورتي آهي، انهن کي گهرجي ته هينئر ستگور کي ئي پنهنجو مالڪ ۽ پتي سمجهن.

٢٥٧. جيو کي گهرجي ته هميشه ستگور جي ڪرپا ۽ هنجي ديا خيال ۾ رکي ۽ اهو ويچاري ته ڪيئن نه ستگور مونکي چوراسيءَ کان بچايو آهي ۽ منهنجا ڪرم ۽ ڀرم ڪاٽيا اٿس يعني ليرتن ۽ ورتن کان بچايو ۽ پٽڪڻ کان ڇڏايو ۽ سچي شبد مارگ ۾ لڳو ڪيو آهي. جڏهن هن جي پريت ستگور سان لڳندي ۽ سندس من ۾ ڀرم نه ايندا. تنهنڪري هميشه ستگور جي ديا ۽ مهر کي ياد ڪرڻ ضروري آهي.

٢٥٨. وديا وان گروه مان جيو جا شڪ ۽ سنسا دور نٿا ٿي سگهن، البت بحث مباحثو خوب ٿئي ٿو. جڏهن هڪ سلوڪ جا چار يا زياده ارٿ ڪيا ويا ته ماڻهن کي پاڻ وڌيڪ سنسي ۽ مونجهاري ۾ وڌو ويو. هو ڪهڙي ارٿ کي مڃين؟ جنهن ڳالهه جي، جيو جي ڪلياڻ واسطي ضرورت هئي، تنهن کي ڇنڊ ڇاڻ ڪري چڱيءَ طرح نه ٻڌايو ويو ته پوءِ جيو مڪتيءَ جو رستو ڪيئن پائيندا ۽ ڪهڙو اتن ڪندا؟ تنهن ڪري اهو گرو ڳولهڻ گهرجي جنهن کي خود پنهنجي ڳالهه جي خاطري هجي. جيستائين اهو نه ملندو تيستائين ڪارج سڌ نه ٿيندو. هيءَ سون جهڙي جا نرديهي ملي آهي تنهن کي ائين ۽ اوڻ وانگر، پنڊتن، ڀيک ڌارڻ ۽ واچڪ گيانين جي سنگ ۾ اجائي قدريءَ سان نه وڃائجي ۽ پوري ستگور جي ڳولا ڪري هن جي شيوا ۽ ستسنگ ڪجي.

٢٥٩. جيڪي ماڻهو ”ست نام“، ۽ ”رام“ جو سمرن ڪن ٿا ۽ ستگور سان پريت نٿا ڪن، انهن جي اها

ڇوڙڻ لاءِ ٻاهر نه نڪرندس.۲۲ انهن اهو ٻڌي ٻس، تم آيو
واڻ، اُتي ٻاٻا گورو صاحب اچي پرگٽ ٿيو ۽ هن شش کي
پنهنجي گلي سان لڳايو ۽ هڪدم ڪيس پنهنجي گهر وٺي آيو.
هاڻ خيال ڪر ته ڪهڙي نه ايڏي صاحب محبت، انهن
۽ گوروءَ جي گوروءَ جو جيڪو آواز آيو هو، اهو شش جي
امتحان ۽ پرکڻا جي واسطي هو. جڏهن هو گوروءَ ڪتا ۾ سچو
۽ پورو ثابت ٿيو، تڏهن گورو صاحب ٻاهر پرگٽ ٿيو ۽ هن
شش کي بچائي ورتو. انهن جهڙي جهونن کي ڪهڙي نه جهتري
قدر ٿي سگهي؟ سنگور سان اهڙي مضبوط ۽ سچي پريت ۽
پرليت ڪن.

۲۵۵. پورو ٿا اسري پنهنجي پتيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن
کي مرد لکي سمجهي ٻئي سڀني کي ابو سڳو سمجهي ٿي ۽
ٻالڪ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي پرليت ۾ ساري ڄمار ٿو گذاري.
اهڙي طرح، جيڪي سنگور جا شش آهن انهن کي ٻه گهرجي
ته پنهنجي سنگور کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ٻه پنهنجو مالڪ ۽
مڪتي دا تا نه سمجهن. جيڪي گذري ويل سنت آهن تن
کي اوستائين عجين جيستائين ڪين پنهنجي وقت جو پورو
ستگورو نه مليو آهي. جڏهن اهڙو ستگورو ملي ويو، تڏهن
پورو ٿا اسريءَ وانگر پنهنجو سڀ ڪجهه انهيءَ کي ئي سمجهن
۽ ٻئي ڪنهن ۾ ڪو نشچو نه رکن.

۲۵۶. جيڪي وچ وارا ٿيندا آهن سي مڱڻو ۽ شادي
ڪرائي، گيوند ڪمائي جو مطلب ڪندا آهن ۽ ڪمائي کي
سمجهائيندا آهن ته ڏس! تون پنهنجي پتيءَ کانسواءِ ٻئي
ڪنهن سان ٻه پريم نه ڪج ۽ اسانجو اهڙو ئي خيال رکج
جيئن اڳي جو رکندي آهين. اهڙيءَ طرح گرو نانڪ صاحب
۽ جيڪي ٻيا سنت ٿي ويا آهن انهن وچ وارن جو ڪم ڪيو
آهي يعني پنهنجي گرتي ۽ ٻانهيءَ ۾ لڳي ويا آهن ته اوري

ڻ لائق آهي. وچ! تون هيٺئر ٿي
اهو شش پڙرو ڪو رمڪ هو، سو
وڻ لڳو ته جيڪو ستگورو جو
وقت مولوي سان گڏ جهاز ۾ چڙهي
جهاز ڪجهه اڳيرو ويو ته زبردست
تي ٿيو ۽ جيڪي به مسافر جهاز ۾
شش کي هڪ لڪتو هٿ لڳي ويو
ري دريا ۾ هي ۽ ٻڏڻ لڳي هو
ٻب مان ٻاهر نڪتو ۽ آواز آيو ته
ب ته مان توکي بچايان" لڏهن شش
؟" آواز آيو ته "مان پيغمبر آهيان."
نکي خبر ناهي ته پيغمبر صاحب
ستگور کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به
ٿ غائب ٿي ويو. ٿوري دير
لي لڙهندو ۽ غوطا کائيندو ٻئي
تو ۽ آواز آيو "منهنجو هٿ پڪڙ
ڇيو ته "تون ڪير آهين؟" آواز
شور آهيان." هن اهوئي جواب
ڄو گورو آهي، ٻئي خدا کي مان
هو هٿ پڻ گم ٿي ويو. ڪجهه
ٻاهر نڪتو، اهو هٿ هو،
ڇيو ته "مان توهنجي
پنهنجو هٿ ڏي ته مان
شش جواب ڏنو، "چاهي
ي ستگور کانسواءِ پنهنجو
ٿوءِ چاهي اهو ڪير به
، ٻئي ڪنهن جي به

ڪئي ۽ نه ڏيندو. انهيءَ حالت ۾ چيلي کي گهرجي ته هن
سان ڪره واسطو نه رکي ۽ ٻاڻ توڙي ستگرو جي شرڻ
۾ اچي.

٢٥٣. جڏهن اوهين ستگرو کي مالڪ چئي چڪا آهيو ته
پوءِ ٻيو مالڪ ڪٿان آيو؟ جنهن کي اوهين ٻيو ۽ وڏو سمجهو
ٿا، اوهان جو ته هڪ ستگرو ئي مالڪ آهي. هن جيڪو
ديهه ڌاري سروپ ڌاريو آهي، انهن مان ئي ٻيوان اوهان
جو ڪارج ٿيندو. هن جو ٻيو سروپ سچي مالڪ يعني
ست پرش راڌا سواميءَ جو آهي ۽ هو ئي اوهان جو سچو
بادشاهه آهي.

٢٥٤. ڳالهه ٿا ڪن ته دکن ۾ هڪ هنڌ هڪ فقير صاحب،
جو هڪ ڪامل گرو رهندو هو ۽ هن جو هڪ شش
انبالت ۾ گورمک هو. هڪ ڏينهن جڏهن هن فقير صاحب
جو ستسنگ پئي هليو ته هڪ مسلمان مولوي جو مڪي وڃڻ
واسطي تيار هو سو اچي آيو. هن فقير صاحب کي چيو ته
"مڪو ۽ ڪعبو، امام سرنشت ۽ آسمان آهن. اوهانجي
شيوڪن کي به الي درشن واسطي وڃڻ گهرجي،" ۽ پڻ به
هر طرح سان مڪي ۽ ڪعبي جي تعريف ڪرڻ لڳو. انهيءَ
وقت فقير صاحب جو اهو شش الي ويٺو هو، اهو ڏاڍو
غصي ٿيو ۽ انهيءَ مولويءَ کي ڪنڌ کان جهلي، هن جو سر
فقير صاحب جي چرڻن ۾ ڪڍي رکيو ۽ چيو، "ڏس اسان
گرو ڏهن مڪا ڪعبا هنن چرڻن ۾ موجود آهن." جڏهن
فقير صاحب ڪنهن حاجت لاءِ اٿان اٿي گورو ٻاهر ويو ته هن
انهيءَ شش ۽ مولويءَ جي وچ ۾ خوب بحث مباحثو ٿيو.
جڏهن فقير صاحب موٽي آيو ته هن مولويءَ هن شش لاءِ
شڪايت ڪئي. انهيءَ وقت گرو صاحب پڇيس شش کي
سمجهايو ته مڪو امام سنڌ آهي ۽ جيڪي مولوي چوي ٿو

ٿي ٿي نرٻي ۽ ٿڪن ٻاهر کي نڪتي سان ڇڏين
۽ جيڪي سمت ستگور جي ڀڳتي ڪن ٿا اهي ڪل مالڪ
جي ڀڳتي ڪندا. ڇاڪاڻ تہ وقت جي پوري ستگور ۽
ڪل مالڪ ۾ ڪو بہ تفاوت ناهي. ٻئي هڪ روپ آهن.

٢٥٠. جڏهن ڪي پورو ستگور مليو آهي ۽ هو انهيءَ جي شيوا، ستسنگ، پريت ڪري ٿو ۽ سندس نشچو رکي ٿو پر جيڪڏهن هن جو اندروني واڌارو اڃا نہ ٿيو آهي ۽ تنهن عرصي ۾ سندس ستگور چولو ڇڏي وڃي تہ هن کي پنهنجي ستگور ۾ اهوئي ساڳيو پريم ۽ وشواس رکڻ گهرجي ۽ هن جي سروپ جو ڌيان ۽ هن جي ٻڌايل جڳتيءَ موجب ابياس ڪندو رهي. آخر ۾ اهوئي ستگور انهيءَ روپ ۾، شش جي محنت موجب سندس ڪارج راس ڪندو.

٢٥١. جڏهن ماڻهوءَ کي شروع ۾ ئي اڌورو گورو مليو آهي جنهن کي شبد جو ڀيد معلوم نہ آهي ۽ پوءِ وري ڪيس شبد جو ڀيدي گورو ملي وڃي تہ هن کي گهرجي تہ پهرئين گوروءَ کي ڇڏي. (شبد ڀيدي) ستگور جي شرن وٺي.

”جهوٺي گور ڪي ٽيڪ ڪو تجت نہ ڪيجي بار،
دوار نہ پاوي شبد ڪا ڀٽڪي بار بار.“

باڪ انهيءَ گوروءَ کي بہ مناسب آهي تہ پنهنجن چيلن سان گڏ ستگور جي شرن ۾ اچي ۽ انهيءَ کان پنهنجي مکتي ڪرائي.

٢٥٢. جڏهن ڪي شبد ڀيدي گورو ملي ٿو پر اهو اڃا پورو ناهي ۽ پوءِ هن کي شبد مارگي پورو ستگور ملي تہ هن کي گهرجي تہ پهرئين گوروءَ کي پوري ستگور ۾ سمائل سمجهي، ستگور جي شرن وٺي ۽ سندس گوروءَ لاءِ بہ ضروري آهي تہ هو بہ چيلي جو ساٿ ڏئي ۽ پاڻ بہ ستگور جي شرن وٺي پر جيڪڏهن هو اهڙو وارو ۽ اهنڪاري آهي تہ ستگور جي

حساب سان اهڙو ڪٿي رهيو؟ جڏهن ايڏو ٿي نه رهيو ته اپاسنا ڪهڙي جي ڪجي؟ جاڪاڻ ته انهيءَ روپ، اينا ۽ ذات، ڪاسواءِ اپاسنا ٿئي ٿي سگهي. انهيءَ سبب ڪري اهڙا مالڪ فلاڻيءَ ۾ بيا آهن ۽ انهيءَ سبب ڪري هن جو گيان واپڪ گيان آهي. هن ڪري ۽ اپاسنا ڪرڻ ڪاسواءِ، ڪتاب پڙهي ۽ ٻڌيءَ سان وچاري اهو گيان حاصل ڪيو آهي. جي ڪهڻ کي (ويدن موجب) اپاسنا ڪري سچو گيان ٿيو نه آهي ته هو سنتن جي ڪرم جي حد اندر آهي. سنتن جو اڄ ديش انهيءَ کان ڪيڏو اڳتي ۽ اوچو آهي. جيڪي ڪرم ويد ۾ لکيل آهن اهي انهن ٻهڪن جا آهن. ٻيو اهي ڪرم اڄ ڪالهه جي ماڻهن کان وڌيڪ پورو ڪري ٿي سگهيا ۽ انڪو انهن مان اهو اڄوڻ ڦل ملندو. هن زماني ۾ جي ڪير ڪرم ڪرڻ چاهي ته اهو ٻه سنتن جي رهبريءَ هيٺ ۽ جي اپاسنا ڪرڻ چاهي ته اها به سنتن جي ڏنل ولي ڪندو ته پوءِ هن جو ڪارج راس ٿيندو. انهيءَ هوندي وانهي جي سنالس ۽ انهيءَ کان ٻري ٻهچندو. ٻئي ڪهڻ ۾ طريقي سان هن واسطو مجهه حاصل ڪري نه سگهيو.

٢٤٩. مالڪ جي درٻار ۾، ٻئي ڪن سواءِ ٻيو ڪير ٻه نٿو وڃي سگهي. جيڪي رشي، مني، جوڳي، جتي، گيالسي، سنياسي ۽ ٻيا هٿس ٿيا آهن ۽ پهچي ڪري ۾ پورا ٻه هئا مگر هو مالڪ جي درٻار ۾ داخل ٿي نه سگهيا، جاڪاڻ ته اهنڪاري هئا ۽ گورو ڌارڻ ڪين ڪيو هئائون. هن جا ڪرامت سڪورو ته مليو هو ۽ هن زماني ۾ جيڪي ماڻهو هن کي سنت پڙهي باڻ ڪي پورڻ سمجهن ٿا ۽ جيڪا ڪرامت يا ڪمائي ڪن (ڪرڻ جي رهنداڻ) ڪئي ٿي نڌون جو هو ڪون ڪريو ۽ ٻيا ڪن ۽ سنت سڪورو جي ٻڌا ڪن ٿا ته پوءِ هو مالڪ جي درٻار ۾ داخل ٿيندا؟

هاڻي سيني کي گهرجي ته هن ڏاڍه کي نشچي سان مڃين
جيڪي سنت ستگور جي ڀڳتي ڪن ٿا اهي ڪل مالڪ
ي ڀڳتي ڪندا. ڇاڪاڻ تہ وقت جي پوري ستگور ۽
ڪل مالڪ ۾ ڪو به تفاوت ناهي. ٻئي هڪ روپ آهن.

٢٥٠. جنهن کي پورو ستگور مليو آهي ۽ هو انهيءَ جي
بول ستسنگ، پرانت ڪري ٿو ۽ سندس نشچو رکي ٿو پر
ڪڏهن هن جو اندروني واڌارو اچا نہ ٿيو آهي ۽ لنهن
ي ۾ سندس ستگور چولو ڇڏي وڃي تہ هن کي پنهنجي
نگور ۾ اهوئي ساڳيو پريم ۽ وشواس رکڻ گهرجي ۽ هنجي
روپ جو ڌيان ۽ هن جي ٻڌايل جڳتيءَ موجب ابياس ڪندو
هي. آخر ۾ اهوئي ستگور انهيءَ روپ ۾، شش جي
نمت موجب سندس ڪارج واس ڪندو.

٢٥١. جنهن ماٺهوءَ کي شروع ۾ ئي اهڙو گورو مليو آهي
نهن کي شبد جو ڀيد معلوم نہ آهي ۽ پوءِ وري ڪيس شبد
و ڀيدي گورو ملي وڃي تو تہ هن کي گهرجي تہ پهرئين
روءَ کي ڇڏي. (شبد ڀيدي) ستگور جي شرڻ وٺي.

”جهوٺي گور کي ٽيڪ ڪو لڄت نہ ڪيجي بار،
دوار نہ پاوي شبد ڪا ڀٽڪي بار بار.“

پاڪ انهيءَ گوروءَ کي بہ مناسب آهي تہ پنهنجن چيلن
ن گڏ ستگور جي شرڻ ۾ اچي ۽ انهيءَ کان پنهنجي مڪتي
ڪرائي.

٢٥٢. جنهن کي شبد ڀيدي گورو ملي تو پر اهو اچا پورو
هي ۽ پوءِ هن کي شبد مارگي پورو ستگور ملي تو تہ هنکي
رجي تہ پهرئين گوروءَ کي پوري ستگور ۾ سمائل سمجهي،
نگور جي شرڻ وٺي ۽ سندس گوروءَ لاءِ بہ ضروري آهي
هو بہ چيلي جو ساٿ ڏئي ۽ پاڻ بہ ستگور جي شرڻ وٺي
جيڪڏهن هو اهڙا وارو ۽ اهنڪاري آهي تہ ستگور جي

حساب سان انڌو ڪيئن رهندو؟ جڏهن انڌو ٿي نه رهندو ته اُپاسنا ڪنهن جي ڪندي؟ ڇاڪاڻ ته الڳ روپ، ايلا ۽ ڌارڻ ڪانسواءِ اُپاسنا ٿي نٿي سگهي. انهيءَ سبب ڪري اهڙا ماڻهو غلطيءَ ۾ پيا آهن ۽ انهيءَ سبب ڪري هنن جو گيان، واچڪ گيان آهي. هنن ڪرم ۽ اُپاسنا ڪرڻ ڪانسواءِ، ڪتاب پڙهي ۽ ٻڌيءَ سان وچاري اهو گيان حاصل ڪيو آهي. جي ڪنهن کي (ورلن موجب) اُپاسنا ڪري سچو گيان ٿيو به آهي ته به هو سنتن جي ڪرم جي حد اندر آهي. سنتن جو ديش انهيءَ کان گهڻو اڳتي ۽ اوچو آهي. جيڪي ڪرم ويد ۾ لکيل آهن اهي انهن جُڳن جا آهن. نڪو اهي ڪرم اڄ ڪالهه جي ماڻهن کان وڏيءَ پوروڪ ٿي سگهندا ۽ نڪو انهن مان اهو اهڙو ڦل ملندو. هن زماني ۾ جي ڪير ڪرم ڪرڻ چاهي ته اهو به سنتن جي رهبريءَ هيٺ ۽ جي اُپاسنا ڪرڻ چاهي ته اها به سنتن جي دِيا وٺي ڪندو ته پوءِ هن جو ڪارج راس ٿيندو. اهي هڙ ويد جي سدانتن ۽ انهن کان پري پهچندو. ٻي ڪنهن به طريقي سان هن وقت ڪجهه حاصل ڪري نه سگهندو.

۲۴۹. مالڪ جي دربار ۾، پريمن کان سواءِ ٻيو ڪير به نه وڃي سگهي. جيڪي رشي، مُني، جوڳي، جتي، گيانِي، سنياسي ۽ ٻيا هلي ويا آهن ۽ پنهنجي مت ۾ پورا به هئا مگر هو مالڪ جي دربار ۾ داخل ٿي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته اهنڪاري هئا ۽ گرو ڌارڻ نه ڪيو هئائون. هنن جا گرو ستگورو نه هئا ۽ هن زماني ۾ جيڪي ماڻهو هنن کي سنت پڙهي ٻاڻي کي پورڻ سمجهن ٿا ۽ جيڪا ڪرڻي يا ڪمائي هنن (گرنٿن جي رچيندڙن) ڪئي هئي تنهن جو چوٿون حصو به نٿا ڪن ۽ سنت ستگور جي نندا ڪن ٿا ته پوءِ هو ڪيئن مالڪ جي دربار ۾ داخل ٿيندا؟

سنت چون ٿا تہ انهيءَ چوڻ جو مطلب اهوئي آهي تہ
ستگور جي شرن وڃڻ، ڇاڪاڻ تہ هري ۽ گورو هڪ
آهن. انهيءَ ڪري وقت جي ستگور جي شرن وڃڻ گورو جي
لڌهن اهو نام جنهن کي پتت اڌارن يعني پاپين جو اڌار
ڪندڙ چون ٿا، اهو ملندو ۽ انهيءَ نام جي ڪمائي ساڌ سنگ
مان ٿيندي يعني ٻيا سڀ سنگ ڇڏي پهريان ساڌ جو سنگ
ڪجي لڌهن ڪمائي ٿيندي ۽ اها ڳالهہ معلوم هئڻ گهرجي
ماتا، پتا، پٽ، استري ۽ ٻين سنساري ماڻهن جو سنگ،
ڪسنگ آهي ڇاڪاڻ تہ انهن جي سنگت، نہ ستگور جي شرن
۾ وٺي وڃي ٿي ۽ نہ انهيءَ مان ڪيس نام ملندو ۽ نہ
ساڌ سنگ حاصل ٿيندو. پر جي پورو ستگور پنهنجي مهر ۽
ديا ڪري تہ سڀ ڪم ٺاهي ڇڏي.

٢٤٨. اصل ۾ سنتن جي مت جي راهہ ۽ ويدن جي مت
جي راهہ ۾ وروڌ تہ آهي. پر سنتن جو سڌانت، ويدن
جي سڌانت کان تمام اوچو آهي. ويدن ۾ چيل آهي، ڪرم
۽ اُپاسنا ڪرڻ گهرجي، سو سنت پڻ اهوئي ٿا چون تہ
پهريان ستگور جي سيوا ڪن، من ۽ تن سان ڪريو ۽ هن جو
ستسنگ ڪريو. اهو سڀ ڪرم آهي ۽ جيڪو ستگور اندر
۾ نام يعني شبد جو ڀيد ٻڌائي انهيءَ ۾ سرت جو لڳائڻ اها
اُپاسنا آهي. ويدن ۾ جيو ۽ ايشور جا ٽي سروپ لکيل
آهن يعني وشو، تيجس ۽ پراگ. اهي ٽي روپ جيو جا
آهن. ويراٽ، هرن گرڀ ۽ اديا ڪرت، اهي ٽي روپ
ايشور جا آهن. اڄڪلهہ جا گياني ايشور کي ٿا مڃين. هنن
جو چوڻ آهي تہ ٿورن ماڻهن جو ميڙ هڪ ٽولي آهي، هڪ
هزار ماڻهن جي فوج هڪ پلٽڻ آهي. اهڙو ئي، هو ايشور
کي سمجهن ٿا. جڏهن ٽوليءَ يا پلٽڻ جا ماڻهو جدا جدا ٿي
ويا تہ پوءِ اهو نالو يعني ٽولي يا پلٽڻ بہ نہ رهيو. انهيءَ

هندا آيا آهن. ڳالهه نه ست لوڪ ۽ مرڻي وڃي لٿو
ڳهي، پر جنهن جيو کي ستگور ملي وڃي ٿو نه انهيءَ جي
را ۽ شبدا جي پرتاپ سان هن جا پردا لهي سگهن ٿا ۽ هو
وري مرڻي ست لوڪ ۾ وڃي سگهي ٿو. انهن پردن جي
لهڻ ڪالسراءِ، هي پنهنجي گهر لٿو پهچي سگهي ٿو ۽ اهي پردا
شبد ۽ ستگور جي شبدا ۽ هنجي پرلت ڪالسراءِ نه لهندا.
٢٤٦. جيستائين آتما آلک جي گهيري کان ٻري نه
پهچندي تيستائين هن کي مڪتي پراپت نه ٿيندي. آلک
تالو من جا ڳال جو آهي. چاڪاڻ ته ڳال جيو کي ڪائيندو
پير وڃي ۽ ذ سڙ ۾ ٿو اچي. جيڪڏهن انسان کي (مالڪ
جي) سچي تڙپ آهي نه اِها سڀ جتن چڏي هڪ پورن
ستگور جي شرن ۾ پوي نه پوءِ هن جو ڪم راس ٿيندو،
چاڪاڻ ته ستن انهيءَ الک يعني ڳال کي چالو آهي ۽
اهيئي هن جيو کي آلک جي گهيري کان ٻاهر ڪڍائي سگهن
ٿا. تيئي لوڪ ۽ جيڪي ۾ اوتار يا ديوتائون ٿي ويا آهن پر سڀ
اهي سڀ آلک جي گهيري کان ٻاهر نه ويا آهن جيڪو هن جي
انهيءَ کان ٻري پهتل آهن، ڪٿهن ڪري جيڪو هن جي
شرن وٺندو سو به ڳال جي حد کان ٻاهر ٿي ويندو ۽
جيڪو گدري والن جي ٽيڪ ۾ رهندو ۽ موجوده وقت جي
ستگور ۾ پيار ۽ ڀروسو وشواس نه ڪندو، اهو ستن جي سچي
پيد کي نه حاصل ڪندو ۽ ڳال جي جار مان ٻاهر نه ويندو.
٢٤٧. ائين چيل آهي نه هريءَ جي چرڻن جي شرن وٺڻ
سان جيو جو اڌار ٿيندو. هاڻ ويچار ڪرڻو نه انهيءَ هريءَ
کي ڪٿي ڳولي؟ هن کي نه چوندا آهن، نه روپ
آهي نه ديهه. جڏهن هريءَ جي چرڻن جي شرن جي ڳالهه
ڪن ٿا نه سندس چرڻ ضرور هوندا ۽ جي هن جا چرڻ
هوندا نه سندس ديهه به هوندي، نه اهڙو هري ڪٿي آهي؟

وڃي ته هو پنهنجي ڪرپا سان، شيوڪ جون سڀ ڪميون
پوريون ڪري ڇڏي ٿو.

٢٤٣. جڏهن ڏيڻ وارو ڪنهن کي ڪجهه ڏيندو آهي
تڏهن هو پنهنجو همت باهر ڏيکاريندو آهي. اهڙيءَ طرح
مالڪ جڏهن ديا ڪري ٿو تڏهن برسات وسائي ٿو پر انهيءَ
مان دنيا کي فائدو رسندو آهي؛ جڏهن پرارٿين تي ديا
ڪري ٿو تڏهن هنن تي پريم جي برسات وسائيندو آهي.
ڪنهن ۾ ٻيا سڀ گڻ هجن پر پريم نه هجي ته پوءِ اهو
خالي آهي؛ جنهن ۾ ڪو گڻ ناهي پر پريم آهي، اهوئي
مالڪ جي دربار ۾ وڃي سگهندو. تنهن ڪري مکيه ڳالهه
پريم آهي؛ اهو پريم، ستگور جي ڀڳتيءَ کان سواءِ نٿو ملي.

٢٤٤. سنت جڏهن انهيءَ پد کي بي انت ڪوٺين ٿا،
تڏهن انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته ڪو هنن انهيءَ پد جو انت
معلوم ڪيو آهي يا نه پاتو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي
ته اتي جيڪو آنند آهي، اهو بي انت آهي؛ سنت انهيءَ
آنند ۾، جيئن مڇلي پاڻيءَ ۾ رهندي آهي تيئن رهن ٿا.
پر جيڪڏهن ڪير چوي ته مڇليءَ جل جو انت نه ڄاتو
آهي يا نه پاتو آهي ته اها ڳالهه غلط آهي. جيڪي جل سان
جل روپ ٿي ويا آهن انهن جي ڪجهه به تعريف ناهي.
اها انهن جي آهي جي مڇلي روپ ٿي، پاڻيءَ ۾ رهي ان
آنند ماڻين ٿا.

٢٤٥. ڪال جي گهرڪائڻ سان جيو کي موڪش نٿو ملي
ڇاڪاڻ ته سرت ڇيتن آهي انهيءَ کي ڪال نٿو کائي
سگهي. ڪال شرير کي کائي ٿو، ڪنهن کي پاڻيءَ ڏوارن،
ڪنهن کي اگنيءَ ڏوارن ۽ ڪنهن کي ڌرتيءَ ڏوارن. ڪال
آتما جو پاڻ ۾ ميل نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته جڏهن کان وڃي
ست لوڪ مان هيٺ آيل آهن، انهن تي پردن مٿان پردا

٢٤٠. جيستائين تت سان تت نه ملندو تيستائين ڪم پورو نه ٿيندو. پنجن اصول تتن جو ڪارڻ سرت آهي ۽ سرت جو ڪارڻ شبد آهي. انهن پنجن جي جهڳڙي ۾ پوڻ سان ڪجهه به فائدو نه ٿيندو. سرت تت کي شبد تت ۾ ملائڻ سان ڪم پورو ٿيندو. پر اها ڳالهه به پوري ستگور جي دَيا کان سواءِ حاصل نه ٿيندي. انهيءَ ڪري پورن ستگور جي کوج ۽ هن جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

٢٤١. جهڙي طرح پپيهو مينهن جي بوند لاءِ، هڪ جهنگل مان اُڏي ۾ ڦري ٿو ۽ اُڏي ڪڪرن ۾ پاڻيءَ جي بوند لاءِ ٿو پٽي، پڪارڻ ته اُڏي ڪڪرن ۾ بوند مان هن جي پياس لٿي ٻجهي، مالڪ ۾ اها هن جي سچي تڙپ ڏسي مينهن وسائيندو آهي ۽ هن جي پياس اجهائيندو آهي. ساڳيءَ طرح جيڪي ستگور جا سچا پوئلڳ آهن ۽ هن جي پولا ۾ لڳا رهن ٿا، اهي ڪي ستگور ۾ نام حاصل ٿيندا، ليڪن اهو هر هڪ جو ڪم ناهي جو هن رستي ۾ قدم رکي سگهي.

٢٤٢. شيوڪ چوي ٿو، مهنجي اها آس آهي ته مان پاڻ کي مينديءَ وانگر پيهي، ستگور جي چرڻن ۾ لڳايان پر ستگور هميشه قبول نٿا ڪن. خير! مون ته پهنجي من کي مينديءَ وانگر پيهي تيار ڪري رکيو آهي، جڏهن به سندن موج ٿئي تڏهن چرڻن ۾ لڳائين. شيوڪ جو فرض اهو ئي آهي ته اندري محنت ۽ ڪوشش ڪري من کي پيهي ڇڏي ۽ پوءِ به ستگور منظور نه ڪري ته به پهنجي دعا نه ڇڏي پر ستگور جي موج تي راضي رهي. اهڙي حالت نه ٿئي جو ٿوري شيوا ڪري ۽ جي اها منظور نه ٿئي ته ستگور ۾ اٻاڻ اچي وڃي. انهيءَ جو نالو شيوڪي ناهي، اهو ته پاڻ ستگور کي شيوڪ بڻائڻو آهي. جيڪڏهن اها حالت آهي ته مون ڪيئن ٻيهر وٺندو؟ پر پاڻ سان جي ديال ستگور ملي

ڳالھہ ستگرو جي پوري پريت ڪرڻ سان ئي حاصل ٿيندي.

٢٣٦. جن ڪـي هيٺئر انسان جـو جنم مليو آهــي، اُهــي جيڪڏهن ستگرو جي ڳولا نٿا ڪن تہ هوُ چوراسيءَ ۾ وڃندا ۽ وري ڪين نرڊاهي نہ ملندي. تنهــن ڪري هيٺئر وجهہ آهي پنهنجي ڪارج ساڌڻ جو يعني مڪتي حاصل ڪرڻ جو. جي اهو وجهہ هٿن مان ويو تہ وري وجهہ نہ ملندو.

٢٣٧. ڀاهرين شيوا ۽ ٽهل جا ماڻهو اڪثر ڪمتا تنهن مان سچي ۽ ڪوڙي جي پرکـ نٿي پئجي سگهي. سچي پرکـ اها آهي تہ جنهن کي شبد جو ڀيد ڏنو ويو آهي، انهيءَ ۾ جيڪڏهن هنجي سرت لڳي وڃي تہ پوءِ هنجي پريم سچي سمجهڻ گهرجي.

٢٣٨. وقت جي ستگرو کـي ست لوڪ ملـا پٺي ڪنهن استان لاءِ عرض نہ ڪرڻ گهرجي. هن کي سدائين اها پرارٿنا ڪجي تہ "مونکي پنهنجي چرنن ۾ رکو" انهيءَ کان اوچو ۽ بهتر استان ٻيو ڪوبہ ناهي.

٢٣٩. جيڪي ماڻهو سنساري پدارٿن کي پوڄين ٿا اُهي انت ۾ چوراسيءَ ۾ وڃڻ جي لائق ٿين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو انهن ئي پدارٿن کـي ست ستگرو ۽ ساڌ جـي اڳيان پيت ڪن ٿا اُهي پرم پـد جـا اڌڪاري ٿيـن ٿـا. ڇاڪاڻ تہ ست جو نہ انهن پدارٿن ۾ موهہ آهي ۽ نہ پنهنجي شرير ۾. هن فقط جيون جـي اُڌار لاءِ ديهہ سروپ ڌارڻ ڪيو آهـي، پر پنهنجي گهر (ست ديش) جو سئر هوُ هر روز ڪندا آهن. جيئو پدارٿن ۽ پنهنجي شرير جي موهہ ۾ ڦاٿا پيا آهن. جيڪي اُنهن مان، پنهنجو تن، من، ۽ ڌن، سنتن جي شيوا ۽ ٽهل ۾ خرچ ڪندا، اُهي چوراسيءَ کان ڇٽندا، پر جيڪي پنهنجي ڪاڏي پيٽي ۽ عيش آرام ۾ عمر برباد ڪري رهيا آهن، اُهي چوراسيءَ ۾ وڃندا.

ڪنجوس جي اها حالت آهي جو هزارن رپيا ڪمائي پر لکي خرچي نه ڪانئي، ٻوه اهڙي شاهوڪار ٿيڻ مان ڪهڙو فائدو؟ خبر ناهي ته پچاڙيءَ جو اهو ڏن ڪيهجي هٿ چڙهندو ۽ انهيءَ جو ڇا ٿيندو ۽ جي انهيءَ مهل انهيءَ جي واسنا دل ۾ رهجي ويئي، ته ٻانگ جي جُوڻ ورلي اچي وهندو ۽ ڏن جي واسنا نه رهي، اها ڳالهه ڏکي آهي. ڏسو ته ڪهڙي نه ٿيڇ جُوڻ پائي چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦري ٿو! ساڳيءَ طرح اهي به انهيءَ ۾ چوراسيءَ جي چڪر ۾ ويندا جي ردي پائي انهيءَ ڪي سنتن جي پراپت ۽ شيوا ۾ نٿا لڳائين.

٢٣٤. ويد مت وارن جون ٽي منزلون، **ڪرم**، **اُپاسنا** **گيان**، سنتن جي صرف ڪرم استان تائين ختم ٿيو وڃن، اڪاڻ ته سنتن جو **ڪرم**، نرڪنيءَ تائين پهچڻ ڪالسواءِ پورو ٿئي ۽ سنت لوڪ تائين سنتن جي **اُپاسنا** جي منزل آهي انامي پد ۾ **گيان** حاصل ٿئي ٿو. پر سنت ڪڏهن به پاڻ گياني نه چوندا آهن، هو پاڻ کي ڀڳت چوندا آهن. ڪي پاڻ کي گياني ڪرائين ٿا اهي سچ پچ واچڪ گياني، چاڪاڻ ته انهيءَ سوال جو جواب نٿا ڏيئي سگهن ته اهو گيان ڪيئن پراپت ٿيو، يعني بنا ڪرم ۽ اُپاسنا جي پراپت ڪرڻ ناممڪن آهي، جنهن جو ڀيد هو بلڪل جاڻن چاڪاڻ ته هنن (سچي گيان کي حاصل ڪرڻ جو) ۽ اُپاسنا ڪئي ناهي، صرف ڪتاب پڙهي گيان جا سکيا آهن. تنهن ڪري هو ڪوڙا گياني آهن. جيڪي انهن جا وچن مڃين ٿا اهي فقط پنهنجو نقصان ڪن ٿا.

٢٣٥ هر حالت ۽ وقت جو ستگور مکيه ۽ ضروري آهي. ستگور جي چرنن ۾ سچي پريت ڪرڻ سان اهو تولنا صفائي ٿيندي، تڏهن وڃي جوُ الدر ۾ نام ٻڌڻ جهڙي ٿيندو ۽ ٻوه نام جو سوکيم روپ، ستگور جو سوکيم روپ ۽ سوکيم روپ سڀ هڪ ئي روپ نظر ايندا ۽ اها

انت
انهن
ڪن
سنت.
من نقط
۾ پنهنجو
جيڙ پدار
انهن مان،
خرچ ڪندا
ڪاڏي پيتي
چوراسيءَ

ڳالهه ستگور جي پوري پرت ڪرڻ سان ئي حاصل ٿيندي.

٢٣٦. جن کي هيڏو انسان جو جنم مليو آهي، اُهي جيڪڏهن ستگور جي ٻولا نٿا ڪن ته هو چوراسيءَ ۾ ويندا ۽ وري ڪين نر ديهي نه ملندي. تنهن ڪري هيڏو وجهه آهي پنهنجي ڪارج ساڌڻ جو يعني مڪتي حاصل ڪرڻ جو. جي اهو وجهه هٿن مان ويو ته وري وجهه نه ملندو.

٢٣٧. ٻاهرين شيوا ۽ ٽهل جا ماڻهو اڪثر ڪيترا تنهن مان سچي ۽ ڪوڙي جي پرک نٿي پئجي سگهي. سچي پرک اها آهي ته جنهن کي شبد جو ڀيد ڏنو ويو آهي، انهيءَ ۾ جيڪڏهن هنجي سرت لڳي وڃي ته پوءِ هنجي پرت سچي سمجهڻ گهرجي.

٢٣٨. وقت جي ستگور کي ست لوڪ ڀاسا پئي ڪنهن استان لاءِ عرض نه ڪرڻ گهرجي. هن کي سدائين اها پرارٿنا ڪجي ته "مونکي پنهنجي چرنن ۾ رکو" انهيءَ کان اوچو ۽ بهتر استان ٻيو ڪوبه ناهي.

٢٣٩. جيڪي ماڻهو سنساري پدارٿن کي پوڄين ٿا اُهي انت ۾ چوراسيءَ ۾ وڃڻ جي لائق ٿين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو انهن ئي پدارٿن کي ست ستگور ۽ ساڌ جي اڳيان ڀيٽ ڪن ٿا اُهي پرم پد جا اڌڪاري ٿين ٿا. ڇاڪاڻ ته سنت جو نه انهن پدارٿن ۾ موهه آهي ۽ نه پنهنجي شرير ۾. هن فقط جيون جي اُڌار لاءِ ديهه سروپ ڌارڻ ڪيو آهي، پر پنهنجي گهر (ست ديش) جو سير هو هر روز ڪندا آهن. جيئو پدارٿن ۽ پنهنجي شرير جي موهه ۾ ڦاٿا پيا آهن. جيڪي اُنهن مان، پنهنجو تن، من، ۽ ڌن، سنتن جي شيوا ۽ ٽهل ۾ خرچ ڪندا، اُهي چوراسيءَ کان ڇٽندا، پر جيڪي پنهنجي ڪاڌي پيتي ۽ عيش آرام ۾ عمر برباد ڪري رهيا آهن، اُهي چوراسيءَ ۾ ويندا.

ي ڏيا مهر سان ئي حاصل ٿيندي.
۲۳۱. انسان دک ۽ سک ڀوڳي ٿو، ڇاڪاڻ ته اهين پاڻ
ڪري هن ئي اهنڪار روپي ميل چڙهي ويئي آهي.
هن هو وقت جي ستگور جي سامهون ايندو، تڏهن ستگور
هجي ڏيا روپي جل سان، سندس انهيءَ ميل کي ڌوئي،
کي صاف ۽ نرمل ڪندو ۽ جو سدائين سک جو استان
ي آئي پهچائيندو. پر شرط اهو آهي ته هو سدائين سندس
ڪ ۾ رهي ۽ جي هڪ ڏينهن آيو ۽ مهنو غير حاضر رهيو
وءِ ستگور ڇا ڪندو؟ اها ڳالهه انهيءَ کان ٿي ٿيندي،
ن کي پرمارٿ جي پياس هوندي. ها پياس ۽ تڙپ جي
ڪم نه بڻجندو.
۲۳۲. ناستڪ، جي مالڪ جي هستيءَ کان انڪار ڪن ٿا
بلڪل غلط آهن. مالڪ اهڙي طرح اڪل آهي جيئن
ت ۾ اگني پر ڇاڪاڻ ته هنن کي مالڪ نظر نٿو اچي تنهن
ي هو ناستڪ ٿي پيا آهن. جيڪڏهن ستگور کي ڳولي
س جڳتي وٺي، پنهنجي من کي قابوءَ ۾ آڻي ڏسن ها ته
ڪر ڪين مالڪ جي درشن ڪرڻ جي درشٽي پراپت ٿئي
پوءِ هوندي شڪريه جي پاپ کان بچي پون ها.
۲۳۳. جيئن چندن جي وڻ جي پرسان، جيڪڏهن ٻيو
ه وڻ نزديڪ هوندو آهي تنهن کي چندن جو وڻ پاڻ
خوشبودار ڪري ڇڏيندو آهي، ليڪن جيڪو به ماڻهو،
جي سنگ ۾ آيو، اهو به هن سنسار جي ڀاءُ کان بچي،
ڏينهن خود ساڌ جو روپ ٿي پوندو. وڏڀاڳي اهي
جيو آهن جن کي ساڌ جو سنگ مليو آهي ۽ هنن جي
ي سڦل آهي. جن کي ساڌ جو سنگ نه مليو آهي ۽ نه
ءَ جو چاهه اٿن، اهڙا جيو پسوءَ سمان آهن. انساني
مليو ته پوءِ ڇا ٿيو! پر انهيءَ جو قل نه مليو. جيئن

وڻن جي ڇڳڻي، سنتن کي ٻه هٿ ۽ آئي ڇاڪاڻ ته اهي ست ٻڌجي پيا. پر اها ڇڳڻي ڇپرن جي هٿ ۾ اڃا وڃي آهي.

٢٢٩ جي ڪير چاهي ته مان ست ستگور جي ٻچاڻ يا سڃاڻپ ڪريان ۽ جيڪي ڳالهيون ڪرڻ ۾ لڪيل آهن اهي سنتن سان لڳائي ڏيکاريان، ته ستگور ڪنهن هرگز نه ملندو ۽ نڪي هن ڪي سڃاڻي سگهندو. هن کي گهرجي ته ڪيئن ڏينهن ستگور جو سنگ ڪري، تنهن کانپوءِ ئي ڪيس سڃاڻي سگهندو. ٻيو ڪو به اپاءُ ستگور کي سڃاڻڻ جو ڪونهي.

٢٣٠. جنهن ماڻهوءَ هن مٺي ديهيءَ ۾ آتما جا انڀوءَ ديهيءَ ۾ اصل ۾ سچي وستو آهي تنهن کي نه پالو آهي ۽ سنسار جي ڀوڳن ۾ انهيءَ ديهيءَ کي برباد ڪيو ته اهو ماڻهو پسوُن آهي. شڪل انسان جي ٿي ته ڇا ٿيو؟ ڪرتوت ته جانورن جا آهن! اها ڳالهه (آتما کي سڃاڻڻ) به پوري ستگور کانسواءِ پراپت نه ٿي سگهندي. ٻيو ته پوري ستگور جو ملڻ مشڪل آهي ۽ جي ملي به ڪٿي ته وري هن ۾ وشواس نٿو اچي. ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه جي ڀيکي سادن جو اهو حال آهي جو پاڻ کي پورن برهم سڏائين ٿا ۽ ماڻهن کي گيان سيکاري پرمائين ٿا. جي هنن کان پڇو وڃي ته لوهان اڙهم کي ڪهڙي ڇڳڻيءَ سان پالو ته ان جو جواب نٿا ڏين. تنهن ڪري انهن جو پاڻ کي برهم چوڻ ڪوڙ آهي. هنن جو مارگ، جو ودِيا ۽ ٻڌيءَ جي وڇار جو آهي، سو ته من جي حد اندر آهي، انهيءَ سان جيءَ جو اُڌار نه ٿيندو. اهڙي وڏڀاڳي آهي، جنهن کي پورو ستگور مليو آهي ۽ جنهن کي ستگور پنهنجو پريم ۽ وشواس بخشيو آهي ۽ سيوا ۾ لڳايو آهي. ڇاڪاڻ ته انسان کي طاقت ناهي جو هن ۾ وشواس آڻي سگهي ۽ سندس سيوا ۾ لڳي سگهي. اها ڳالهه به ستگور

٢٢٧. جڏهن ڪائونئي انسان پيدا ٿيو، تڏهن ڪائونئي ڪال هن سان گڏ آهي، گويا هن سرشٽ جي ڪال سان شادي ڪرائي وئي آهي. جڏهن گهوٽ ڪنوار کي وٺڻ ايندو آهي، تڏهن رواجي طرح ڪنوار روئندي آهي. هن جي روئڻ جي اها مراد آهي ته ڪيس گهوٽ سان وڃڻ نه ڏاڻ، پر ڪيس ڪير به روڪي نه سگهندو آهي. اهڙيءَ طرح جنهن وقت ڪال ايندو تنهن وقت هيءَ سرشٽ ڪٿي ڪيترو به روئي پر ڪير به هن کي مدد نه ڏئي سگهندو. ڪال هن کي اهڙي رستي کان وٺي ويندو جو رستو، وار کان به باريڪ آهي ۽ ڪنهن جي به طاقت ناهي جو انهيءَ تي هلي سگهي. سرليون بيا روح انهيءَ رستي ويندي ويندي ٽڪر ٽڪر ٿي هيٺ جتي بي انت نرڪ آهن، انهي ڪري پون. انهي جيڪا تڪليف ٿئي ٿي، تنهنجو بيان نٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري سنت ستگور، ماڻهن تي ديا ڪري بار بار سمجهائين ٿا ته وڃڻ جو رستو وار کان به باريڪ آهي جي انهيءَ جو خوف اٿو ته پنهنجي اصليت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ پر انهيءَ جو اُپاءُ پوري ستگور کانسواءِ ٻئي ڪنهن وٽ ناهي. جڏهن ستگور جي شرن وٺبي تڏهن ستگور جيڪا مناسب ڪرڻي هوندي سان هن کان ڪرائيندو. اهڙي بيانڪ رستي کان هن کي بچائي، پنهنجي گود ۾ وهاري، نج استان ۾، جتي سدائين آنند لڳو پيو آهي، اتي پهچائيندو. انهيءَ کان سواءِ بيو ڪو به اُپاءُ ڪونهي.

٢٢٨. اهو سچ آهي ته (اندرئين) نام جو پراپت ٿيڻ ڏاڍو مشڪل آهي، پر نام جي پراپتيءَ وارن جي شرن وٺڻ سولي آهي. هميشه کان اها چال هلندي پيئي اچي ته هر ڪنهن کي نام پراپت نٿو ٿئي، پر ماڻهو سنتن جي شرن وٺندا آيا آهن ۽ شرن وٺڻ ۾ به وڏو آنند آهي. اها شرن

دنيا جي حاڪم سان سوالب تي وڃي ٿي، اهو [illegible] ڪٿين
[illegible] حال [illegible] آهي. ستگور، جو سڀ مالڪ آهي، تنهن
[illegible] جي سوالب تي، تنهن کي ڪٿين جو ڊپ ٿيندو؟
[illegible] (ستگور جي سوالب) ڪٿين ورلي کي حاصل
[illegible] جو [illegible] اهو حال آهي جو دنيا جي حاڪم کان
[illegible] ستگور [illegible] سڀ ستگور جي سوالب
[illegible] ٿيندي؟ [illegible] انسان کي طاقت ناهي جو
[illegible] سگهي. دنيا جا حاڪم پنهنجي حڪومت
[illegible] ستگور [illegible] کي ظاهر [illegible]
[illegible] واڪر هلندا آهن. انهي
[illegible] دنيا [illegible] ٿي، اهو ٿي ڪير
[illegible] جي طاقت ناهي!

[illegible] ستگور [illegible] سڀ ڪٿين کي
[illegible] ورلي کي ستگور پيارو
[illegible] منار تي رکي،
[illegible] انهن جي آهي
[illegible] آهي. ستگور جي وچن [illegible]
[illegible] ستگور سان [illegible] ڪرڻ وارا ليجو
[illegible] ستگور سان [illegible] ڪرڻ واري ڏاکڻ آهي.

[illegible] ستگور [illegible] ڪي [illegible] ٿي جنهن جو،
جنهن [illegible] آهي، انهي جي [illegible] ڪرڻ، پر انهي
[illegible] ڪر [illegible] ڪرڻي. اهو اهڙو آهي جهڙي گڏه
جي [illegible] جا شروع [illegible] هوندي آهي پر آهستي
آهستي گهٽجندي ويندي آهي. جنهن جو اهڙو حال آهي
تنهن جي [illegible] ناهي. [illegible] انهي جي [illegible]
آهي جا شروع کان ورلي آخر تائين هڪ جهڙي هجي.

نن لوڪن جو نات آهي، ننهن سان جهڳڙو ۽ ڪشمڪشا ڪرڻ ۽ نين بيماري آهي موورڪتا، ڇو ته انسان ڪي اها خبر ئي ناهي ته مان ڪير آهيان، ڪٿهن جو اُنس آهيان ۽ اُهو مالڪ ڪٿي آهي؟

اِهو پڙهو پيو آهي، نه ڪتابن پڙهڻ سان، نه ڪا بيماري ڇڏائي سگهجي ٿي ۽ نه ڪو جهڳڙو نبيري سگهجي ٿو. بيماري لاهڻ لاءِ ماڻهوءَ کي ڪنهن زنده حڪيم يا ڊاڪٽر وٽ روبرو وڃي، پنهنجو حال ٻڌائي دوا وٺڻي آهي ۽ جهڳڙي نبيرڻ لاءِ هن کي روبرو، ڪنهن حاڪم، جج يا مئجسٽريٽ وٽ وڃي پنهنجو جهڳڙو بيان ڪري، فيصلو ڪرائڻو پوندو.

ستگور وقت جو حڪيم ۽ حاڪم آهي ۽ انهن بيمارين کي لاهي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح موورڪتا يا بي سمجهائيءَ جي بيماري گذري ويل مهاتمائن جي نيڪ يا آسري ٻڌڻ سان نه لهي سگهندي. هن وقت جيڪو ستگور موجود آهي تنهن جي شرن وٺڻ سان، اها موورڪتا جي بيماري لهي ويندي يعني نه جڏهن ستگور جيوَ کي اکيون ڏيندو تڏهن هن کي پنهنجي ۽ مالڪ جي خبر پوندي. وقت جي ستگور جي ستسنگ ڪانسواءِ، ٻيو ڪو به علاج (انهن ٽنهي بيمارين جو) ڪونهي.

٢٢٣. شبد سو ڪيم آهي ۽ جيوَ جو سروپ استول ٿي ويو هي. پوءِ جيوُ شبد ۾ هڪدم ڪيئن لڳندو؟ استولتا جي تانڻ جو اُپاءُ ستگور پڳتي آهي. جيستائين ستگور پڳتي ريءَ طرح نه ٿيندي تيستائين هي جيوُ شبد ۾ لڳڻ جو لائق ٿيندو.

٢٢٤. ستگور جي سڃاڻپ مشڪل آهي. جڏهن ستگور کي چالو سو نريڻ يعني اي ڏيو ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته جڏهن جي

ـي، لهنجي ساهون وسرايب وغيره جهڙا ساڌن، بعا
ڻ تا، هٿ ٻڌي اچي بيهندا آهن. چاڪاڻ تہ اهي هن کي
ستگور جي دربار مان انعام طور ملن ٿا. ليڪن ستگور ڀڳتي
اهڙي هٽڻ گهوڙجي جهڙيءَ طرح چڪور کي چنڊ پيارو
لڳندو آهي ۽ هرڻ کي ناد يا باجو، پتنگ کي ڏيهڪ، مڇي
کي پاڻي. جنهن کي اهڙي پريت آهي انهيءَ جو لسانو
گرو ڀڳت آهي ۽ انهيءَ جي ئي اهڙي مهما يا وڏائي آهي.

۲۲۰. جيڪو نام توريءَ اپورنا سان ويندو رهي، اهو
سچو نام ڪونهي. نام سڀ کان زياده ست آهي. ڪيتري تہ
اپورنا هجي، تہ بہ نام انهيءَ کي پورن ڪري سگهي ٿو ۽
ڪٿي کهڙي بہ جاءِ يا هنڌ ليءِ انهيءَ نام کي جپيو تہ انهيءَ
۾ ڪوبہ هرج ڪونهي ۽ اها جڳهه ڪٿي اپورن بہ هجي تہ بہ
نام جي پرتاب سان پورن ٿي ويندي. اهڙو نام ستگور وٽ
آهي ۽ ٻئي ڪنهن وٽ ناهي.

۲۲۱. ڪلجڳ ۾ نام ۽ ستگور ڀڳتيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن
ڪرم ڪرڻ جو حڪم نہ آهي. جيڪو بہ انهيءَ جي آڌر
ڪندو يعني اڳين جڳن جي ڪرمن ۾ ڦاسندو، اهو اهنڪاري
ٿي پوندو ۽ نرمل ۽ پورن ٿيڻ جي بدران ملين ٿي پوندو.
ويد شاستر بہ ائين چون ٿا ۽ سنت بہ اهو ئي فرمائين ٿا. ويد
جي نام جي حد ٽن لوڪن تائين آهي پر سنتن جو نام چرلين
لوڪ ۾ پهچائي ٿو.

۲۲۲. انسان کي، ٽي ظاهري ۽ ٽي ڳجهيون بيماريون لڳل
آهن. ظاهري بيمارين جو تہ علاج ڪري ٿو پر ڳجهين بيمارين
ي. انهن جو چتاءُ سنت ستگور ڏي
جو سنگ ماءِ وڃي تہ پوءِ الو
انهن کي دور ڪرڻ جو اپاءُ
جنم مرڻ. ٻي بيماري، من،

وڃڻ ۾ ڏي سنسڪار پورن ٿا ۽ اهي پڻ آهستي آهستي چوراسيءَ جي چڪر کان ڇٽي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ ته سنت کانسواءِ ڪير به چوراسيءَ کان نڪو ڇٽي سگهي ۽ نه جيو کي سندس نج ديش ۾ پهچائي سگهن ٿو.

٢١٨. جن جو نام ۾ وشواس ناهي ۽ پنهنجي ٻاهران رهڻي چڱيءَ طرح ٺيڪ رکن ٿا ۽ ڪجهه اندر جي صفائي به ڪن پيا، اهي ڪٿي ڪيتري قدر به جپ، تپ، سنجم وغيره ۽ اڀياس ڪن، انهن کي پورو ڦل نه ملندو. پر جن کي پوري ستگرو نام جي بخشش ڪئي آهي ۽ هن لئي هدن جو سچو ۽ پڪو نشچو ٿي ويو آهي ته انهن کي جپ، تپ ۽ سنجم جو ڦل به ملندو ۽ هوءُ نج پد به پائيندا.

دوهرو

نام ليو جن سڀ ڪيو جوڳ جڳ آچار،
جپ تپ سنجم پرسرام سڀي نام کي لار.

اهو نام ستگرو کان ملندو ۽ انهيءَ سان ماڻهوءَ جي سڀني وڪارن جي جڙ ڪٽجي ويندي ۽ آهستي آهستي من ۽ اندريون به وس اچي وينديون. پر جي ٻئي ڪنهن طرح ڪير اندرين کي روڪڻ جو ارادو ڪندو ته ڪيس ڏاڍي مشڪلات ٿيندي ۽ هڪ کي روڪيندو ته ٻي اندري زور وٺي ويندي. اهوئي حال پوٿين جي نام جپڻ وارن جو، ڏسڻ ۾ اچيٿو ته ڪيتري به جپ ڪندي سندن وڪار دور نٿا ٿين، پر گورمک کان نام يعني سنتن کان نام وٺي ان جي آراڌنا ڪن ته بيشڪ آهستي آهستي سندن وڪار دور ٿي ويندا. انهيءَ نام کان سواءِ، وڪارن کي دور ڪرڻ لاءِ هن ڪلجڳ ۾، ٻيو ڪو جتن نا آياءُ ئي ڪونهي.

٢١٩. سنتن جي مت ۾ وئراڳ جي ڪا به مهما ڪانهي، صرف گرو ڀڳتيءَ جي مهما آهي. جڏهن جي گرو ڀڳتي پوري

اهو سمجهڻ گهرجي ته ماتا، پتا، پت استري، يار دوست، براد ري ۽ ٻين وغيره انهن سڀني ۾ ڪو به اسانجو سچو دوست ناهي بلڪ اهي سڀ دک ڏيڻ وارا آهن. پر سنساري ماڻهو انهن کي سک روپ سمجهن ٿا، انهيءَ ڪري اُهي ڦاٿي آهن. وڏا پاپي اُهي آهن جي پوري ستگر ۾ پريم ۽ وشواس رکن ٿا ۽ سندس شيوا ۾ پنهنجو تن من ۽ ڌن لڳائين ٿا. جيئن هن جوانيءَ جي وقت ۾ ئي ستگر کي ڳولي لڌو آهي اهوئي عقلمند آهي پر جيڪو غافل رهندو انهيءَ کي پڇتائڻو پوندو.

۲۱٦. سنتن ۽ پنڊتن جو ميلاپ نه ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نه ڪڏهن ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هو ماڻهن کي ٻاهرين ڪرمن ۾ ڦاسائين ٿا ۽ سنت هنن کي اندرين ڀڳتيءَ ۾ لڳائين ٿا. پنڊت، ماڻهن کي پٿر ۽ پاڻيءَ جي پوڄا ۾ لڳائي، گمراهه ڪن ٿا ۽ مذهبن ڪو ڪو، ماڻهن کي ورڻاتمڪ نام ڏئي ٿو، پر اُن جو ڀيد نٿو ڏئي سگهي. ليڪن سنت ڌنياتمڪ نام ڏين ٿا ۽ انهيءَ جو ڀيد، سروپ، ليلا ۽ ڌام، پوري وڌيءَ انوسار سمجهائين ٿا. جيڪڏهن جيو سنتن جا وچن مڃي ته جيڪر سندس ڪارج ٿئي، نه ته جنم جنم ڀٽڪندو رهندو.

۲۱۷. هن جيو جو ڌرم يا فرض اهو آهي ته پنهنجي پتا جي شيوا ڪري. هنجو پتا، ست نام ست پرش آهي ۽ هي جيو، جو انهيءَ جو انس آهي تنهن کي هي عليحدو ٿي پيو هي سندس شيوا ڪيئن ڪري؟ هاڻ سمجهڻ گهرجي ته سنت، ست پرش جو اوتار آهن. هنن جي شيوا ڪرڻ، ست پرش جي شيوا آهي. پورن ٽن جڳن ۾ سنت پرگهٽ نه ٿيا هئا. هاڻ ڪلجڳ ۾ فقط جيون جي تارڻ واسطي، اوتار ورتو اٿن. ٻيو ڪو به مطلب هنن جو سنسار ۾ اچڻ جو ڪونهي. جيڪي سنسڪاري جيو آهن آهي سنتن جو درشن ڪن ٿا ۽ وچن ٻڌن ٿا ۽ سندن چرنن ۾ لڳي وڃن ٿا. ڪيترن ماڻهن کي هنن جا

تنهن ڪري ايائي آهن ۽ لاچار آهن چاڪاڻ ته هن وقت پرمارٿ، آجيوڪا (روزگار) جي آڌار تي پيو آهي ۽ اڳئين وقت ۾ آجيوڪا پرمارٿ جي آڌار هئي. پر هيئنر ڪاڄڪله ۾ جيڪي سنت پرگهٽ ٿيا آهن، تن اهڙي جڳتي ڪئي آهي، جنهن موجب جيڪڏهن ڪير ڪمائي ڪري ته سچو براهمڻ يا سچو ڪتري ٿي پوي. پر اهي ماڻهو پنهنجي اهنڪار جي ڪري سنتن جي وچن تي وشواس نٿا ڪن، بلڪ نندا ڪن ٿا. انهيءَ جو ڪارڻ هي آهي ته هي ماڻهو سنسار مان نڪرڻ نٿا گهرن ڇو ته گندگيءَ جو ڪيڙو گندگيءَ ۾ ئي خوش رهندو آهي. تنهنڪري سنساري ماڻهن کي سنتن جا وچن ڏرا ٿا لڳن پر سنت هنن جي ڀلي جي ئي ڳالهه ڪندا آهن.

۲۱۴. مالڪ انسان جي اندر آهي پر هيءُ مورک، ڪيس ٻاهر ڳوليندو وتي. ڪاشيءَ ۽ پرياگ جا رهواسي، اجوڌيا ۽ بندرابن ۾، هردوار، بدري نات، اجوڌيا ۽ بندرابن جا رهواسي پرياگ ۾ ڀٽڪندا وتن ٿا. انهيءَ ڀرمن مان، پوري ستگور کان سواءِ ٻيو ڪير به نٿو ڇڏائي سگهي. تنهن ڪري ستگور جي کوج ڪرڻ گهرجي. پنڊت ۽ ڀيکي خود پاڻ به ڀرمن ۾ پيا آهن ۽ ٻين کي به پيا ڀرمائين.

۲۱۵. هيءُ انساني سرير ڪڻ ڀنگر يعني ٿوري وقت لاءِ آهي. انهيءَ جي جوڀن تي ڪهڙو هٿ ڪجو! جهڙي طرح ٻن ڇڻڻ جي موسم ۾، وڻن جا پن ڇڻي هيٺ اچي ڪرندا آهن، اهڙي طرح هيءَ جواني به ٿوري عرصي ۾ هلي وڃڻ واري آهي. تنهن ڪري مناسب آهي ته انهيءَ کي مفت ۾ برباد نه ڪجي ۽ پنهنجي پياري مالڪ جو ڀڄن ڪري، پنهنجي حياتي هن جي شيوا ۽ ٽهل ۾ لڳائجي.

جي لوڪن کي سنتن جي پرواهه ناهي ته ڪال جي چار پر ٿا
رهندا. پر جيڪڏهن هو منش جنم سڦل ڪرڻ چاهين ٿا
ته وديا ۽ ٻڌيءَ جو اهنڪار ڇڏي، ست سنگورن جي
اڳيان ڏينتا ڪريو. هو سمرٿ آهن، لوڪن کي مايا ۽ ڪال
کان بچائي، لوڪن کي سچي گهر يا نج استان پر پهچائي
ڇڏيندا. باقي لوڪن جي اختيار آهي چاهي هن وچن کي مڃيو
يا نه مڃيو. هي سڀ لوڪن جي ڀلي واسطي چيو ويو آهي.

٢١٢. ڪاليڳ پر ست پادشاه آهن. جيڪي جيو انهن جي
حڪم پر هلندا يعني جيڪو ڪرم ۽ اپاسنا، سنتن هن ڪليڳ
پر ڪرڻ فرمايو آهي اهو ڪندا ته سکي رهندا ۽ هن جو اڌار
ٿيندو. جيڪي هن جي حڪم جي برخلاف هلت هلندا
يعني اڳين جڳن جا ڪرم، اپاسنا ۽ شاسترن ۽ پراڻن پر جيڪو
گيان لکيل آهي اهو ڪندا ته اهي ڪرم ڪالن وڌيءَ پوروڪ
نه ٿي سگهندا، الٽو سندن اهنڪار وڌندو ڇاڪاڻ ته اهي
جيڪي اڳين زمان جا قاعدا ۽ قانون آهن اهي هيٺر رد ۽
خارج آهن. هيٺر جيڪڏهن ڪير انهن قانونن جي ٽيڪ يا
آسرو وٺندو ۽ انهن موجب هلندو ته انهيءَ جو ڪارج هرگز
راس نه ٿيندو ۽ هو چوراسيءَ کان نه بچندو. انهيءَ ڪري
سڀني ماڻهن کي گهرجي ته سنتن جو حڪم مڃين. سنتن هيءَ
ڪرم ۽ اپاسنا مقرر ڪيا آهن. ستگورو جو ستسنگ ۽ سيوا
۽ درشن ۽ سندن باڻيءَ جو پاٺ ڪرڻ ۽ ٻڌڻ ۽ سندن ٻڌايل
نام جو سمرڻ، **اهو ڪرم آهي** ۽ ستگور جي سروپ سان
پريت ۽ انهيءَ جو ڌيان ڪرڻ ۽ اندر ۾ سرت کي شبد سان
لڳائڻ يعني شبد جي ٻڌڻ، **اها اپاسنا آهي.**

٢١٣. براهمڻ ۽ ڪترين پنهنجو ڪرم ۽ ڌرم ڇڏي ڏنو
پر اهو اهنڪار نه ڇڏيو اٿن. اڳين جڳن جا ڪرم هيٺر
وڌيءَ سان نه ٿا ڪري سگهن. آچارن جيڪي
ڪرم فرمايا آهن اهي هي نٿا ڪري سگهن

پنهنجي ديا سان هن جو اُڌار ڪن ٿا ۽ جنهن کي ستگور سان پريت آهي تنهن جي شبد ۾ به پريت ضرور هوندي.

ڀرين ستگور جي ديهه سروپ جي پريت ۽ ڀڳتي هڪڙ گهرجي، انهيءَ بنا ڪم نه هلندو.

٢١٠. ناردمني جنهن کي رام جو پرتڪش درشن ٿيو هو پر انتري طاقت رام جي نه ٿي جو هن کي چوراسيءَ جي چڪر کان بچائي ڇڏي؛ هن کي ته پنهنجي گوروءَ ئي بچايو. اڄ ڪلهه جيڪي ماڻهو رام جو نالو جپين ٿا، جنهن رام کي هنن ڪڏهن به پنهنجي اکين سان نه ڏٺو آهي ۽ نه ڪڏهن هو پوري گوروءَ سان مليا آهن ته پوءِ اهڙا ماڻهو چوراسيءَ کان ڪيئن ڇٽندا؟ تنهنڪري اهو ضروري آهي ته هو موجوده وقت جي ستگور کي ڳولين ۽ هن جي شرن وٺن.

٢١١. نرملا گيانين کان پڇڻ گهرجي ته توهين جيڪڏهن گورو نانڪ جي گهر جا آهيو ته گوروءَ جيڪو گرنٿ ناهيو آهي تنهن لي عمل ڇو نه ٿا ڪريو ۽ ويدن ۽ شاسترن جا غلام ڇو ٿيا آهيو؟ يعني ته گورو صاحبن جيڪا ڀڳتي بتائي آهي انهيءَ جي ڪمائي ۽ جيڪا ديا هنن ورتي ڪئي آهي، تنهن جي پيروي ڇو نه ٿا ڪريو؟ جيڪڏهن توهين پاڻ کي گياني سمجهو ٿا ته اها وڏي غلطي آهي. ڀڳتيءَ بنا توهان کي گيان ڪيئن پراپت ٿيو؟ اهو گيان ته پوٿين جو گيان آهي. جنهن وقت مايا جو چڪر هلندو تنهن مهل توهانجو اهو گيان اُڏامي ويندو. تنهن ڪري جڏهن پوري ستگور جي ڀڳتي ڪندا تڏهن سچو گيان پراپت ٿيندو.

وياس ۽ وسشٽ، جي پنهنجي مت ۾ پورڻ هئا، انهن تي ته مايا پنهنجو حملو ڪيو، پوءِ توهين ڪيئن مايا کان بچي سگهندا؟ مايا کان فقط سنت ئي اڇيل آهن يا اهي جيڪي سنتن جي شرن ۾ آيل آهن، ٻيو ڪير به مايا کان هرگز نه بچندو؟

نٿو سمجهائي. هن جي ڏسڻ ۾ جيئن پاپ ڪن ٿا ته به ح
ڪين منع نٿو ڪري، ليڪن چوراسيءَ جو چڪر پورو ٿيڻ تي تو
پوءِ اهڙي رام مان ڪهڙو مطلب سڌ ٿيندو؟ جڏهن ستگو
ملي ۽ ڏس ڏني ته نرالي سروپ ۾ رام توهانجي
اندر ۾ وياپڪ آهي تڏهن وڃي ٿي هن جيو کي خبر پوي ۽
هو اُن ڪري ۽ چوراسيءَ کان ڇٽي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري
ستگور جي کوج تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته هو پرگهٽ
رام آهي ۽ جيڪو گپت رام آهي انهيءَ جي کوج ستگور کان
سواءِ نٿي ٿي سگهي. جيڪي ائين نٿا ڪن تن کي نه رام ملندو
۽ نه چوراسيءَ کان ڇٽندا ۽ سندن هيءَ دُرلڀ انساني ديهي
مفت ۾ برباد ٿي ويندي. جيڪو سچيءَ دل سان ايشور جي
کوج ڪندو تنهن کي ستگور ضرور ملندو ڇاڪاڻ ته ستگور
ست اوتار آهي جيڪي سدائين هن دنيا ۾ موجود رهي ٿو.

٢٠٩. اندر ۾ جيڪو شبد وڄي پيو تنهن جي ٻڌڻ کي
شبد ڀڳتي چئجي ٿو ۽ جنهن جي اندر ۾ اهو شبد پرگهٽ
آهي، انهيءَ سان پريت ڪرڻ ۽ انهيءَ جي سيوا ڪرڻ، اها
ستگور ڀڳتي ۽ سيوا آهي ۽ اهو ئي ستگور آهي ۽ هن جو نج
سروپ شبد آهي. هن جي وچنن کي مڃڻ ۽ انهن جي پيروي
ڪرڻ، اها ستگور جي ٻاهران ڀڳتي آهي ۽ پنهنجو اندر ۾
شبد کي ٻڌڻ، هيءَ اندران ڀڳتي آهي. پر ڏاڪڻ جو پهريون
ڏاڪو اهو آهي ته جنهن سروپ ساڻ ستگور اُپديش ڪري ٿو
انهيءَ سان ضرور پريت هڻڻ گهرجي. انهن کان پوءِ ئي ستگور
جي شبد سروپ سان پريت ٿيندي. جنهن کي ديهه سروپ
ستگور سان پريت ناهي تنهن جي شبد سروپ ستگور سان به
پريت نه ٿيندي. چاهي هو ڪيتري به محنت ڪري پر
مقدس شبد نه ٻڌندو. پر جنهن جي ستگور جي ديهه سروپ
سان پريت آهي پر شبد ۾ اهڙي پريت ناهي ته به ستگور

رچيندڙ خود برهما کي به معلوم نه ٿي سگهيا آهن. پو پوري ستگور کانسواءِ انهيءَ راز کا ڳجهه کي ڪير به ڪولي نٿو سگهي. لڇهن ڪري سيني کي گهرجي تہ ستگور کي سڀ کان مکيه سمجهن. هو گرنٿ جو راز به ٻڌائي سگهن ٿا ۽ ٻيا گرنٿ جي آڌار (مڪتي) ڪري سگهن ٿا. جيڪي ماڻهو وقت جي ستگور جي کوج نٿا ڪن اهي چوراسيءَ ۾ ڀٽڪندا رهندا.

٢٠٦. واچڪ گيانين کي مڪتي نہ ملڻي آهي، اهي صرف ڳالهيون ڪري ڄاڻن پر جيڪو سچو گياني آهي انهيءَ جا استول ڪرم ڪٽجن ٿا پر سوکيم ڪرم نٿا ڪٽجن. اهي سنتن جي پد ۾ پهچڻ کان سواءِ نٿا ڪٽجي سگهن. اهو سمجهڻ گهرجي تہ هن جڳ ۾ سنتن جي دوارا ئي مڪتي ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ استول ۽ سوکيم ڪرمن جي ڪٽجڻ کانسواءِ مڪتي ڪيئن ٿيندي؟ ڪرم ڪاٽڻ جي جڳتي گيانين وٽ نہ آهي.

٢٠٧. گورمک انهيءَ جو نالو آهي جو ستگور کي ڪل مالڪ سمجهي ۽ هنجي ڪنهن بہ ڪرڻي ۾ سوال نہ آڻاري ۽ منجهس اپاؤ نہ آڻي. ڪنهن جي گهر ۾ ڪو موت ٿي پوي يا ڪو دک اچي پوي يا ڪو نقصان ٿي پوي يا گرمي زياده ٿي پوي يا سردي زياده ٿي پوي يا برسات گهٽي پوي يا ٿوري پوي يا بلڪل نہ پوي يا بيماري يا وبا ۽ پليگ يا ٻي ڪا مصيبت اچي پوي تہ ان وقت الين نہ چوي تہ الين نہ ٿيڻ گهرجي هو يا اهو ئي مناسب ۽ ٺيڪ ٿيو آهي. بلڪ هو ائين سمجهي تہ جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي سو مالڪ جي موج سان ٿيو آهي ۽ ائين ئي مناسب هوندو ۽ انهيءَ ۾ ڪا چڱائي هوندي! اها ڳالهہ ڪو ورلو گورمک ڪري سگهندو، ٻئي ڪنهن جي جاءِ ناهي.

٢٠٨. رام سيني جي اندر ۾ وياڪ آهي پر ڪير بہ ڪيس

ٿي جي رهيا آهن انهن مان ڪيئن ٿي تہ الر ٿئي ها. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ نام ۾ شڪتي ڪانهي. شڪتي ستگرو ۾ آهي. وڏائي اهي جيو آهن جي ستگور جي شيوا ڪري رهيا آهن. گنهگار ۾ جيڪڏهن ستگرو جي ٽيڪ پڪڙن تہ تہ ڪين معافي ملندي ۾ جيڪي بي گناهہ آهن، ۾ انهن ستگرو جي ٽيڪ نہ ورتي آهي تہ وڏن گنهگارن ۾ ڳڻيا ويندا.

٣٠٣. ڪيترا اڌڪاري عزت چاهيندڙ ماڻهو، جي ستسنگ ۾ اچن ٿا تن کي ستسنگ مان رس نٿو اچي ڇاڪاڻ تہ آهي دوش دِرشٽيءَ يا عيب جوئيءَ جي نظر سان اچن ٿا ۽ جيڪي ڪجهہ سمجهايو وڃي ٿو سو نٿا سمجهن. ٻاهران تہ گرنٿ جي وڏي عزت ڪن ٿا پر اُن جو هڪ بہ وچن نٿا مڃين ۽ جيڪي ماڻهو اهي وچن مڃين ٿا ۽ پنهنجي طاقت انوسار ڪمائي بہ ڪن ٿا ۽ ستگرو کي سڀ کان مٿي سمجهن ٿا، انهن کي هو گهٽ ٿا سمجهن. اهڙن اڌڪارين کي ستسنگ مان ڪڏهن بہ ڪجهہ فائدو نہ ٿيندو. اهي گرنٿ جا ٽيڪي آهن ۽ گرنٿ ۾ جيڪو حڪم آهي تہ ستگرو کي ڳوليو ۽ سندس شيوا ڪريو تہ توهان کي ڪجهہ حاصل ٿيندو، انهيءَ حڪم کي نٿا مڃين ۽ گرنٿ کي گرو ڪري ٿا مڃين. اهڙا ماڻهو گرو نانڪ صاحب جي وچن جي برخلاف هلي رهيا آهن ڇاڪاڻ تہ گرنٿ گرو نٿو ٿي سگهي. اهو تہ جڙ آهي ۽ نہ ڳالهائي ٿو ۽ نہ اُپديش ڏئي سگهي ٿو، اهو ڪم ستگرو جو آهي. جيڪڏهن گرنٿ اُپديش ڪري سگهي ها تہ ٻوءِ ٻيا ۽ اُداسي ڪاشيءَ ۾ وڃي پنڊتن اڳيان نيو ڪونہ نوائين ها ۽ گرنٿ کي ويد شاستر کان گهٽ نہ سمجهن ها ۽ ڪيترن ۽ . . . ها ۽ پنهنجن چيلن کي اهو اُپديش نہ ڪن

ڪاڻپوءِ سندن ڪرڻا ڪري گيا ۽ وڃي

اهي راز مسائل آهن جي وڏن جي

ستسنگ ۾ نہ وڃن ۽ جي وڃن ٿا، سي ڪپٽ سان نہ وڃن
چاڪاڻ تہ سنتن جي حاضريءَ ۾ پاکنڊ ۽ ڪپٽ لاءِ جاءِ
ڪانهي. اُلٽي سچيءَ طرح هاڻ سان ئي ڪجهہ حاصل ٿيندو.
نہ تہ هو پنهنجو نرادر ڪرائيندا. جتي سنت پاڻ موجود
آهن ۽ سندن درٻار لڳي ٿي، اُتي وڃي ڪوڙ ۽ ڪپٽ جون
ڳالهيون ٻڌائڻ پنهنجي بري گت ڪرائڻي آهي چاڪاڻ تہ
سنت سمرت آهن ۽ برداشت ڪري وڃن ٿا پر هنن جي
ستسنگين کان اهي ڳالهيون نٿيون سٺيون وڃن ۽ اهي هنن جي
ڪپٽ کي ڪوليو ڇڏن ڇو تہ انهيءَ ستسنگ ۾ راهہ ڏانهن
سچن جي چاتڻي ٿيندي رهي ٿي، اهڙي هند ڪپٽي ۽
پاکنڊيءَ جو گذارو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

٢٠٢. ايشور جي درٻار جا دربان، برهما، وشنو ۽ مهادو
آهن ۽ سنت ستگور جي درٻار جا دربان سندن شيوڪ آهن.
انهن جو درجو ايتري قدر مٿي آهي جو برهما، وشنو ۽ مهادو ۽
خود ايشور، جو هنن جو مالڪ آهي، اهي سڀ سنتن جي
شيوڪن کي روڪي نٿا سگهن ۽ نہ هنن جو مقابلو ڪري ٿا
سگهن. چاڪاڻ تہ سنت سڀني کان وڏا آهن ۽ انهيءَ ڪري
هنن جي شيوڪن کي بہ اهوئي درجو ملي ٿو، جنهن جي
برابري ايشور ۽ ديوتائون بہ نٿا ڪري سگهن.

٢٠٣. سنتن جي وچن جو ارٿ سنت ئي نيڪ طرح ڪري
سگهن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کي بہ طاقت ناهي جو سنتن جي باڻيءَ
جو پورو مطلب سمجهائي سگهي. جي ڪير ڪندو بہ، تہ بہ
پنهنجي بڌيءَ انوسار ڪندو پر بڌيءَ جي اُتي جاءِ ناهي
چاڪاڻ تہ سنتن جي باڻي انيري آهي ۽ ان جو ارٿ بہ
انيري آهي. وڌوان جي طاقت ناهي جو انهيءَ کي سچيءَ
۽ پوريءَ طرح سمجهي سگهي.

٢٠٤. جي نام ۾ شڪتي هجي ها تہ هزارن جيڪي انهيءَ

سکهن ته پوءِ سندن سوکير سروپ کي ڪيئن سڃاڻي سگهندا
گورمک کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي به انهيءَ روپ جي سڃاڻ
نه اچي سگهندي. جهڙيءَ طرح لوهه جڏهن پارس کي لڳندو
آهي ته سون ٿي پوندو آهي پر لوهه کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڌاتو
پارس کي لڳڻ سان سون نه ٿو ٿئي. ماڻهن جو اهو حال آهي
جو گورمک نه ٿيڻ چاهين تا پر گرو ڀڳتي جهڙي ڪرڻ ڪوئي
اهڙي لتا ڪن. انهيءَ ڪري ڪين گهرجي ته وقت جي ستگرو
جي چڱيءَ طرح ڀڳتي ڪن ته آهستي آهستي گورمک بڻجي
پوندا.

ڪي مورک ماڻهو ائين چوندا آهن ته پورو ستگرو اڃان
لڌهن مڃون جڏهن هن ڪنهن اڳي کي ستگرو بڻايو هجي.
هاڻ خيال ڪري ڏسو ته جي هن ڪنهن کي ستگرو بڻايو
به هوندو ته ان مان ڪين ڪهڙو فائدو ٿيندو. جي ڪين ستگرو
ٿيڻو آهي ته پاڻ ستگرو جي ڀڳتي ڪن ته ڏهن ٿي هو اها ڳالهه
پاڻ ڏسي سگهندا. اهڙن ماڻهن کان ڀڳتي ته ٿئي ڪرڻ تي،
اجايو نردئي برباد ڪري رهيا آهن. پر انهيءَ ۾ به مالڪ
جي موج آهي چاڪاڻ ته جي سڀ گورمک ٿي وڃن ته پوءِ
سنسار جي رچنا ڪيئن رهندي!

١٠٣. سنسار ۾ بيکدارين ۽ براهمڻن جو آدر آهي پر انهن
کي وڏو اهيئي تا سمجهن جن کي پرمارٿ جو چاهه ڪونهي
ڇاڪاڻ ته اها جڳتي جنهن سان جيوُ پنهنجي نج استان کي
حاصل ڪري تو سا انهن وٽ ناهي. هنن ته پنهنجي سوارٿ
لاءِ بيک ۽ وديا حاصل ڪيا آهن. جيڪو انسان پرمارٿ جو
سڪايل آهي تنهنجي من ۾ انهن پڙهي لاءِ عزت نه رهندي.
...ڇي هو انهن جي خاطري به ڪري ۽ ڌن به ڏئي
...هن کي نه ٿو ڏئي سگهي. تنهن ڪري پنهن
...جي ته اهڙن ماڻهن اهڙي سچن پرمارٿين جي

پرين پرم آنند سروپ آهي لهنجو آنند وٺڻ چاهي ٿو. انهيءَ سبب ڪري هن کي مرڻ جو ڏک نٿو ستائي. بلڪ ساڌ ۽ جيڏري ٿي مرن ٿا ۽ ستگور جي نج سروپ جي آنند ۾ مگن رهندا آهن.

١٩٨. سنتن جي دربار ۾ ڪوبه خاص قاعدو، شيوا، پوڄن ستسنگ جو مقرر ناهي ۽ نه سنت ڪنهن سان به زبردستي ڪندا آهن. هو فقط وچن اپدائي ماڻهن کي سڌاريندا آهن. جيڪي جيو اُتم آهن سي جلدي مڃين ۽ سمجهن ٿا ۽ جيڪي وچولا آهن اهي ڏاڍي مڃين ٿا ۽ جيڪي سنتن جي وچن کي، نڪي سمجهن ٿا، نڪي مڃين ٿا اهي ستسنگ ۾ نڪي نه سگهندا آهن. پر ستسنگين کي مناسب آهي ته ڪنهن سان به ابرڪا نه ڪن ۽ نه اهو ارادو ڪن ته هر ڪو سندن وانگر هلي، اهڙيءَ صورت ۾ هلير وڃي. چاڪاڻ ته هلي وڃڻ ۾ انهيءَ جو ئي نقصان آهي ۽ ستسنگيءَ کي ڪوبه فائدو ناهي. پر جي هو ستسنگ ۾ ايندو رهندو ته سمجهندي سمجهندي هڪ ڏينهن سمجهي ويندو ۽ پوءِ ٻين سيني وانگر پڻ هلڻ جا ورتڻ لڳندو.

١٩٩. مالڪ جي ڀڳتي ڪندڙ ڌيءُ، مڪمک پٽ کان بهتر آهي چاڪاڻ ته اهڙي ڀڳت استري ٻنهي ڪلن جو اڌار ڪري ٿي يعني ٻئي ڪل، پيڪو ۽ ساهرو تاري ٿي. مڪمک پٽ ٻنهي ڪلن جو نقصان ڪري ٿو. انهيءَ ڪري وڏ ڀاڳي اهو ڪل جا ڪٽنب آهي جنهن ۾ پٽ خواه ڌيءُ ٻئي ڀڳت پيدا ٿين ٿا. جنهن ڪٽنب ۾ هڪ ڀڳت پيدا ٿئي ٿو لهنجي اٺن ڪلن يعني پيڙهين جو اُڌار ٿئي ٿو ۽ مڪمک چاهي ڪيترا به هجن پر اهي نرڪ ۾ گهلي ويندا.

٢٠٠. جڏهن ستگور جي استول سروپ، جو هنن جيون جي اُڌار لاءِ ڌارڻ ڪيو آهي تنهن کي به ماڻهو سڃاڻي نٿا

ٻي ونساءَ نه ايندو آهي، سنت جيڪي ڪجهه ڏسن ٿا سو ٻين ٻڌائين ٿا. پر هي نادان، ٻڌي ۽ ٻڙهي، ٻڪن ٿا ۽ پنهنجي عقل جي زور تي ڳالهيون ثابت ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن ڪين ابياس جي جڳتي ٻڌائي وڃي ٿي نه سمجهن ٿا، جو ڀٽڪيدڙ ۽ اهنڪاري آهي ۽ ڀوڳن جي چاهه سان ڀريو پيو آهي، سو ان ۾ نٿو لڳي. هو ڪرامتن ڏسڻ جي خواهش ڪن ٿا پر ڪرامتون ڏيکارڻ لاءِ سنتن جي موج ناهي. چاڪاڻ ته ڪرامتون ڏسي جيڪو پرڀاءُ ٿئي ٿو سو بي بقا آهي. ڪرامتون انهن لاءِ آهن جن کي پرمارٿ جي سچي سڪ آهي ۽ جن پنهنجي آتما جي ڪلياڻ واسطي سنتن ۾ پريم ۽ ڀروسو رکيو آهي. اهڙا هميشه ڪرامتون ڏسندا آهن. جن ماڻهن کي اصلي چاهه سنسار جي وڏائيءَ ۽ ڀوڳن جي پراپتيءَ جي آهي، انهن جي اندر ۾ پرمارٿ جي سچي چاهنا ناهي. اهڙا ماڻهو ڪرامتون ڏيکارڻ ۽ ستسنگ ۾ اڳاڙڻ جا لائق ڪونهن. تنهن ڪري جيڪي پرمارٿي ماڻهو آهن تن کي گهرجي ته اهڙن ماڻهن جي سنگ کان خبردار رهن.

١٩٦. سنت جيڪڏهن ٻاهران لوڀ يا ڪروڌ ۾ ڏيکارين ته انهيءَ ۾ جيو جو اُپڪار يا ڀلو آهي ۽ سنسارين جو ڪروڌ ۽ لوڀ چوراسيءَ ۾ وٺي وڃڻ وارو آهي. پر هن ڳالهه جي ٻاراڪيءَ ۽ اندروني ڳجهه کي مورک نٿا سمجهن. اهڙا ڳالهه ۾ ستسنگي ئي سمجهن ٿا پر مورک، نندا ڪن ٿا. پر سنت دئال آهن، هو پنهنجي دئا سان انهن جو به اُڌار ڪن ٿا.

١٩٧. سنساري ماڻهو موت کان ڊڄندا آهن چاڪاڻ ته هو، سنسار ۽ ان جي پدارٿن کي چنبڙيا پيا آهن. جيڪو ساڌ آهي اهو مرڻ کان نٿو ڊڄي چاڪاڻ ته هو سنسار ۽ انهيءَ جي پدارٿن کي ڏک روپ ڏسي ٿو، سنسار کي پنهنجو گهر ڪري [illegible]ب ۽ ان ۾ مسافرن وانگر رهي ٿو ۽ جو ستگرو جو

ڀوڳيندو ٿورو ئي هو ڀوڳيندا، ڇاڪاڻ تہ اُهي يوڳين ڀوڳڻ
وقت ساڳيءَ طرح يوڳين کي ڇهڙي پنهنجو پاڻ (آتما) کي
ڀاڃي وڃن ٿا. ڏسڻ ۾ ايندو تہ جڏهن اهڙن صاحبن جو ڪير
تراد ڪري ٿو تہ ڪين شوڪ ٿئي ٿو، مٿن ڪو الزام لڳائي
ٿو يا جڏهن هو ٻئي ڪنهن جو مان ۽ وڏائي ٿيندي ڏسن ٿا
تڏهن ڪين ڪروڌ ۽ اهڙا اڇو ستائي. جڏهن هنن جي ڪنهن
ڀوڳ جي آشا پوري نہ ٿئي تڏهن هو دکي ٿين ٿا ۽ انهيءَ
ڀوڳ جي آشا پوري ڪرڻ لاءِ انيڪ ڪوششون ڪن ٿا ۽
هر ڪنهن کان مدد چاهين ٿا ۽ انکي عرض ڪن ٿا.

هاڻ وچار ڪرڻ گهرجي تہ اها ڪيتري قدر نہ ڪريل
حالت آهي! جن يوڳين کي هنن ڪانو جي وشٽا سمان ٿي ڇڏيو،
انهن کي ڀوڳڻ لاءِ ڏاڪڻ جي سڀ کان هيٺئين ڏاڪي تي
ڇي پهچن ٿا، جتان چوراسيءَ جو رستو کليو پيو آهي. تنهن
ڪري سنت ديا ڪري هي وچن فرمائين ٿا تہ، جنهن کي
پنهنجي آتما جي مڪتي ڪرڻي آهي تنهن کي گهرجي تہ وديا
ڌيانين جي سنگ کان اهڙي جيتري قدر ٿي سگهي اوترو
ستگور جي کوج ڪري ۽ هن جي چرنن جو آسرو وٺي تہ هنجو
ڪم ٿيو. اُنهي ڪنهن ۾ اشٽ ذريعي يا پنڊت يا ڀيکڌاريءَ
جي سنگ ۾ چوراسيءَ کان نہ ڇٽي سگهبو. ڀيکڌارين ۽ پنڊتن
جي ڪارڻ پيارڻ ۽ جيڪي ڀڄي سو ڏيڻ مناسب آهي پر
پنهنجو تن ۽ من ستگور جي چرنن ۾ ارپڻ ڪرڻ ضروري آهي.
ها ڳالهہ انهيءَ واسطي آهي ۽ انهيءَ کان ئي مڪتي وٺندي،
تنهن کي مالڪ سان ملڻ جو چاهہ آهي ۽ پنهنجي آتما جي
مڪتي ڪرڻي آهي. ڀيکي ۽ پنڊتن ۽ سنساري ماڻهن کي
جي وچن پيارا نہ لڳندا.

۱۹۵. وديا وان ۽ چالاڪ ماڻهو ستگور جي سنگ جي لائق
هن ڇاڪاڻ تہ اهي اهنڪاري ٿيندا آهن ۽ ڪين سنت ستگور

كروڙ ۾ اچيتو. انهيءَ مان ثابت ٿيندو ته هان وڏالي،
تماشي، ۽ مشهوريءَ جي ڪيتري نه زبردست خواهش
ندو ۾ پوري پيئي آهي. جي ڪير انهن ڳالهين يعني ظاهري
، ولاڳ ۽ واپار وغيره ۾ لڳي رهڻ کي ۽ گيان جي
ن پڙهڻ کي پرمارٿ سمجهي ٿو ته اها به سندس ڀل
چاڪاڻ ته انهن ڳالهين سان من نٿو مري. من کي مارڻ
جڳتي يا طريقو هي آهي ته پوري ستگور يا پوري ساڌ
شيوا ۽ هن جو ستسنگ ۽ رکو سڪو نڪر ڪمائي،
جي جڳتيءَ يعني سرت شبد مارگ جي اڀياس ۾ من
ي. اهو آهي من کي مارڻ جو طريقو. جڏهن انهن ڳالهين
كر ٻه ڪرڻي ته پوءِ من ڪيئن وس ۾ ايندو ۽ پرمارٿ
ٿيندو؟ اهڙن ماڻهن جو حال اهو آهي جو واهه سان
ن ٿا ته هن لوڪ ۽ پرلوڪ جا ڀوڳ اسانکي ڪانو جي
سمان آهن پر سندن من، ڀوڳن جي چاهه ۽ تلاش سان ڀريل
هي ته پوءِ کين ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ افسوس اهو آهي
اهڙا غافل آهن جو خبر نٿي پوان ته اسين ڇڙن جا ٿا
ڇون چا ٿا! پر دنيا جا ماڻهو انهن کان ۾ وڌيڪ غافل
جو اهڙن کي پرمارٿي سمجهن ٿا ۽ ٻڌندڙن جي ڀلهان
اڻ به ٻڌندا وڃن ٿا.
١٩. کي وڏوان ائين چوندا آهن ته ڀوڳن جي چاهه ۽
كروڌ وغيره من ۽ اندرين جو سڀاءُ آهن.
ما جو سروپ انهن کان نيارو آهي ۽ جي اهيءَ ڳالهه
ڳيءَ طرح ويچاري ڏسبو ته اهي آلما جو ڪجهه به نٿا
سگهن. هاڻ اهو سمجهڻ کپي ته هي وڏو دوکو آهي.
ڀوڳ ۽ ولاس جي چاهه ۽ من ۽ اندرين جا وڪار
و سڀاءُ آهن ته پوءِ سنساري جيو ۽ گيانيءَ ۾ ڪهڙو
ٿيو؟ جيتڙو سنساري انهن جو قبل چوراسيءَ ۾ اچي

اُنهن ۾ نيڪ اِڏي رهيا آهن ۽ ڪين پنهنجو اشت ڪري ليڪين ٿا، انهن کي سمجهڻ گهرجي ته اهڙيءَ نيڪ مان جيو جو ڪارج (مڪتي) هرگز نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته وياپڪ روپ رام يا برهم ديپڪ يا ڏيئي وانگر آهي، جو سڀ کي روشني ڏئي ٿو. انهيءَ روشنيءَ ۾ چور چوري ڪري ٿو، شرابي شراب پيئي ٿو، وشئي وشيه ڀوڳي ٿو ۽ پرماٿي پرمارٿ ڪمائي ٿو، هو ڪنهن کي ڪجهه به نٿو چوي. ڪنهن ڪري اهڙي جي نالي جپڻ يا اشت ڪرڻ سان چورابي نه ڇٽندي ۽ من پنهنجو ناچ نچائيندو رهندو. پر جن ڪي مالڪ روپ ستگور جي نيڪ آهي ۽ هدن جو ستسنگ پراپت آهي سي وشئي وشيه ڇڏي ڏين ٿا، چور چوريءَ کان هٽي وڃن ٿا ۽ ٻين ٻرن ڪمن کان ڏن ٻدن ٻري هٽندا ۽ نرمل ٿيندا وڃن ٿا ۽ هڪ ڏينهن هو پنهنجي نج پد ۽ نج روپ کي حاصل ڪندا. رام يا برهم يا ٻئي ڪنهن به نام يا اشت کي جپيندي جپيندي سڄي عمر گذري ويندي پر نه وڪار دور ٿيندا، ۽ نه ڀوڳن جي آشا ۽ ترشنا جي جڙ ڪٽبندي. پوءِ اُڌار ڪيئن مڪتي ٿي سگهندي؟

١٩٣. جي ڪير ائين خيال ڪري ٿو ته مون سڀ ڪي ڪري ڇڏيو آهي يا پوٿيون پڙهي وچار ڪري مون سڀ ڇڏي ڏنو آهي ته اها سندس وڏي ڀل آهي ۽ پاڻ کي دوکو ٿو ڏئي. ڇاڪاڻ ته ڪيس اجا پنهنجي من ۽ اِندرين جي پرک نه ئي آهي. جڏهن نانا پرڪارن جا ڀوڳ ايپان اچن يا ڪير مان ۽ آدر ڪري يا ڪو شاهوڪار يا آفيسر ڪا ڳالهه پڇي جڏهن ڏسڻ گهرجي ته ڪيئن نه من ڦرلجي ٿو، هنجي طرف ڏيان ڏئي ٿو ۽ جڏهن نرادر يا بي عزتي ٿئي يا پنهنجي مطلب جي ڳالهه حاصل نه ٿئي ته ڪيئن نه من دکي ٿئي ٿو

ٿاندي ۽ سک ڪالر جتي بہ سنت ستگورو پرڳٽ ٿيا هجن
اتي وڃي جيتري قدر ٿي سگهي هنن جو درشن ۽ شيوا
ڪري پنهنجو ڀاڳ سڦل ڪن.

١٩٠. اردائي الهيءَ جي سٽلي آهي جنهن ڪي وقت جي
موجوده ستگورو جي شيوا پراپت آهي. شيوا جي ڦل جو بيان
هي آهي تہ درشن لاءِ پند ڪرڻ سان پير پولر ٿين ٿا ۽ درشن
ڪرڻ سان اکيون پولر ٿين ٿيون ۽ هٿن سان شيوا ڪرڻ،
جهڙوڪ پکو ها وڃڻ هلائڻ ۽ پيرن کي زور ڏيڻ سان هٿ
پولر ٿين ٿا ۽ باقي پرڻ جي شيوا ڪرڻ سان سڄو سرير پولر
ٿئي ٿو. ڏان ڏيئي وچن ٻڌڻ ۽ ويچارڻ سان جيتري قدر
ٿي سگهي، انهن موجب هلڻ سان، انتهڪرڻ پولر ٿئي ٿو.
اهڙيءَ رات جڏهن جيءُ شيوا ۾ لڳي ٿو تہ پوءِ ستگورو جي
ديا ۽ هن جي ستسنگ جو ڦل پاڻڪان پاڻهي ڏسندو رهندو
۽ جيڪو آنند جو درجو ڪمس پراپت ٿيندو الهيءَ جي مهما
بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

١٩١. اڪيلهہ گرهستي ۽ ممڪاري جڏهن پنهنجي گهران
ٻاهرا ڪرڻ لاءِ نڪرن ٿا تہ هنن جي دل ۾ ٻيرتن ڏسڻ جي خواهش
هوندي آهي ۽ ستسنگ، جو سڀ جو سار آهي، تنهن جي
ڳولا ڪير نہ ڪري ۽ نہ الهيءَ لاءِ ڪين پيار آهي. اهڙا ماڻهو،
جنهن ڳالهہ کي ستسنگ سمجهن ٿا، اهو اصل ۾ ستسنگ ٿي
ڪونهي. ستگورو جي سنگ کي ستسنگ چئجي ٿو. جتي
ٺٺا، آڪاٽيون، لڙائي، جهڳڙن ۽ ورثا جون ڳالهيون هجن،
الهيءَ جو نالو ستسنگ ناهي. ستگورو جو روپ، خود سنپورڻ
جو روپ آهي تنهن ڪري هن جي سنگ جو نالو ستسنگ
آهي، باقي سڀ اجايون ڳالهيون آهن جن مان ڪڏهن بہ
ڪو جو اڌار نہ ٿيندو.

١٩٢. جيڪي ماڻهو رام ۽ برهم کي سرو ويپڪ سمجهي

شواس نہ اچندو.

١٨٩. ساڌ، برهمڻ ۽ ڪتري اڄ ڪاله اڌڪاري ٿي پيا آهن. نہ ساڌ ۾ ساڌنا، نہ برهمڻ ۾ برهمتا ۽ نہ ڪتريہ ۾ راڄ بل رهيا آهن، فقط اڌڪار پيا ڪن. پر وڻش ۽ شودر اڄ ڪجهہ پنهنجي چال تي پورا آهن. سنت فرمائين ٿا تہ ساڌ سنگ ڪريو پر جڏهن ساڌ جو ملڻ ئي مشڪل آهي تہ سندس سنگ ڪٿان ملي؟ ۽ ڀلا سنت ۽ ساڌ جي اڌار بہ ڪو ٿئي. تنهن ڪري هينئر سمجهڻ گهرجي تہ ڀلا سنسڪار، سنت يا ساڌ نٿا ملن. جنهن جو ڀاڳ ڀلو آهي تنهن کي ضرور ستگور يا ساڌ ملي ٿو.

جيڪڏهن ڪير چوي تہ سنسڪاريہ کي ساڌ جي سنگ جي ڪهڙي ضرورت آهي تہ اها ڳالهہ غلط آهي. ماڻهو چاهي سنسڪاري هجي يا اسنسڪاري، ٻنهي کي ساڌ جي سنگ جي ضرورت آهي. پر اترو تفاوت ضرور ٿيندو جو سنسڪاريہ تي وچن جلدي اثر ڪندا ۽ هو انهن کي سولائيہ سان مڃي سگهندو پر اسنسڪاري سنتن جا وچن گهٽ مڃيندو ۽ انهن موجب گهٽ هلي سگهندو، پر مجهس اچ پوندو ۽ اڳتي هلي هن کان ڪمائي پڄندي. سنسڪاري انهيءَ کي چئبي ٿو اڳين جنمن کان وٺي سنت ستگور يا ساڌ سان ملندو پرام ۽ نشچو رکندو پئي آيو آهي ۽ جنهنجو ڀاڳ دڀا سان آهستي آهستي پلند ٿيندو پيو وڃي.

پي دڀا سان اسنسڪاري بہ سنسڪاري ٿي سگهي ستگور جي اهڙي مهما آهي جو جيڪو سندن تو تنهن جو ڪجهہ قدر اڌار ٿئي ٿو ۽ چوراسيءَ ي ٿو ۽ ڪيترن ئي دکن ۽ ڪليشن کان سندس بچاءُ ن جي دڀا سان هن جي اڌار جو رستو آئيندہ تنهن ڪري سڀني ماڻهن کي گهرجي تہ پنهنجي

١٨٧. جڏهن ڪسي ستگور جي چرنن ۾ پريت آهي انهيءَ کي ستگور جي مهما کان سواءِ ٻي ڪا به ڳالهه نٿي وڻي ۽ جڏهن جو ستگور ۾ نشچو آهي اهو ستگور ۾ ڪوبه اوگڻ نٿو ڏسي. پر جي ڪنهن ۾ اوگڻ درشٽي آئي ته ستگور ۾ سندس ڀاوَ ٿا برابر نه رهندو. انهن ڪري ستگور بسبب ڪڏهن به اوگڻ درشٽي نه آڻڻ گهرجي. جنهن جي اهڙي حالت آهي اهو ئي گورمک ليکبو ۽ انهيءَ کي هڪ ڏينهن پور پد ملندو.

١٨٨. جوالا آهن ته ايشور سڀ هنڌ، آڪاش، ڌرتي، پاتال ۾ وياپڪ آهي پر ڪنهن کي به ملي ڪونه ٿو. جيڪڏهن هن جي روپ جو درشن ڪنهن کي به نٿو ٿئي ته پوءِ هن جي سرو وياپڪ هجڻ مان جيو کي ڪهڙو فائدو؟ جڏهن مالڪ، ستگور جو روپ ڌارڻ ڪري اچي ٿو تڏهن انهيءَ روپ سان ماڻهن کي درشن به ڏئي ٿو ۽ هن کي ڀيد سمجهائي، پنهنجي دئا مهر سان ڪالن ڀڳتيءَ جي ڪمائي ڪرائي، ڪين نج گهر پهچائي ٿو ۽ پنهنجي اندر روپ جو درشن ڏيئي ٿو. هاڻ غور ڪرڻ گهرجي ته ستگور روپ وڏو آهي يا وياپڪ روپ؟ وياپڪ روپ سان ڪنهن جو به ڪم نٿو بڻجي. ستگور روپ جو ستسنگ ۽ هن جي سيوا ڪري، جنهن وقت انسان کي هن ۾ نشچو ٻڌجي وڃي ته پوءِ سوالنيءَ سان ڪم ٿي ٿو. وقت جي ستگور جي ملڻ کان سواءِ ڪنهن کي به مالڪ جو پورو نشچو نٿو ٿي سگهي ۽ جيستائين پورو نشچو نه آهي ليستائين پوري پريت ۽ پرتيت به نه ايندي ۽ جي پريت ۽ پرتيت ناهي ته اڌار ڪيئن ليکبو. پوءِ جيڪي به پرمارٿي ڪرم ڪيا انهن جي ڦل ڀوڳڻ لاءِ چوراسيءَ جي چڪر ۾ وڃڻو پوندو، پر سچي مالڪ جي ڀڳتي ڪڏهن به نه ٿيندي جيستائين وقت جو ستگور نه ملندو ۽ هن جي وچنن تي

جنهن کي پوري ستگور جو درشن ۽ شيوا ۽ ستسنگ ۽ شبد جو ابياس پراپت آهي، اهوئي جيئرو وڏڀاڳي آهي.

سُت دارا اور لڪشمي سڀ ڪاهو کي هووي،
ستگور سيوا ساڌ سنگ ڪل ۾ دولڀ دووي.

١٨٥. رام، جو تن لوڪن جو ڪرتا آهي ۽ انهن کي پالي پوشي ٿو ۽ ناس ڪري ٿو، سو آتما تي دعوئل رکندڙ آهي. جاڪاڻ ته هن دنيا کي اصلي روپ کان جدا ڪري گرڀ ۾ وڌو ۽ پوءِ انيڪ پرڪارن جا اندريان ۽ ٻاهريان دشمن هن کي ساڻ لڳائي ڇڏيا. جهڙي اندر ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار ۽ ٻاهر، مالڪ، پتا، استري، دوست، ڌن، عزت ۽ وڳن ۾ ڦاسائي ڇڏيو. پوءِ اهڙن دکن ڏيندڙ کي ڪيئن مڃجي؟ لنهن ڪري ستگور کي ئي مهرٻاڻ گهرجي، جنهن جي پرتاپ سان اهڙي داعويدار جي جار مان نڪري سدا سک جو استان پراپت ٿئي. ستگور کان سواءِ هن سنسار ۾ بيو ڪير به ڪال جي جار مان ڇڏائڻ وارو ڪونهي.

١٨٦. سنت ستگور جنهن نام جو نرنيه ڪيو آهي، اهو نام ويدن ۽ شاسترن ۾ ڪونهي ۽ سنت ستگور اهو ئي آهي جنهن وٽ اهو پورو نام آهي. انهن ته گهٽيئي بيڪ ڊاري ٻاڻ کي ساڌ ۽ سنت ڪرتائين ٿا پر هو ساڌ ۽ سنت نٿا ٿي سگهن. سچن ۽ پورن سنتن جي پرتاپ ڪري ڪين روني نصيب ٿئي ٿي. پر سنتن جو پد اهو ئي پائيندو جو هنن جو پيارو هوندو ۽ پيارو اهو ئي ٿيندو جو هنن جي چرنن ۾ پريم ۽ وشواس رکندو. پريم ۽ وشواس، هنن جي مهر ۽ شيوا ۽ ستسنگ مان پراپت ٿيندا. لولوڪيءَ جي نات جو نام ۽ پد به سنتن جي ديا ۽ هنن جي بتايل ابياس ڪرڻ سان ملندا ۽ اهي به، هن ڪلجگ ۾ ٻي ڪنهن به طرح سان نه ملندا.

اهڙا دعويٰ ڪري ته ٻيا ستگرو جي برابر پد پائيندس ته اهو
سراسر غلط آهي. ڇاڪاڻ ته وقت جي ستگرو جي مٿي ٻيا،
برابر پد پائڻ ناممڪن آهي. چاهي برهي ڇجي ٻيا ته هجي،
انهي کي ستگرو جي ضرورت آهي. پر اهو ڪجهه قدر سچي
نه هجي ۽ ان وقت پورو ستگرو نه ملي، پر ادورو گرو
ملي وڃي ته اها برهه نه ويندي رهندي. پوءِ جي پورو
ستگرو ملي نه وڃي ته اها چاهه نٿي رهي. جي ڪنهن کي
برهه ۽ پرام ناهي پر هو پوري ستگرو جي شرڻ ۾ اچي واو
آهي ته مهربان ستگرو، پنهنجي دايا سان هن جي برهه ۽
پرام کي وڌائي، هن جو ڪارج راس ڪري ڇڏيندو. پر
جيڪو ادوري (Imperfect) گروءَ سان گڏيو سو پنهنجي
اهنڪار ۾ رهندو ۽ سندس ڪم نه پورو نه ٿيندو. هر طرح
سان مکيه ڳالهه، پورو ستگرو آهي. انهيءَ مان سمجهڻ گهرجي
ته پوري گروءَ جي ملڻ کان سواءِ ڪنهن جو به ڪارج پورو
ٿي نه سگهندو.

١٨٤. ستگرو جي شرڻ وٺڻ جو درجو تمام اُتم ۽ ڪٺن
آهي. ائين ته هرڪو تو چوي ته مون شرڻ ورتي آهي.
پوري شرڻ وٺڻ واري جي اها حالت هوندي آهي جو
هن کي ستگرو کان وڌيڪ ٻيو ڪير نه پيارو نه لڳندو آهي.
جنهن جي اهڙي حالت آهي تنهن لاءِ ائين چوڻ درست آهي
ته هن شرڻ ورتي آهي. اڳئين وقت ۾ جيڪي سنت ٿي
ويا آهن، تن جيون جو ليستائين اڌار نه ڪيو جيستائين ڪ
هن پنهنجو تن، من ۽ ڌن ارپڻ نه ڪيو هو. پر هيٺئر
رادا سوامي ديال، ماڻهن کي دکي ۽ نربل ڏسي،
هنن جي ٿورڙيءَ پريت ۽ ديمتا تي راضي ٿي
[illegible] يا سان سندن اڌار ڪن ٿا. انهيءَ ڪري

پرکڻ يا سڃاڻڻ چاهي سو ائين پرک هرگز نه ڪري سگهندو
سڀ انسان نادان ۽ انڌا آهن، انهن ڪي ڪهڙي طاقت آهي
جو سنت ستگورو، جيڪو سڄاڳو (Wakeful) آهي تنهن کي
پرکين ۽ پڪڙين؟ انڌو ڪڏهن به سڄاڳي يا سڄي کي نه
پڪڙي سگهي پر سڄاڳو جنهن کان چاهي تنهن کان پاڻ پڪڙائي
سگهي ٿو. تنهن ڪري، دنيا جي جيون ڪي طاقت ناهي
جو ستگورو کي پرکي سگهن. پر ستگورو پنهنجيءَ موج سان،
جي چاهين ته هو اڳيان پاڻکي ظاهر ڪري سگهن ٿا. پر پهريان
انتري جاڻ يا سڃاڻپ ڪافي آهي ته جيڪو اندر جو پيدا
پڌائي ۽ شبد مارگ جو اپديش ڪري، تنهن کي ستگورو
سمجهجي. انترو ضرور ڏسجي ته هو پاڻ شبد ۾ رتو پيو آهي
يا نه؟ اهو معلوم هئڻ گهرجي ته اندر جو پيد، سنت ستگورو
کانسواءِ ٻئي ڪنهن وٽ نه هوندو آهي يا انهيءَ وٽ هوندو
آهي جنهن کي پاڻ سنتن اهو بخشيو هوندو. سنت ستگورو
ڪنهن به ٻوليءَ يا وچن يا ڪنهن به گرنٿ تي آڌار نٿا رکن.
هو پاڻ مالڪ جو روپ آهن. جيستائين ماڻهو ستگورو جي ديا
مهر سان، اندرئون اڀياس نه ڪندو، تيستائين هن کي ڏڄ پيد
پراپت نه ٿيندو. سنت ستگورو، پنهنجيءَ موج سان جنهن کي
چاهين تنهن کي پار ڪري سگهن ٿا پر انهيءَ لاءِ پريم ۽
وشواس مکيه ضروري آهن. پوءِ هو چاهي پهريان ستسنگ
ڪرائين يا شبد جو اڀياس ڪرائين، چاهي پهريان شيوا ۾ لڳائين.
هو سڀ طرح سمرٿ آهن ۽ جي راضي ٿي وڃن ته هڪ ڪن
۾ جيڪي وٽين سو بخشي ڇڏين. پر سندن راضي ٿيڻ
ضروري آهي.

۱۸۳. جيڪڏهن ڪنهن کي، ڪنهن وقت مالڪ جي ملڻ
جي پرهه يا شوق پيدا ٿيو پر انهيءَ حالت ۾ جي ڪيس پورو
ستگورو نه مليو ته سندس پرهه نستل وينندي. جيڪڏهن پرهي

ڪيئن پراپت ٿيندي؟ سنت ستگر کان سواءِ اهو ڪير به
ڏرپد يا اڳين منزل ڏي پهچڻ جو رستو نه ٻڌائي سگهندو
ڇاڪاڻ ته، سنت ئي انهيءَ منزل جا واقف آهن ۽ ٻئي ڪنهن
کي به انهيءَ پد جي خبر ناهي. اهڙا جيڪي سنت ستگرو
آهن، انهن جي شيوا ۽ ڀڳتيءَ سان انتهڪرڻ جي شدي ۽
انهن جي ديا مهر سان مڪتي پد جي پراپتي ٿيندي ۽
اڀياس ۾ لڳجندو. انهيءَ کانسواءِ، اندر جو ٻيو ڪو اپاءُ
ڪونهي.

۱۸۲. ڀڳتيءَ جو ٻج، سواءِ سنت ستگر کان، ٻيو ڪير به
نٿو وجهي سگهي. دياڙو سنت ستگر ئي هن جيو کي سڌو
رستو ٻڌائين ٿا ۽ باقي سڀ ڀرمائڻ ۽ ڀٽڪائڻ وارا آهن ۽ پاڻ
خود ڀرم ۾ پيا آهن. خيال ڪري ڏسو ته سرن ۽ پٿرن جي
ٺاهيل مندر ۾ پٿر مان ٺاهيل مورتي جنهن کي پاڻ انسان ٺاهي
گهڙيو آهي، سا آڻي رکي انهيءَ کي ڀڳوان ڪري مڃيو وڃي
ٿو ۽ ماڻهن کان انهيءَ جي پوڄا ڪرائي وڃي ٿي ۽ جيڪو
مندر (انساني سرير) خود مالڪ جو ٺاهيل آهي ۽ جنهن ۾ هو
پاڻ اچي وسيو آهي ۽ جتي گهنڊ، سنک ۽ طرح طرح جا باجا
هر وقت وڄي رهيا آهن ۽ سدائين آرتي ٿي رهي آهي، انهيءَ
جو ڀيد ماڻهن کي نٿو ٻڌايو وڃي. پوءِ اهڙا جيڪي الٽا آهن
اهي پاڻ ئي جڏهن ڀليا پيا آهن ۽ ٻين کي به رستي کان ڀلائين
ٿا، سي ماڻهن جو ڪارج سنوارڻ بدران انهن جو اڪاج ٿا
ڪن. انڌو ڀلا انڌي کي ڪهڙو رستو ڏيکاريندو؟
تنهن ڪري انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو وڃي ٿو ته ستگر
کي ڳولهيو. جيستائين ستگر نه ملندو تيستائين اندر جو ڀيد هر
حاصل نه ٿيندو ۽ ستگر اهو ئي آهي جنهن جو عشق شبد
لڳو پيو آهي ۽ اندر جو ڀيد ۽ نج گهر پهچڻ لاءِ شبد جو رسـ
ٻڌائي ... ۽ جيڪڏهن ڪم ٻاهرين ڳالهين مان ستگر ڪ

گياني چوراسيءَ ۾ ڀٽڪندا رهندا.

١٨١. ڇهن شاسترن جون گهٽتايون ويدانت ڪيئن ؟ ويدانت جون گهٽتايون وري هيئر سنت ستگور ظاهر ڪري رهيا آهن. ست جڳ، ترتا ۽ دواپر ۾ انهن شاسترن جي اڻاهڻ ۽ سگهائي ظاهر نه ٿي هئي ڇاڪاڻ ته تڏهن سنت پرگهٽ نه ٿيا هئا. هاڻي ڪلجڳ ۾ جيون جي اڌار ڪرڻ واسطي سنت پاڻ لهي آيا آهن ۽ سڀني متن جي اوڻاين ۽ غلطين کي کولي ٻڌائين ٿا ۽ اڌار جو سچو ۽ سڌو رستو، ڏيکارين ٿا. ٻر ماڻهو اڃا ٿوريءَ مت وارا آهن، جو نه سنتن جي وچن کي مڃين ٿا ۽ نه انهن لاءِ وشواس ڪن ٿا. چڱيءَ طرح وچار ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته ماڻهن واد مع جو نشچو، نه پڙهي يا ٻڌي ڪيو آهي ۽ انهيءَ جي ڪمائي ڪانه ڪئي آهي ۽ نڪو ڪري سگهندا، ڇاڪاڻ ته جو ابياس ودن ۾ لکيل آهي تنهن جي ڪمائي هن ڪلجڳ ۾ ٿي نٿي سگهي ۽ ڪمائيءَ وارا لاءِ ماڻهن جو وشواس ئي نٿو جمي، نه ته جيڪر هن ڪان سنتن جي رهت موجب، ڪمائيءَ جي جڳتي سکي، ابياس ۾ لڳي سگهن ٿا ۽ جيڪي صرف پوٿين جي آسري لاءِ رهيا ۽ انهن کي پڙهندا ئي رهيا ته ڪمائيءَ جي جڳتي انهي پوٿين مان ڪين ڪڏهن به حاصل نه ٿيندي، انهيءَ پڙهڻ مان ته پاڻ ڪين ودبا جو اهنڪار ٿيندو جو سندن انتهڪرڻ يعني اندر کي وڌيڪ ملين ڪندو ۽ پوءِ ڪمائي ڪرڻ جي لائق به نه رهندا. اڄ ڪالهه اهڙي حال ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو گيانيرن وڏيون وڏيون ٿا ڪن پر ڪمائي ڪجهه به ناهي. تنهن ڪري پرمارٿي جيون کي مناسب آهي ته ستگور ڀڳتي ۽ ستگور جي کوج کانسواءِ ٻيو ڪوبه ڪم نه ڪن. ڇاڪاڻ ته ٻئي ڪنهن به ڪم ڪرڻ سان، انتهڪرڻ جي شڌي، هن ڪلجڳ ۾ ممڪن ناهي ۽ جيستائين انتهڪرڻ يا اندر صاف نه ٿيو آهي ته ڪتني

انهيءَ جو ورثو، سنت ۾ واٽ ڪن ٿا. گورمک اهو آهي
جنهن کي سنت سنگور جو ڳالهائڻ مٺو لڳي ٿو ۽ چاڪاڻ ته
انهيءَ کان زياده رس ڀري شيءِ ٻي ڪا به ناهي ۽ سنگور جي
وچن کي ٻڌڻ، هن کي ڏاڍو سولو ٿو لڳي ۽ سنگور ۾
وشواس رکڻ اهو گورمک جي پوشاڪ آهي. سڀ ڳالهه جو
سار يا نچوڙ اهو ئي آهي. پر اهو بيان ڪيل حال سڀني ۾
نرمل پرمارٿيءَ جو ئي آهي. انهيءَ کي اهي ڳالهيون (سنگور
جا وچن ۽ سنگور ۾ وشواس وغيره) اهڙيون پياريون لڳنديون
جهڙيون مٺي ڇيل آهي، پر دنيا جي ماڻهن کي اهڙين ڳالهين مان
نفرت ٿيندي.

١٨٠. اڄ ڪلهه جي گيانين موجب وېد پڙهڻ آهن ۽ پوءِ
سنت. اها انهن جي وڏي غلطي آهي، جنهن جو سبب هي
آهي ته هو سنت انهيءَ کي سمجهن ٿا جيڪو وېد پڙهي،
انهن موجب هلي ٿو ۽ جن کي پوري گهٽي ساڌ جي اوستا
حاصل ٿي آهي. پر اهي سنت، جي ويدن جي ڪرتا جا به
ڪرتا آهن، انهن جي هنن کي بلڪل خبر ئي ڪانهي. جيڪي
ويد پڙهي پنڊت سڏائين ٿا اهي هنن سنتن جي
شهرڪن جي برابري به ڪا ڪري سگهن. جهڙي طرح هڪڙي
ماڻهوءَ وديا ته پڙهي هئي پر نوڪري نه ملي هئس ۽ ٻئي
وديا گهٽ پڙهي هئي پر نوڪري وڏيءَ درٻار ۾ ملي هئس
۽ اها هوشياريءَ سان ڪري ٿو. ڪنهن ڪري جنهن کي ڇٽ
وديا آهي سو هن جي برابري نٿو ڪري سگهي. اهو حال
اڄ ڪالهه جي گيانين جو آهي جو وديا ته خوب پڙهي اٿن،
نوڪري نه ڪيائون. هني سنگور جي ڀڳتيءَ جي پراپتي نه اٿن.
سنتن جا شهرڪ ڪٿي اڻ پڙهيل ۽ ٻالا ڀولا به هجن پر جنهن ته
هنن کي پوري سنگور جي ڀڳتي ۽ شرڻ پراپت آهي، هو
شڪ ڏيندن ضرور پوري پد کي پائيندا. پر واچڪ جوڳي ۽

گور ڀڳتي تي سکڻي تي. سچي ڀڳتي گرنٿ جي انهيءَ ۾
آهي تہ جيڪي وچن ان ۾ لکيل آهن انهن تي عمل ڪجي،
يعني انهيءَ ۾ لکيل آهي تہ ستگور جي کوج ڪري، هنجي
سيوا ڪجي ۽ شرن ونجي. اهي وچن مڃڻ گهرجن. پر جيڪڏهن
انهن وچنن کي نہ مڃيو ويو تہ گرنٿ جي ٽيڪ ۾ ڪوڙي
آهي. انهن جو بہ اهڙو ئي حال سمجهڻ گهرجي جهڙو مورتي
پوڄا وارن جو آهي. پر انهيءَ غلطيءَ جو سبب اِهو آهي جو
ماڻهن کي ڪو سچو سمجهائڻ وارو نٿو ملي. انهيءَ ڪري سيئي
ڌرمن ۽ پنٿن ۾ پيا آهن ۽ جيڪي گورو ڪين ملن ٿا اهي پاڻ
ڪڏهن چيلا نہ ٿيا آهن ۽ هُو جيون کي پرمائين ۽ ڀٽڪائين ٿا.
چا پنڊت، چا پيڪ سڀني جو اهو ئي حال آهي. انهن مان
ڪوبہ ستگور ۽ ستگور ڀڳتيءَ جي مهما نٿو ڄاڻي. پاڻ تہ انهن
ڪتابن، پوٿين، پراڻين رسمن ۽ رواجن ۾ ڦدا پيا آهن پر ماڻهن
کي بہ انهن سان ڦدندا پيا وڃن. ستگور ڀڳتيءَ جو اُپديش،
جنهن مان جيو جو ڇوٽڪارو ٿئي ۽ پنهنجو نج گهر ملي، سو
ڪير بہ نٿو ڪري. اِهو اپديش صرف سنت يعني ست پرش
ڄاڻ جڏهن سنسار ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو تڏهن ڪري ٿو، ڇاڪاڻ
تہ هي سڀ ڪان الم مارگ آهي ۽ انهيءَ ۾ جيو جو جلدي
اُڌار ٿئي ٿو. پر سنسڪاري جيو ئي انهيءَ اُپديش کي مڃيندا
۽ ستگور جي کوج ۾ اهيئي ڪندا. پر جيڪي ماڻهو اهرئين
عمل ۽ چمتڪار ۾ خوش ٿين ٿا انهن کان ستگور ڀڳتيءَ جي
ڪمائي، جنهن ۾ تن، من ۽ ڌن جي چوٽ ٿي لڳي، سا نہ
ٿي سگهندي. الم سنسڪاري اهيئي آهن جيڪي ستگور
نام کي مکيہ سمجهن ٿا.

١٧٩. سنساري جيو منا ۽ سلوڻا ڀوڄن کائي ۽ سنا ڪپڙا
پائي خوشيءَ ۾ مگن رهن ٿا. اهو سڀ اجايو آهي. پر گورمک
ڪهڙي شيءِ مٺي ۽ سوادي ۽ ڪهڙا ڪپڙا پيارا لڳن ٿا،

اُنَ ڪلهه جا پنڊت ۽ گياني ته لسورا واچڪ گياني ° آهن ؛
ڪين سچي پنڊتائي ۽ سچو گيان ته پراپت ناهي. اهي سڀ
چوراسيءَ جا لائق آهن ڇاڪاڻ ته وقت جي ستگور کان سواءِ
ٻئي ڪنهن کي به طاقت ناهي جو جيون کي چوراسيءَ کان
بچائي، نج گهر ۾ پهچائي.

١٧٨. ڪال پنهنجي چار دنيا ۾ اهڙي خوبصورتيءَ سان
وڇائي آهي جو جيڪي ماڻهو پرمارٿ ڪري رهيا آهن ؛
سمجهن ٿا ته اسين وڏا پرمارٿي آهيون ۽ ٻيا ماڻهو به سندس
تعريف ڪن ٿا ته هو وڏو پرمارٿ ڪمائي رهيا آهن. اڳين
جو حال جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته منجهن پرمارٿ جو
ذرو به نه ليندو. يعني هو تيرٿن، ورتن ۽ جپ ۽ مورتي پوڄا
۾ ئي مشغول آهن ۽ ڇگيءَ طرح نيم ۽ آچار ڪري رهيا آهن.
انهن ڳالهين مان اهنڪار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل ٿو ٿئي.
هن وقت اهي ڪم مالڪ کي منظور ناهن ۽ نڪو اهي چوراسيءَ
کان بچائي سگهن ٿا. تنهن ڪري سيئي جيو چوراسيءَ ۾
هلندا پيا وڃن. جنهن کي چوراسيءَ کان ڇٽو آهي تنهن کي
گهرجي ته وقت جي ستگور جي ڀڳتي ڪري. انهيءَ کان سواءِ
ٻيو ڪو به اپاءُ، بچڻ جو ناهي. پر ڇا چئجي! ماڻهن کي اڄين
ساڌ نائن جي محنت ڪرڻ قبول آهي پر ستگور جي ڀڳتي
قبول نٿا ڪن. ڪيترا ته گرنٿ وغيره جي ٽيڪ ۾ ٻڌا پيا
آهن ۽ ان کي گورو ڪري مڃين ٿا. ڀلا غور سان ويچارڻ
گهرجي ته گرنٿ کي گورو ڪري مڃڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو
۽ ڪٿي اهو حڪم لکيل آهي؟ گرنٿ ته جڙ آهي، انهيءَ جي
ڪا به شيوا ٿي نٿي سگهي. پر اهڙن جيون کان ڪهڙي

° جو ڪتابن مان پڙهيل ۽ ٻڌل گيان جو فقط ڳالهيون
ڪندو هجي.

انهن ۾ ڪا ڳالهه ڪونهي ته ڀر ڪال ايندي چالاڪي ڪيڏي آهي جو پنهنجي مطلب جا وچن، جيون کان ڇڏائي وٺو ڀر سنت ديا ڪري جيون کي جيڪا چڱيءَ طرح سمجهائي ڏنا ن ٿا سا هو نٿا مڃين ۽ ان جي ڳالهه گهرن ٿا. انهيءَ مان ظاهر آهي ته اهي ڪال جا جيو آهن ڇو ته ٻيا ڳالهيءَ جي سنتن جا وچن نٿا مڃين ۽ ڪال جا وچن ٻيا ڳالهيءَ جي مڃين ٿا. اهڙن ماڻهن ڏانهن سنت به خيال نٿا ڏين.

١٧٦. پران لوڪ ۽ انڊي لوڪ، ٻنهي جي حد آڪاش ناهين آهي. انهيءَ کان اڳتي، سرت فقط شبد جي آڌار تي جي سگهي ٿي ۽ اتي پنهنجي عجائب پرش جو درشن پراپت ي سگهي ٿو، جو ستجڳ، ترينا ۽ دواپر ۾ گپت رهيو ۽ ڪلهن ڪي ۾ انهيءَ جي ڀيد جو پتو نه پيو پر هاڻي ڪلجڳ سنتن انهيءَ کي ظاهر ڪيو آهي. جن کي سنتن جي وچنن ي وشواس آهي اهي ٿي انهيءَ عجائب پرش جو درشن نيندا ۽ مڪتي پد کي پراپت ڪندا.

١٧٧. اڄڪلهه اڪثري ته مورکتا ۽ اگياني آهي جو ڪيترا ٺهور پنڊت ۽ ساڌو تيرٿ جي خواهش رکي ڪاشيءَ ٿا وڃن پنڊتن جي سنگ ۾ پنهنجو جنم ٿا وڃائين. انهن کي گهربو و ته جڏهن هو ساڌو ٿيا لڏهن پهرين پوري ستگور جي کوج ڪري، هن جي شيوا ۽ ستسنگ ڪري ڪجهه انترمک اڀياس ي ساڌنا ڪن ها جنهن ڪري ساڌ ٻڌجي پون ها ۽ پنهنجي ع استان کي به پائين ها ۽ وديا پڙهڻ ۾ پنهنجو جنم نه گنوائين . پنڊتن جي سنگ مان ڪبر به جنم مرڻ کان نٿو ڇٽجي هي ڇاڪاڻ ته برهما جيڪو ويدن جو ڪرتا آهي، اهو ا ٿي چوراسيءَ جي چڪر مان نڪري نٿو سگهي ته پوءِ ن کي ڪهڙي طاقت آهي جو انهيءَ چوراسيءَ کان بچن؟

[illegible] سٺ آهي سو، جيب [illegible]
[illegible] سائين [illegible] علي. اهڙن سائين [illegible]
[illegible]
[illegible] آهي، سٺ جو پيدا، جو سنڌ ۾ آهي
[illegible]
[illegible] جي سکور جي شيرا ؛
[illegible] ۽ آهي، سٺ پاڻ خود
[illegible]
[illegible] آهي [illegible] سب جيو جنگي
[illegible]
[illegible] آهي [illegible] ۽ [illegible]
[illegible]
[illegible] سکور جي [illegible] ؛ کيس
[illegible]
[illegible] آهي ؛
[illegible]

[illegible]

[illegible] وڃي
[illegible]
[illegible] جيڪي
اعتبار [illegible]
[illegible] آهي لوڻ کي خوب جهليو ويندا آهن، انهي [illegible] جو

١٧٠. جيو ۽ برهم ٻئي پائر آهن. فرق صرف ايترو آهي، جو برهم کي ڪاروبار هلائڻ جي اختياري مايا آهي ۽ سڀ جيو سندن حڪم ۾ آهن. ديهه ۽ جسم کي ڏاهڻ ۽ پالڻ غيره برهما، وشنو ۽ مهاديو جو ڪم آهي ۽ جيون کي سنسار ۾ ڦاسائڻ به انهن جو ڪم آهي پر مڪتي ڏيڻ، سنتن ان سواءِ ٻئي ڪنهن جي همت ۾ ناهي. ڇاڪاڻ ته مالڪ، سنهن جا، هيءَ آتما ۽ برهم، انش آهن، انهن مالڪ جا فقط سنت ئي شراڪ يا پائيدار آهن جي خود هو پاڻ مالڪ آهن. هيءَ مالڪ پاڻ، جيون جي اُڌار ڪرڻ لاءِ، سنتن جو سروپ ارايو آهي ۽ انهيءَ روپ ذريعي ئي جيون کي اهو استان پد ڏيان ٿا، جو برهما، وشنو، مهاديو کي به پراپت ڪونهي. ڪن سنتن جي چرنن ۾ سچي پريت ۽ پڪو وشواس هئڻ ر جي.

١٧١. شروعات ۾ هڪ هو، پوءِ ٻه ٿيا، پوءِ ٽي پوءِ ڪ ۽ پوءِ هزارن، لکن ۽ آخر بيشمار ٿائين نوبت پهتي. ي جنهنکي پورو ستگور، جو انهيءَ هڪ سان هڪ ٿيل ي ۽ انهيءَ هڪ جو ئي سروپ آهي، سو جڏهن ملي، ن هيءُ جيو انهيءَ جي ديا سان، انيڪتا يعني ڪثرت ڀرم ڪان اچي ٿو ۽ پنهنجي اڄ استان ۾ پهچي ٿو.

١٧٢. سنسار جا جيڪي به ڪم آهن انهن جو ڦل يا نتيجو ن کي پرڪش نظر اچي ٿو، انهيءَ سبب ڪري هو سنسار لد ئي ڦاسي پوي ٿو، ليڪن پرمارٿ جو ڦل يا نتيجو هوندو آهي يعني ظاهري طرح ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي، ڪري انهيءَ ۾ نشچو جلدي نٿو اچي. نشچو پهرين ڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته نشچي بنا ڪم نٿو ٻڌجي ۽ تائين ڪم نه ٿيو آهي تيستائين ڦل ڪيئن ملندو ۽ لڳي ن ٿيندي؟

ندا ڪرڻ ۾ اهڙيءَ جو نقصان آڻيندو ۽ اهڙيءَ جي لڳندا لاءِ
عاني ناهي.

١٦١. فائدو، اندر ۾ ٻڌڻ ۽ ڇڄڻ سان ٿئي ٿو. جيڪي
اهران منڇرو اپديش ڪن ٿا، تن جي وچن ۾ اثر نه هوندو
هي. ڪيترائي پنڊت ۽ پيڪداري پين کي ٻولين پڙهائين
۽ ٻڌائين ٿا ۾ انهيءَ جو سندن من تي ذرو به اثر ڏسڻ
نڪو اچي.

١٦٢. جيستائين ستگرو جي دنيا نه ٿيندي ليستائين جيو
ي وشواس ٿي نه اڀندو. جيڪي ستگرو جي چرنن ۾ پرلٽ
نشچو آهي، انهيءَ کي دنيا جو لائق سمجهڻ گهرجي. ڪيترائي
انهو ائين چاهيندا آهن ته اسانجي مَن مانڻ ۽ ڪشمين کي
ستگرو جي چرنن ۾ نشچو ٿئي. اها سندن خواهش بري ناهي
ر ايترو سمجهڻ کپي ته جيستائين ستگرو جي دنيا دوشٽي
ي ٿئي ليستائين پريم ۽ وشواس اچڻ مشڪل آهي. اها ڳالهه
ستگرو جي موج تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جڏهن
مو چاهيندا تڏهن هڪ ڪن ۾ پريم ۽ وشواس بخشي ڇڏيندا
۽ سنسار جي جار مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا.

١٦٣. سنتن جي ستسنگيءَ يعني شش کي مرڻ وقت تڪليف
ه ٿيندي آهي، بلڪ هو موت جو همت سان مقابلو ڪندو
آهي ڇاڪاڻ ته هو اڳيئي موت کي ياد رکيتو ۽ دنيا ۾ نالي
مالر هلي ٿو. هن جي دنيا جي نالن جي جڙ، اڳيئي ڪٽي
ڇڏي آهي. جهڙيءَ طرح ڪپيل ۽ ڪيرائل وڻ جي تازگي ۽
ساواڻ ٿورن ڏينهن لاءِ رهندي آهي، اهڙيءَ طرح سنتن جي
ستسنگيءَ جو دنيوي وهنوار سمجهڻ گهرجي.

١٦٤. سنتن جي ستسنگ ۾، ماڻهن جو ٽڪڻ مشڪل آهي.
ڪن جو هيءُ حال آهي جو ستسنگ ۾ ويٺا هوندا آهن پر انهي

هوندا ئي ڪونهن يعني ڏسڻ ۾ ائين ايندو آهي ته وچن ٻڌندي رهيا آهن پر من سان هنڊائڻ واسطي نه ٻڌي رهيا آهن پوءِ انهن کي ستسنگ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ انهن ماڻهن جو نيڪ آهي جن جي دل تي اثر ٿئي ٿو ۽ انهيءَ موجب ٿورو گهڻو هلن به ٿا.

١٦٥. گرنٿن ۽ پستڪن ۾ ٿورو گهڻو مونجهارو (Confusion) رهي ٿو. ساڳيءَ ڳالهه جو ڪٿي کنڊن (Criticism) ٿيل آهي ۽ ڪٿي وري منڊن يعني انهيءَ کي ساراهيو ويو آهي. ماڻهو ويچارا ڪنهن کي مڃين؟ ڪنهن کي نه مڃين؟ تنهن ڪري جيستائين پورو ستگور نٿو ملي تيستائين جيو کي اها طاقت ناهي ته صحيح ۽ غلط جو فيصلو ڪري سگهي. گرنٿن ۽ پستڪن مان ثابتي برابر ملي سگهي ٿي پر مارگ يا رستو نٿو ملي سگهي. انهيءَ اندرئين مارگ يا رستي جا ڀيدي سنت ستگور ئي آهن ۽ اهو رستو هنن کان ئي ملي سگهي ٿو ۽ ٻئي ڪنهن کان نه ملي سگهندو.

١٦٦. ساڌ اهو ئي آهي جنهن ٻيا سڀ آسرا ڇڏي، فقط هڪ ئي ستگور جو آسرو ورتو آهي ۽ **سڀني سنتن جو مول مت، جو شبد آهي** تنهن کي پڪو جهليو آهي ۽ جنهن ڪم مان سندس گور ڀڳتيءَ ۾ گهٽتائي پوي ٿي، اهو نٿو ڪري. تنهن ڪري اهو ئي گور ڀڳت آهي ۽ اهو ئي ساڌ آهي.

١٦٧. جن کي پرمارٿ جو شوق ۽ چوراسيءَ جو خوف آهي، اهي ئي ماڻهو ستگور سان پريت ڪندا ۽ انهن ئي ماڻهن کي ستگور ۾ وشواس ايندو ۽ جيڪي ڪرامتون ڏسڻ چاهين ٿا ۽ بنا ڪرامتن ڏسڻ جي وساهه نٿا آڻين سي سچا پرمارٿي ناهن. انهن کي ستگور تي وشواس نه ايندو ۽ ڪرامت ڏيکاري

لڳندا ڪري ٿو اُهي، جو نقصان آڻيندو ۽ اُهيءَ جي لڳندا لاءِ معافي ناهي.

١٦١. ناٽڪ، اندر ۾ ٻاڦ ۽ گهٽ سان ٿئي ٿو. جيڪي ٻاهران ڏيکاءُ اهڙيءَ ڪن ٿا، تن جي وچن ۾ اثر نه هوندو آهي. ڪيترائي پنڊت ۽ پيڪداري ٻين کي پوٿيون پڙهائين ٿا ۽ ٻڌائين ٿا پر اُهيءَ جو سندن من تي ذرو به اثر ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

١٦٢. جيستائين ستگور جي دَيا نه ٿيندي تيستائين جيوَ کي وشواس ٿي نه سگهندو. جنهن کي ستگور جي چرڻن ۾ پريت ۽ نشچو آهي، اُهيءَ کي دَيا جو لائق سمجهڻ گهرجي. ڪيترائي ماڻهو ائين چاهيندا آهن ته اسانجي مِٽن مائٽن ۽ ڪٽنبين کي ستگور جي چرڻن ۾ نشچو ٿئي. اها سندن خواهش بري ناهي پر ايترو سمجهڻ کپي ته جيستائين ستگور جي دَيا درشٽي نٿي ٿئي تيستائين پريم ۽ وشواس اچڻ مشڪل آهي. اها ڳالهه ستگور جي مرضي تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جڏهن هو چاهيندا تڏهن هڪ ڪن ۾ پريم ۽ وشواس بخشي ڇڏيندا ۽ سنسار جي جار مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا.

١٦٣. سنتن جي سَتسنگيءَ کي شش کي مرڻ وقت تڪليف نه ٿيندي آهي، بلڪ هو موت جو هٿ سان مقابلو ڪندو آهي ڇاڪاڻ ته هو اڳيئي موت کي ياد رکيو ۽ دنيا ۾ نالي ماتر هلي ٿو. هن جي دنيا جي ناتن جي جڙ، اڳيئي ڪٽي پيئي آهي. جهڙيءَ طرح ڪپهل ۽ ڪيرائل وڻ جي ٽاڙي ۽ ساوڪ ٿورن ڏينهن لاءِ رهندي آهي، اهڙيءَ طرح سنتن جي سَتسنگيءَ جو دنيوي وهنوار سمجهڻ گهرجي.

١٦٤. سنتن جي سَتسنگ ۾، ماڻهن جو اچڻ مشڪل آهي. ڪن جو هيءُ حال آهي جو سَتسنگ ۾ وينا هوندا آهن پر ائين

آئي، ستگور جي ڪوچ ڪندا، اهيڙي جيڙ ستگور جي لائق آهن
۽ انهن کي ئي ستگور ملندو ۽ پنهنجي دِيا سان انهن جو ڪم
راس ڪندو ۽ پوءِ اهيڙي جيڙ، جنم مرڻ کان ڇٽي ويندا.

١٥٧. ۽ شينهن، هن جيڙ جي پٺيان پيل آهن، هڪ ڪال
ٻيو ٻن. جيستائين، اهي اٿي نه ماريا ويندا ليستائين پرمارٿ
نه پڄندو ۽ ستگور ڪانسواءِ ٻيو ڪير به انهن کي مارڻ وارو
ناهي. تنهن ڪري جيڪو سست ستگور جي شرن ونندو،
اهوئي انهن (ڪال ۽ من) تي سوڀ پائيندو ۽ اهوئي پار ويندو.

١٥٨. جيڪو ستگور جي دَر جو منگتو سا ڀڪاري آهي
انهيءَ جو مان ۽ مرتبو نٿو گهٽجي ڇاڪاڻ ته، سڀ هن جي دَر
جا منگتا آهن. سڄيءَ رچنا ۾ ڪير اهڙو ناهي جو ستگور
جو منگتو نه هجي. جيڪو ستگور کان گهرڻ ۾ لڄ ۽ شرم ٿو
ڪري، انهيءَ کي ڪال جي اڳيان پاڳي نيچو نوائڻو پوندو
۽ ان جي سزا ڀوڳڻي پوندي. وڏ ڀاڳي اهي آهن جي ستگور
جي دَر جا منگتا آهن.

١٥٩. جن کي وِيدن ۽ پراڻن ۾ نشچو آهي، اهي چوندا ته
هڪ کن جي ستسنگ ڪرڻ سان، انسانَ جا پاپ دور ٿي وڃن
ٿا. پوءِ سنتن جي ستسنگ جي قل جو ڪهڙو بيان ڪجي!
جنهن جي مهما وِيد ۽ پران به بيان نٿا ڪري سگهن. جيڪي
سنتن جي ستسنگ ۾ وڃن ٿا، انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته
سندن سڀئي ڏهون جا پاپ ضرور ناس ٿيندا هوندا. اهو
قل ته انهن کي پراپت ٿئي ٿو جيڪي رواجي طرح نت نيم
سان ستسنگ ۾ اچن ٿا ۽ وڃن هلن ٿا پر جن جو سنتن ۾ نشچو
آهي ۽ وقت جي ستگور سان پريت ڪن ٿا، انهن کي جيڪو
قل ملي ٿو تنهنجو بيان نٿو ڪري سگهجي.

١٦٠. سنتن جي جيڪو ساراهه يا جيڪو نندا ٿو ڪري،
تنهن جو آڌار ٿيڻو پر جيڪو سنت جو شيوڪ ٿي ۽ پوءِ به

ن آڳرن وڏن کي ئي ستگرو جي ٻوجهه ۽ سڃاڻپ نہ هئي
ھ رواجي ماڻھو ھنن کي ڪيئن سڃاڻي سگھندو؟ انھيءَ
جواب ھي آھي تہ اھي سڀ پنھنجي پنھنجي اھنڪار ۾
ھئا ۽ چاڪاڻ تہ ھنن جو ستگور ۾ نشچو ۽ اعتقاد نہ ھو،
ڪري ستگور ۾ پاڻ کي ھنن وٽ پرگھٽ نہ ڪيو. اھي
دنيا جي رچنا جي ڪاروبار جي لائق ھئا ۽ ھنن کان
ي ڪم وٺڻ منظور ڪيو ويو. جي ھنن کي ستگور ۾
سو ۽ اعتقاد ٿي وڃي ها تہ وري ڪانئن دنيا جي رچنا جو
نہ ٿي سگھي ها ۽ سنتن کي دنيا کي بلڪل ڦٽائڻ يا
ڻ ۾ منظور ناھي. اھي سڀ سنساري ماڻھن جي سنڀال
لي پيدا ڪيا ويا آھن. ستگور جو اُپديش ھنن لاءِ ناھي
ڪي ھو انھيءَ کي مڃيندا ۽ نہ ٻڌڻ چاھن ٿا. ستگور الاءِ
ڻ ۽ پاڙ رھندو. ھاڻ ستگور پڪاري چون ٿا تہ جڏھن
وڏا وڏا، جن ۾ ھزارن ماڻھن جو نشچو ۽ ڀروسو آھي،
۾ نرڪ جي باھہ کان نہ بچيا تہ ٻيو رواجي ماڻھو ڪيئن
دا؟ پر ھنن وچنن تي انھن کي ئي اعتبار ايندو جن جي
۾ پرمارٿ آھي ۽ جن جو چوراسيءَ جي چڪر کان جلدي
ڪارو ٿيڻ وارو آھي يعني جن کي سچي مالڪ سان ملڻ
سچي ۽ نرمل چاھہ آھي. جن ۾ سنسار جون انيڪ واسنائون
ن پيئون آھن، اھي ستگور جي وچنن تي ڪڏھن بہ ڀروسو
ليت نہ ڪري سگھندا. پر اھو ھر ڪنھن کي معلوم ھئڻ
جي تہ جنم مرڻ کان بچائڻ وارو، سدا سک جي استان جي
ڻ وارو ۽ نج ڌام ۾ پھچائڻ وارو صرف ستگور ئي آھي.
ھا، وشنو، مھاديو، اوتار، ديوتائون، پير پيغمبر ۽ اولياءَ سڀ
ئي بنا گورو آھن يعني انھن کي سنت ستگور ڪونہ مليو
ڪو ھو پاڻ چوراسيءَ جي چڪر کان بچيا آھن ۽ نہ ھو ٻين
بچائي سگھن ٿا. جيڪي جيڪي ھنن وچنن تي وشواس

من جو نن گٺن سان ملهو پيو آهي، اهو ٻه هن جيؤ کي اهڙيءَ طرح ڏسي ٿو جيئن ٻلي ڪئي کي کائڻ جي ارادي سان ڏسندي آهي. جيڪي ڪال جا جيؤ آهن ۽ هن جسو حڪم مڃين ٿا يعني من جي چوڻ موجب هلن ٿا، تن کي ٻه ڪال تڪليف ڏئي ٿو. اهڙيءَ طرح سڀئي جيؤ دکي آهن، پر جيڪي ستگور جا جيؤ آهن، انهن جي مٿان ستگور جي دبا رهيٺي ۽ ڪال ٻه همن کان ڊڄي ٿو ۽ همن جي سهائتا ڪري ٿو. تنهن ڪري سڀني کي گهرجي تہ وقت جي موجوده ستگور جي شرن ونن جيئن هتي ۽ هتي ٻہ سندن بچاءُ ۽ سنڀال ٿيندي رهي.

١٥٥. جڏهن ڪو شخص، هزار ٻه هزار آدمي ڀرتي ڪرڻ چاهيندو آهي تہ هزارين اميدوار اچي گڏ ٿيندا آهن. انهن مان پنجاهہ ٻا سؤ لائق هوندا آهن ۽ باقي گهٽ لائقيءَ وارا هوندا آهن. انهن ۾ ڪي تہ بلڪل نڪما هوندا آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن سنت ستگور پنهنجو ستسنگ جاري ڪندا آهن تہ گهڻيئي ماڻهو انيڪ واسنائون ۽ خواهشون من ۾ رکي اچي ايندا آهن. جن کي نج پرمارٿ جي چاهہ هوندي آهي انهنکي ستگور چونڊي پسند ڪندا آهن ۽ باقي ٻين کي اميدوار ڪري رکندا آهن. جن جي پاڻ ۾ پرمارٿ آهي اهيئي سنتن جي سنگ ۾ رهن ٿا، باقي ٻيا پاڻيهي هليا وڃن ٿا. اهي ستسنگ ۾ (سچ پچ) ڏڏڪو نٿا سهي سگهن ڇاڪاڻ تہ سندن هردي ۾ سچي ۽ نرمل پرمارٿ جي چاهہ ڪانهي. تنهن ڪري سنت ٻه همن کي زور نہ ڪندا آهن پر آئينده لاءِ مٿن دبا ڪندا آهن.

١٥٦. هزارين برهما، هزارين گورک، هزارين ناٿ ۽ هزارين پيغمبر، نرشا جي ٻاهه ۾ جلي رهيا آهن ڇاڪاڻ تہ همن کي ستگور نہ مليو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪٿي اهو سوال پڇي تہ

سڪل ڳاهه جي ٻاهر ڪي جڏهن هڪ چڻنگ به لڳائجي ٿي ته ڪن ۾ سڀ ڀسم ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح ٻي سنسڪ آهي. انهيءَ ۾ جنم جنم جا ڪرم ڪٽجي ٿا وڃن ۽ انسان جا سنسڪار روز بروز بدلجندا ٿا وڃن.

١٤٩. سنتن جي وچن کي جيڪي ماڻهو ويدن سان ملائي پيئين ٿا اهي پاپل آهن. خود ويدن جو وچيندڙ به جڏهن سنتن جي مهما نٿو ڄاڻي ته پوءِ ويد ڇا ڄاڻندا؟ سنت ڪنهن جا به قيدي ناهن. جنهن به وقت جيڪو به رستو صحيح ۽ مناسب سمجهن ٿا، اهو جاري ڪن ٿا. جيڪي قبول ڪن ٿا سي فائدي ۾ آهن ۽ جيڪي نه مڃيندا سي اڀاڳي ۽ بدقسمت رهجي ويندا. ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ به جنهن راڄا جو راڄ هوندو آهي اهو پنهنجو قانون هلائيندو آهي ۽ جيڪي اهو قانون مڃين ٿا تن کي فائدو ٿئي ٿو ۽ جيڪي حڪم جي انحرافي ڪن ٿا سي پنهنجو نقصان ڪن ٿا ۽ انهيءَ قانون جي ڀڃڪڙيءَ جي سزا ڀوڳين ٿا.

١٥٠. دئيالو سنت هن جيو کي وڏي واڪي چون ٿا ته تون ست پرش جو پٽ آهين. اهڙا ڪرم نه ڪر جو توکي جم جي سزا ڪاٽڻي پوي. پر هي جيو اها ڳالهه نٿو مڃي ۽ هنکي سنتن جي وچن ۾ وشواس نٿو اچي ۽ اهڙي ڪرم ڪري ٿو جنهن مان ڪيس جم جي سزا ڀوڳڻي پوي. سنتن کي اهڙي نه طاقت آهي جو جيڪر هو چاهين ته ماڻهوءَ کي زبردستيءَ مڃائي سگهن ٿا ۽ جم کي به هٽائي سگهن ٿا. پر هو پنهنجي دئيالتا جو سڀاءُ نٿا ڇڏين يعني زبردستي نٿا ڪرڻ چاهين. وچن ڪانسواءِ هو ٻيءَ ڪنهن به طرح، جيو کي نٿا جيتڪن ها ڇنين. جيڪي وڏڀاڳي آهن اهي سنتن وچن کي مڃين ٿا ۽ جيڪي اڀاڳي آهن اهي نٿا مڃين.

١٥١. جيو کي سمجهائڻ ۽ ڄاڻائڻ ۾ سنتن جو اصولي مطلب

آهي ۽ جي ڪنهن ڪارڻ اچي ۽ ولو ته به سندس ستسنگ
۾ اڪڻ ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن وقت سنت، ويد، پراڻ
قرآن وغيره جو ڪنڊن ڪري پنهنجي مت اعلي سنت مت
کي سيني مٿن ڪسان اوچو ۽ نيارو ورنن ڪندا آهن، وقت
اهڙي ماڻهوءَ ڪان الي ترسيو نه ٿيندو. ڪو ورلو ڪوجي ها
(مالڪ جو) سڪاهل الي رهندو. ويد مت جو نشچو ۽ ماڻهن
کي بڌڻ سان ٿيو آهي، ڏنو ڪنهن ڪجهه ۽ ڪونهي. پنڊتن
۽ براهمڻ جي چوڻ تي ماڻهن ويدن ۽ پراڻن ۾ نشچو ڪيو
آهي. ساڳئي نموني، سنتن جي وچن تي وشواس رکي،
جن اندروني استانن ۽ منزلن جو سنت بيان ڪن ٿا ان جي
هستيءَ ۾ اسين ڪرڻ گهرجي ۽ پر اها ڳالهه ڪوجيءَ
(True Seeker) ڪان ئي سگهندي، ٻيڪيءَ کي ان تي ڀروسو
نه ٿيندو.

١٤٧. ستگور ۽ ستسنگ انهيءَ ماڻهو کي پيارا لڳندا
جيڪو هن دنيا مان دکي آهي. پر اهو نيم مقرر
ڪونهي. ڪيترا هن دنيا ۾ ڏاڍا دکي آهن پر ڪين ستسنگ
لاءِ بلڪل چاهه ڪونهي. پرمارٿين جو نه قسم ئي عاهدو آهي.
اهي ئي پرمارٿي آهن جن کي ڪيترا ۽ سنسار جا سک ٻاهيءَ
پرڪار پرابت هجن پر ستگور ۽ ستسنگ ڪان سواءِ، اهي
سک ڪين دک روپ نظر اچن ٿا. سنساري ماڻهو اهي آهن
جي دنيا جي سکن کي چاهين ٿا ۽ انهن سکن جي نه ملڻ يا
ڇڏڻ ۾ دکي ٿين ٿا. ڪين اها خبر ئي ڪونهي ته سنسار جا
سڀ سک، دک روپ آهن ۽ پڇاڙيءَ جو دوکو ڏيندا.

١٤٨. ماڻهوءَ جي من جي ميل دور ڪرڻ لاءِ، ستسنگ
کان سواءِ ٻيو ڪوبه اپاءُ ڪونهي. جهڙيءَ طرح صابڻ ۾ اها
طاقت آهي، ته ڪپڙو ڪيترو به ميرو هجي پر جڏهن ان
کي صابڻ لڳائي ڌوئجي ٿو ته هڪدم صاف ٿيو وڃي ها

پرسو وڌائيندا رهن ٿا جڏهن کين سچي راز جي خبر پئجي ويندي.

١٤٣. مکيہ اُپاءُ يا جتن، وقت جي ستگر جي شيوا آهي. انهيءَ مان ئي انترڪرڻ يعني اندر صاف ۽ نرمل ٿيندو. جڏهن اندر نرمل ۽ پوتر ٿي ويو تڏهن ئي (اندر ليين) نام جي بخشش ٿيندي؛ انهيءَ ڪري جيڪي ستگر جي شيوا ۾ لڳا پيا آهن تن تي مالڪ جي ڪرپا آهي.

١٤٤. اندرين ۽ ٻاهرين صفائي شبد بنا نہ ٿي سگهندي. تنهن ڪري ٻاهرين صفائي ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اندرين نرملتا ايندي. انهيءَ واسطي پهريان (ستگر جا) ٻاهريان وچن مڃڻ گهرجن ۽ جيسيتائين ٻاهريان وچن نہ مڃيا ويندا تيستائين شبد اندر ۾ پرگهٽ نہ ٿيندو.

١٤٥. ڀڳتي چئن قسمن جي آهي. تن، من، ڌن ۽ وچن جي. وچن جي ڀڳتي هرڪو ڪري وڃي ٿو. پنڊت ۽ ڀيکڌاري (ستگر وٽ) اچن ٿا ۽ چون ٿا، ”توهين پورا سنت آهيو ۽ هن وقت توهانجي برابر ٻيو ڪوبہ سنت ڪونهي.“ پوءِ هار بہ پائين ٿا، پر جڏهن اهيئي هار کين هٿ پرسادي ڪري موٽائي ڏنا وڃن ٿا تڏهن پنهنجو ڪنڌ ڦيرائي ڇڏين. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ جيڪي بہ وچن هنن چيا اهي ڪوڙا هئا. پنهنجي برهمڻ ۽ ڀيکڌاري هئڻ جو اهنڪار نٿا ڇڏين ۽ ستگر کي گرهستي ٿا سمجهن. اهڙي وچن جي ڀڳتي، بالڪل ڪوڙي آهي. سچي ڀڳتي انهيءَ جي آهي جنهن پنهنجو تن، من ۽ ڌن ستگر کي ارپڻ ڪيو آهي يعني انهن ٽنهي پرڪارن جي شيوا ڪري رهيو آهي. باقي ٻيا سڀ ڪچا آهن. انهن ۾ ڀاؤ يعني وشواس ڪڏهن بہ نہ ايندو ۽ رکو ڳالهيون ٺاهيندا آهن.

١٠. سنت ستگر جي سنگت ۾ انسان جو اچڻ مشڪل

مرشد يا پورو ستگور ملندو ۽ هو جيڪڏهن پنهنجي ستگور کي خود خدا يعني مالڪ سمجهندو ته پوءِ وڃي هن جو ڪم راس ٿيندو پر ايئن ڪنهن به طرح ڪيس ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. ڪتابن يا مولوين جي ٻڌايل پراڻي راهه تي ڪير ڀلي هلي پر ائين ڪرڻ سان ڪنهن جي دل ۾ عشق پيدا نه ٿيندو ۽ جيستائين عشق نه هوندو تيستائين وصل (مالڪ جو ميلاپ) مشڪل آهي ۽ اهو عشق پوري ستگور جي سيوا ۽ منجهس نشچي رکڻ سان حاصل ٿيندو. عشق حاصل ڪرڻ جو ٻيو ڪوبه طريقو ڪونهي.

١٤١. ٻيهر ماڻهوءَ کي سڌو ۽ صحيح رستو ملڻ کپي، تڏهن هو پنهنجي منزل مقصود تي پهچي سگهندو. پوري ستگور کانسواءِ سڌو ۽ سڌو رستو نه ملي سگهندو. پر ستگور جي ڳولا ته ڪير ڪرڻي ڪونه ٿو، انهيءَ جي بدران سڀ تيرٿن، مورتن، ورتن، نمازن، روزن، حج ۽ ڪتابن پڙهڻ ۾ مشغول آهن. انهن ڪمن مان، سواءِ اهنڪار جي ٻيو ڪوبه فائدو نه ٿيندو. سچي رستي ۽ سچي گهر جو ڀيد پوري ستگوروءَ کان ملي ٿو.

١٤٢. جيڪي ماڻهو شريعت يعني ڪرم ڪانڊ جا پابند آهن اهي هميشه سنسار ۾ ڦاٿا پيا هوندا ۽ ڪڏهن به مالڪ جي دربار ۾ پير نه پائيندا ۽ جيڪي تن، من ۽ ڌن سان ستگور جي سيوا ڪندا آهن سي سچي مالڪ جي دربار ۾ داخل ٿيندا. ستگور پاڻ خود پرماتما آهي، هن جي سيوا، مالڪ جي سيوا آهي. جيڪي ستگور کي ڇڏي مالڪ کي ڳولين ٿا انهن کي مالڪ ڪڏهن به نه ملندو پر جيڪي ستگور جي سيوا ۾ لڳا پيا آهن انهن کي مالڪ ملي ويو آهي. جڏهن سندن اندر ۾ اک کلندي تڏهن سڃاڻي وٺندا ۽ جيستائين اک نه کلي تيستائين سنت ستگور جي وچنن تي وشواس رکي، سيوا ۾ لڳا رهن ۽ ستسنگ ڪندا رهن ۽ ستگور جي چرنن ۾ پريم ۽

هوءَ ستگور ۽ هن جي ستسنگ جي شرڻ وٺندي ته هن
سنسار جي جار مان نڪرندي.

١٣٩. هن وقت من کي نرمل ۽ پوتر ڪرڻ ستگور ۽ نام ڀڳتيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو به اپاءُ يا طريقو ڪونهي ۽ جيڪي ماڻهو من کي نرمل ڪرڻ لاءِ تيرٿ، ورت ۽ ٻيا جتن ڪري رهيا آهن، انهن مان ڪين ڪجهه به فائدو نه ٿيندو. اهو سچ آهي ته پوري گروءَ جو ملڻ مشڪل آهي پر ڪوشش ۽ سمسڪاريءَ ڪي ستگور سولائيءَ سان ملي ٿو.

١٤٠. ڪي مسلمان ائين چون ٿا ته مرشد يعني ستگور کي ڪنهن کان پيري پوڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته مرشد کي تہ سڀ ۾ خدا نظر اچي ٿو، انهيءَ ڪري خدا کان پاڻ کي پيري پوڻ مناسب ناهي. اِها هنن جي بي عقلي آهي. مرشد جو خدا داناءُ يعني سياڻو آهي ۽ مريد جو خدا نادان آهي. اهڙيءَ حالت ۾ نادان خدا لاءِ داناءَ خدا کي پيري پوڻ يا سجدو ڪرڻ واجب آهي. مرشد پاڻکي خدا نه چوندا آهن، هو ته پاڻ کي مالڪ جو بندو يا غلام سمجهندا آهن. پر مرشد يا شش جو اهو فرض آهي ته پنهنجي مرشد کي خدا سمجهي ۽ جيستائين ڪين خدا ڪري نه سمجهندو تيستائين سندس ڪارج راس نه ٿيندو. مولوي روم فرمايو آهي:

چونڪ ڪردي ذات مرشد را قبول،
هم خدا در ذاتش آمد هم رسول.

يعني مرشد جي ذات ۾ خدا ۽ پيغمبر ٻئي اچي ٿا وڃن. هي انديشو طريقت وارن لاءِ آهي ۽ نه شريعت وارن لاءِ ۽ معلوم هئڻ گهرجي ته جنهن وقت ۾ پيغمبر صاحب زنده هئا تنهن وقت پنهنجن شيوڪن کي انهيءَ درجي جو موڪش يا نجات ڏئي سگهيا ٿي جنهن لاءِ هو پاڻ پهتل هئا پر هينئر ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن. هينئر جنهن انسان کي ڪامل

مهنجي ڪل جا نسل کي ياد ڪري ڇاڪاڻ جو جوڻ بدلجي
ي، پر انسان جو ڪل نٿو بدلجي. اهو هڪ ئي آهي يعني
سڀ انسان ست نام جي ڪل جا نسل مان آهن. پر اها ڳالهه
ستگور جي ڀڳتيءَ بنا ڪنهن به جتن سان حاصل نه ٿيندي.

١٣٦. جيڪو آخرين آستان تي وڃي پهتو آهي اهو ئي الي جو
هواسي آهي ۽ اهو ئي سچو رهواسي آهي ۽ جيڪو الهيءَ
ستان تي وڃي رهيو، جتي سڀ جي آخر آهي، انهيءَ کي
هميشه بسنت (آنند) آهي.

١٣٧. رجو گڻ، تمو گڻ ۽ ستو گڻ، انهن ٽنهي کي ڇڏي،
يار گڻ کي وڃي، جا ڀڳتي آهي. تڏهن ئي گيان حاصل
يندو. ڪتابن مان حاصل ڪيل گيان تي ڀروسو نٿو ڪري
گهجي. ستگور ڀڳتيءَ جي ڪمائي ڪرڻ سان جيڪو گيان
رابت ٿئي ٿو، اهو ئي سچو ۽ پورو گيان آهي.

شيوڪ جو ستگور کان سوال

١٣٨. جڏهن سنتن جي مت موجب شبد سڀ هنڌ موجود
هي ۽ هو ست جو بنائيندڙ آهي، پاڪ آتما شبد جي انس
هي، پوءِ آتما شبد کي ڇو نٿي پڪڙي؟

ستگور جو جواب

حقيقت ۾ شبد هر هنڌ موجود آهي پر جڏهن کان سرت
ندي آتما، پنهنجي يعني هن شرير ۾ هيٺ لٿي آهي تڏهن کان
هر مکي تي پهتي آهي ۽ ٻاهرين آوازن ۾ لڳي وئي آهي.
بيڪڏهن ٻاهرين آواز ۾ نه لڳي ته دنيا جو ڪاروبار ڪيئن
لي؟ هاڻي جيستائين هن کي پورو ستگور نه ملندو ۽ هيءَ
ن جي شرن نه وٺندي تيستائين اندرئين شبد کي نه پائي
گهندي. جهڙيءَ طرح ماتا ۽ پتا جي شرن وٺڻ سان، آتما
ا سرت، سنسار ۾ ڦاسجي وئي آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن

، جن جو اکيون ڪاڻيل آهن انهن ڪي ٿي
ندو.

درشٽانت

ي جو لقمان حڪيم جي ساراهه ڪرڻو ۽
ا ڊاڪٽر جي نندا ڪرڻو. انهيءَ مان ظاهر
ن کي ڪا بيماري يا درد ڪونهي. جي
ها ته وقت جي حڪيم يا ڊاڪٽر جي
ته لقمان ڪهڙي تمام هوشيار حڪيم هو پر
کو بيمار چاهي ته لقمان جو نالو وٺي
ته هن جي بيماري ڪڏهن به نه لهندي.
حڪيم يا ڊاڪٽر وٽ نه ويندو ليستائين
ندي. اهڙي طرح جيڪو پرمارٿ جو
سو سنسار جي سکن کي زهر سمان ڏسي
ڻي چاهه رکي ٿو. هو جيستائين وقت
ه نه ويندو ليستائين ڪيس آرام نه ايندو
ڪرو جو قدر جاڻندو. جيڪي ڪوڙا
ا ۽ موڙي پوڄا ۽ گڏري وان جي
ر جي مهما نه جاڻندا.
يا پٽي گڏو گڏ هلن ٿيون. ديا ڪانسواءِ
ڻيءَ ڪانسواءِ ديا نه ٿيندي. جو رکو
ت ۽ آلسي ٿي پوندا ۽ پوءِ ڪرڻي ته

جو ٽين پوڳي جيو کي ڳانءِ جي جوڙ
ني چولو مليو ٿو. انهيءَ انساني چولي
ڪم ڪندو ته هن کي برابر انساني
ستائين سدس ڪم واسي ٿيو ...

جيئن لوهان جي چمڪ ۾ وروڌ نه اچي سگهي. پر اها ڳالهه جلد حاصل نه ٿي سگهندي. جڏهن هر روز ستسنگ ڪندا ايندا ۽ سدائين اندروني ابياس ڪندا رهندا ته ڪنهن وقت اها ڳالهه ضرور حاصل ڪندا.

١٣٠. شروع کان وٺي آخر تائين، سڄي ڪائنات، ماس مان ٺهيل آهن، پر انهن ۾ نام اُتم آهي. جيڪي ستگور کي سڀ ڳالهه کان مٿي سمجهن ٿا اُهي ئي وڃي وهندا باقي سڀ چوراسيءَ جي اگنيءَ ۾ ائين پچايا ويندا جيئن جانورن جو ماس باهه ۾ پچايو ويندو آهي.

١٣١. اندرين جي رس جو پيار، جو بار بار نرڪن ۾ وٺي وڃڻ وارو آهي، انهيءَ ڏانهن هي من کيڏي وڃي ٿو ۽ نام ۽ ستگور جو پيار، جو سدائين سک ڏيڻ وارو آهي، انهيءَ کان هي من پري ڀڄي ٿو.

١٣٢. سنت ڪرامتون ڪونه ڏيکاريندا آهن. هو هميشه پنهنجي مالڪ جي مرضي ۾ رهن ٿا ۽ پاڻ کي لڪائيندا رهن ٿا. جڏهن مالڪ کي پنهنجي ڀڳتن کي پرگهٽ ڪرڻو هوندو آهي ته هو ڪرامت ڏيکاريندا آهن ۽ جي پنهنجي ڀڳتن کي گپت رکڻو هوندو اٿس ته ڪرامت نه ڏيکاريندا آهن. ڇاڪاڻ ته ڪرامت ڏيکارڻ سان سنتن کي جلد ئي دنيا ڇڏڻي پوندي آهي. ڪرامتن جي ڪري سڄڻن کي تڪليف ۽ ڪوڙن جي پيڙ لڳي ٿي. هن وقت ڪرامت ڏيکارڻ جو حڪم ناهي جيڪي ڪرامتن ڏسڻ جي چاهه رکن ٿا اُهي پرمارٿي ته ڪونهن.

١٣٣. هندو ۽ مسلمان ٻئي ۾ جيڪي (روحانيت کان) اندا آهن، انهن لاءِ تيرٿن، مندرن ۽ مسجدن جي پوڄا آهي ۽ جن کي (روحانيت جون) اکيون آهي انهن لاءِ فقط وقت جي ستگور جي پوڄا آهي. هيءَ ڳالهه هر هڪ لاءِ ڪانهي.

ڪيڏو نه وڏو پاپ آهي. سماري ماڻهو نه خوب پيٽ ڀري
ائين ٿا ۽ ننڍ ڪن ٿا اها خبر به نه اٿن له پرمارٿ جا
ڀندو آهي.

١٢٣. ڪن ماڻهن جي ستگور جي چرنن ۾ اهڙي پرڀات
ھي جو جڏهن ستگور کان پري آهن ته پري ئي آهن پر جڏهن
ستگور جي سمک اچن ٿا ته سڌن من هڪدم نشچل ٿيو
وڃي يعني هڪ هنڌ ٽڪيو وڃي ۽ اهڙو لڳي ٿو ڄڻ جيئن
ڪيءَ جي مکڻ اُڏامندي پيئي ڦرندي آهي پر جنهن وقت
پس ماکي ملي ٿي ته ڏهن ماکيءَ کي اهڙو چهٽي پوندي آهي
وري نه ڇڏيندي آهي. انهن کي اهڙيءَ پرڀات جو ڦل
ملي ٿو. باقي ته گهٽيئي پيا اچن ۽ وڃن، جيئن ٽڪ ڦل
هن کي به ملي ٿو پر گهٽ.

١٢٤. ستسنگين جي پاڻ ۾ پرڀات هئڻ گهرجي پر جي
ڪا هوندن ته ستسنگ مان ڪين ڪجهه به آنند نه ايندو.
ستسنگ ۽ ڀڄن جو پورو آنند تڏهن ماڻي سگهندا جڏهن
سڀن هڪ ٻئي سان پيار هوندو.

١٢٥. سنتن جو ڪروڌ دالي (اندروني پيار) آهي ۽ سنسارن
جو ڪروڌ گهاتي آهي پر انهيءَ ڳالهه کي سنساري ماڻهو ٿا
ڄاڻن. هو سمجهن ٿا ته سنت ڪروڌي آهن. پر ڪين اها
سمجهه ٿي ڪانهي ته سنتن جي ڪروڌ ۾ به دات (اندروني
پيار) آهي ۽ مورکن جي ديا ۾ به گهات (نقصان) آهي.

١٢٦. دوست ۽ دشمن ٻنهي ۾ مالڪ پاڻ وسيو آهي تنهن
ڪري دوست جي دوستيءَ ۽ دشمن جي دشمنيءَ جو خيال
ڪرڻ گهرجي. ٻنهي ۾ مالڪ موجود آهي. پر اهڙي درشٽي
سڀ ڪنهن جي نٿي ٿي سگهي! جيڪي پنهنجي اندر ۾
مالڪ جو درشن ڪن ٿا انهن جي اهڙي درشٽي آهي. لوڪان
ستسنگ ٻڌندڙن کي به اهڙي عادت پاڻ ۾ وجهڻ گهرجي

ٻيو آهي ۽ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار روڳي ڪپ ۾ گندو ٿيو ٻيو آهي تنهن کي صاف ڪري ڇڏيندا ۽ نام جو رس به بخشيندا پر جي اهو علاج نه اپنائي نه ڪيو وڃي ته جيءُ چوراسيءَ جي سزا جو لائق ٿيندو.

١٢٣. گروءَ ۽ پتا جي ڪاوڙ پاڻيءَ وانگر آهي. جڏهن اها ڪاوڙ ٿئي ٿي ته ڏهن فائدو ٿئي ٿو. پاڻي ڪيترو گرم هجي پر جيڪڏهن باهه جي مٿان وجهبو ته باهه وسامي ويندي. پر سنساري ماڻهن جو ڪروڌ باهه وانگر آهي، جتي ڪرندو اتي باهه لڳائي ڇڏيندو ۽ ان کي ساڙي ڇڏيندو.

١٢٤. پنهنجي وقت جي ستگور سان اهڙي پريت هئڻ گهرجي جهڙي پريت ٻار جي ماءُ سان ٿيندي آهي. جڏهن هو ماءُ جو کير پيئندو آهي تنهن وقت جيڪڏهن کير کيس اتيءَ کان ڇڏائي ته هُو ڪيترو نه واڪل ٿئي ٿو ۽ ڪيتري نه شانت ڪرائڻ تي شانتي نٿو ڪري. پر جيڪڏهن ڪير گروءَ کي ڇڏي وڃي ۽ هن جو ذرو به خيال نه ڪري ۽ پنهنجي پٽ ۽ زال کي هڪ ڏينهن به نه ڇڏي ۽ گروءَ کي مهينن جا مهينا وساري ڇڏي، اهڙي پريم جو ڪهڙو مانو ٿيو! اهڙي جيو کي نام ڪيئن ملندو ۽ هن سنسار مان هن جو ڇوٽڪارو ڪيئن ٿيندو؟ تنهن ڪري جنهن کي پنهنجو ڇوٽڪارو ڪرڻ منظور آهي تنهن کي گهرجي ته ستگور سان پوري پريت ڪري ته هن جو سڀ ڪم راس ٿي ويندو.

١٢٥. ماڻهو ائين سمجهن ٿا ته ستسنگ ۽ سادو، جي ستگور جي چرنن ۾ وڃي ستسنگ ٻڌن ٿا، اهي روٽي ڪائڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. پر اهي اهو خيال نٿا ڪن ته هو چار ڇهه ڪلاڪ روز ستسنگ ٻڌن ٿا ۽ هُن کان جيترو ٻڌي سگهي ٿو اوترو پڙهن به ڪن ٿا ۽ هُو پوري نمبر به نٿا ڪن ۽ چرنامرت ۽ پرساديءَ جي آڌار تي هلن ٿا. اهڙن جو

ڦاسائي وڌي ويا ۽ وڃي راند روند ۾ اڳاڙانس ۽ جڏهن راند پوري ٿي تڏهن اهيئي ٻڪرا ڪيس پهچي گهر ڇڏائي ويا. اهڙيءَ طرح ڪرڻ جي وس ٿي جيڪو ڀلو آهي ۽ ڪرم ٿي هن کي سڄاڳ ڪن ٿا.

١٢١. هن زماني ۾ گرو ڀڳتي ۽ سرت شبد جي ڪمائي ڪانسواءِ ماڻهوءَ کان ٻيو ڪجهه به نٿو ٿي سگهي جنهي بار پوڄڻ لاءِ ٻيو ڪو به رستو ڪارگر ناهي، ٻيا جيڪي به اُپاءَ آهن، نانگ جي ٻر مٿان لٽ هڻڻ مثل آهن. انهن ڪرڻ سان نانگ ڪڏهن به ماري نه سگهبو. انهيءَ واسطي نانگ کي پڪڙڻ ضروري آهي، جو ستگورو ۽ شبد جي اپاسنا سان پڪڙي سگهبو ۽ ٻيءَ ڪنهن به اُپاءَ سان ان کي پڪڙي نه سگهبو. جيڪي هن وچن کي نه مڃيندا آهي خالي رهجي ويندا ۽ ڪين ڪجهه به حاصل نه ٿيندو ۽ جي ماڻهو وري اهڙن جو اُپديش مڃيندا، اهي به تڪليف ۾ ايندا.

١٢٢. سنت فرمائين ٿا ته نام جو رس مٺو آهي پر ڪير چکي نٿو. مٺائي ڪنهن کي ڪاوڙ نه جلد ئي ڪائي ٿو وڃي. سبب هي آهي ته جهڙيءَ طرح بيمار ماڻهوءَ کي مٺائي ڪوڙي لڳي ٿي پر سچ پچ مٺائي ڪوڙي ناهي، پر بيماريءَ جي ڪري، ڪوڙي لڳي ٿي. انهيءَ مان ظاهر آهي ته دنيا بيمار آهي. هاڻ اهڙو اُپاءَ ڪرڻ گهرجي جو مٺائي مٺي لڳي. اهو اُپاءَ هي آهي ته حڪيم جي شرن وڃجي. هو هڪ ڏينهن سندس اها بيماري ڇنائي ڇڏيندو ۽ پوءِ اها مٺائي جا هن کي پهرين ڪوڙي ٿي لڳي سا هاڻ ڪيس مٺي لڳندي. ساڳيءَ طرح پرمارٿ ۾ جيڪي نام جو مٺو رس چاهين ٿا، انهن کي گهرجي ته ٻيا سڀ اُپاءَ ڇڏي هڪ ستگورو جي ئي شرن وڃن. ستگورو جن سمرٿ آهن ۽ جيئن کي ليڪ ۽ نرمل ڪري ڇڏين ٿا يعني انتهڪرڻ جا اندر، جو ڀوڳن جي واسنائن سان ڀرايو

١١٧. ماڻهو دنيا جي شين جو جهڙو محتاج آهي اهڙو پرمارٿ جو محتاج ڪونهي ۽ جيئن دنيوي پدارٿن لاءِ دعائا ڪرڻ تو بعني پاڻکي نيچو نوائي ٿو، تام واسطي اهڙو دان ۽ نماڻو نٿو ٿئي، جيڪڏهن دعائا ڏيکاري به ٿو ته ڪوڙي. پر ستگور انترجامي آهي ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي نام ڪيئن ڏيندو؟ سچي دعائا نه اچڻ جو سبب هن جي بي غرضي ۽ بي پرواهي آهي. حقيقت هيءَ آهي ته جيستائين جيئُ، سچي دعائا سان، ستگور جي سامهون پيش نٿو پوي ليستائين خود مالڪ به ڪيس ٿارڻ چاهي، ته نٿو تاري سگهي.

١١٨. جيڪي ماڻهو باهر مکي آهن اهي اندر جو حال نٿا ڄاڻن ۽ جيستائين پنهنجي اندر پر شبد جي اپاشنا نه ڪبي ليستائين ڪارج راس نه ٿيندو بعني مڪتي نه ملندي. باهر ستگور جي اپاشنا ۽ ستسنگ ۽ اندر پر شبد جي اپاشنا، اهي ٻئي ڳالهيون برابر ڪرڻ ضروري آهن.

١١٩. جيڪي وڏن جي مت کي مڃين ٿا ان کي وڏن جي استان جي پراپتي به، موجوده ستگور کان سواءِ نه ٿيندي. تنهن ڪري وقت جي ستگور جي ڳولا ضروري آهي ۽ انهيءَ گوروءَ جي ڪيتري به اُستت يا ساراهه مناسب آهي. جيڪڏهن پاڻ سان سچو گورو ملي وڃي ته هن جي مهما جو انت ٿي ڪونهي. جيڪڏهن انهيءَ سچي گوروءَ کي، برهما کان وٺي جيترا به ٿي ويا آهن، انهن سڀني کان وڏو ڄاڻجي ته انهيءَ ۾ ڪو هرج ڪونهي. هر ڪنهن طرح سان وقت جو ستگورو وڏو آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪي گذري ويا آهن سي جيتوڻيڪ پورن هئا پر انهن مان اسان کي هيئر ڪجهه به حاصل نٿو ٿي سگهي، جيڪي ملندو سو پنهنجي وقت جي ستگور کان ملندو.

١٢٠. ڪرم ئي انسان کي پيدا ڪرڻ وارا آهي ۽ ڪرم ئي جاڳائڻ وارو آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن ڇوڪر کي بيا ڇوڪرا

پورا ڪري سگهي ٿو.

١٠٦. جهڙيءَ طرح پپيهو برسات جي بوند لاءِ تڙپي ٿو ۽ مالڪ انهيءَ جي تڙپ ڏسي بادلن کي حڪم ڪري ٿو ته وڃي برسات وسايو ۽ پپيهي جي پياس اجهايو، تڏهن بادل برسات وسائين ٿا ۽ هن جي پياس اجهائين ٿا. اهڙيءَ طرح جن جيون کي نام روپي امرت جي پياس آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپن ٿا، سندن تڙپ کي ڏسي، انترجامي مالڪ، ستگورن کي حڪم ڏئي ٿو ته "توهان وڃي پنهنجي امرت روپي وچن سان، اهڙن جيون جي تڙپ اجهايو." تڏهن ستگور جن پرگهٽ ٿين ٿا ۽ جيون کي پنهنجا امرت روپي وچن ٻڌائي سندن تڙپ اجهائين ٿا. مالڪ پاڻ انهن جي آگ کي نٿو وسائي سگهي. تنهن ڪري ستگور جي مهما وڏي آهي. اهي جيو وڏڀاڳي آهن جن کي نج وقت جو ستگور مليو ٿو ۽ هنن جو انهيءَ ستگور ۾ پڪو وشواس ٿئي ٿو. اهڙن جيون جو جنم سڦلو آهي.

١٠٧. شبد جي رستي هيءُ جيو هن پنڊاڻي ۾ اچي ڦاٿو آهي ۽ جيستائين هڪ ڪو شبد جو ڀيدي يعني شبد جي ڄاڻڻ وارو گورو نه ملندو تيستائين هي پنهنجي نج استان ۾ نه پهچي سگهندو. ڇاڪاڻ ته شبد رستي ئي هو اتي پهچي سگهي ٿو ۽ ٻيو ڪو به رستو انهيءَ پنڊاڻي مان نڪرڻ جو ڪونهي.

١٠٨. ڪيترا ماڻهو ستسنگ ۾ اچن ٿا پر دل ۾ ڪپت رکي اچن ٿا. ٻاهران ڳالهيون وڏيون ڪندا آهن پر اندر ۾ ذري به ڀڳتي نه هوندي اٿن، ائين نه هئڻ گهرجي. دنيا ۾ ماڻهو ڀلي ڪيترا به ڪپت سان هلندا هجن پر ستگور سان ڪين به ڪپت جي هلڻ گهرجي. پرمت ڀلي ٽوڙي ئي هجي پر جي اها سچي هوندي ته هڪ ڏينهن وڏي ڀڳتي ٿيندي

۽ مالڪ راضي ٿي ويندو. پر ڪپٽ جي ڀڳتي ڪيتري به ڪريو اها قبول نٿي پوي.

١٠٩. جڏهن اندڪار (طوفان) ٿئي ٿو تڏهن ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. اهڙيءَ طرح پرڀت ۽ ٻيڪي، جن کي دنيا پرمارٿي ۽ وڏو سمجهي ٿي، انهن جي اندر ۾ لوڀ روپي اندڪار ڇانيو پيو آهي. هنن کي اها خبر ئي ڪانه آهي ته پرمارٿ ڇاکي ٿو چئجي؟ اهڙن ماڻهن تي مالڪ ڪيئن راضي ٿيندو؟ تنهن ڪري اهي پاڻ ۽ ٻين شيوڪ چوراسيءَ جي چڪر ۾ ويندا.

١١٠. اپديش ڪرڻ ٺيڪ آهي پر نرپڪش يعني بيطرفداريءَ سان اپديش ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته پهرين اها خبر نه پئجي سگهندي ته سنتن جي اپديش جو لائق ڪير آهي پر اپديش ڪرڻ سان ئي اهو پتو پئجي سگهندو. جيڪو لائق هوندو سو سنتن جا وچن مڃيندو ۽ جو لائق نه هوندو سو تڪرار ۽ اجايو بحث ڪندو، انهيءَ مان ئي پتو پئجي ويندو. اهڙن ماڻهن سان ضد نه ڪرڻ گهرجي. اپديش ڪرڻ جي معنيٰ ناهي ڇاڪاڻ ته اپديش بنا سنتن جو مت ڪيئن ظاهر ٿيندو؟

١١١. مالڪ کي دينتا يعني نمنائي پياري لڳندي آهي. تنهن ڪري مناسب آهي ته پهرين اهي ڪم ڪجن جن مان دينتا اچي ۽ اها دينتا سنتن جي سنگ مان ملي ٿي. پرڀت ۽ ٻيڪي جيڪي پوڄن ۽ ڏن ڪان سواءِ پيو ڪجهه به نه ٿا چاهين، انهن جي سنگ مان نه دينتا ملندي ۽ نه مالڪ راضي ٿيندو. جنهن کي دينتا گهرجي تنهن کي جڳائي ته موجوده وقت جي سنگور جي تلاش ڪري، هن جي ڀڳتي ڪري تڏهن مالڪ راضي ٿيندو. جيسيتائين ڪنهن دنالو سنت نه ملي تيستائين ڪنهن کي به پنهنجو گرو نه ڪري.

١١٢. جي ڪنهن کي نصيحت ڏجي ٿي ته هن کي ارو

پورا ڪري سگهي ٿو.

١٠٦. جهڙيءَ طرح پپيهو برسات جي بوند لاءِ تڙپي ٿو ۽ مالڪ انهيءَ جي تڙپ ڏسي بادلن کي حڪم ڪري ٿو ته وڃي برسات وساءِ ۽ پپيهي جي پياس اجهاءِ، تڏهن بادل برسات وسائين ٿا ۽ هن جي پياس اجهائين ٿا. اهڙيءَ طرح جن جيون کي نام روپي امرت جي پياس آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپن ٿا، سندن تڙپ کي ڏسي، انترجامي مالڪ، ستگور کي حڪم ڏئي ٿو ته "تون وڃي پنهنجي امرت روپي وچن سان، اهڙن جيون جي تڙپ اجهاءِ." تڏهن ستگور جن پرگهٽ ٿين ٿا ۽ جيون کي پنهنجا امرت روپي وچن ٻڌائي سندن تڙپ اجهائين ٿا. مالڪ پاڻ انهن جي آگ کي نٿو وسائي سگهي. تنهن ڪري ستگور جي مهما وڏي آهي. اهي جيو وڏڀاڳي آهن جن کي نج وقت جو ستگور ملي ٿو ۽ هنن جو انهيءَ ستگور ۾ پڪو وشواس ٿئي ٿو. اهڙن جيون جو جنم سڦلو آهي.

١٠٧. شبد جي رستي هيءُ جيو هن بندي خاني ۾ اچي ڦاٿو آهي ۽ جيستائين هن کي شبد جو ڀيدي يعني شبد جي ڄاڻڻ وارو گرو نه ملندو تيستائين هي پنهنجي نج استان ۾ نه پهچي سگهندو. ڇاڪاڻ ته شبد رستي ئي هو اتي پهچي سگهي ٿو ۽ ٻيو ڪو به رستو انهيءَ بندي خاني مان نڪرڻ جو ڪونهي.

١٠٨. ڪيترا ماڻهو ستسنگ ۾ اچن ٿا پر دل ۾ ڪپٽ رکي اچن ٿا. ٻاهران ڳالهيون وڏيون ڪندا آهن پر اندر ۾ ذري به پڪي نه هوندي اٿن، ائين نه هئڻ گهرجي. دنيا ۾ ماڻهو چاهي ڪيتري به ڪپٽ سان هلندا هجن پر ستگور سان ڪين به ڪپٽ جي هلڻ گهرجي. پرمت ڀلي ٿوري ئي هجي پر جي اها سچي هوندي ته هڪ ڏينهن وڏي پڪي ٿيندي

ڪرم ڪٽجي تا وڃن ۽ آئينده ۾ نام جو لائق ٿيو پوي.

١٠١. ڀيرين اهنڪار يعني هؤمي جي ميل کي ڀاڄڻ مان ڪڍڻ ضروري آهي. اڄ ڪلهه ڪي ماڻهو پنهنجي سمجهه سان اهي ئي ڪم ڪن تا جنهن سان نام پراپت ٿئي ۽ اهنڪار جي ميل لهي پر چاڪاڻ نه هو اهي ڪم پنهنجي سر ڀاڻيهي اهنڪار سان ڪن تا ۽ ستگور جي آڌار يا آسري کان سواءِ ڪن تا، سندن اهنڪار اڃا به زياده ٿيو وڃي، يعني نه من جي چٽي ئي هلي تا ۽ ستگور کي مکيه ۽ ضروري نٿا سمجهن.

١٠٢. سنتن جي مت انوسار آتما کي مالڪ جو انس يعني جزو سمجهيو وڃي ٿو. پر ويدانتي فقط برهم کي ئي سچيت تا ۽ آتما کي ليڪين به ڪو نه تا.

١٠٣. جنهن کي ستگور سان پريت آهي ۽ ستگور کي ئي چاهي ٿو، اهو هڪ ڏينهن نج گهر ۾ پهچي ويندو ۽ جيڪو ست نام ۽ ست لوڪ جي چاهه رکي ٿو پر ستگور سان پريت نٿو ڪري، انهيءَ کي نه ستگور ملندو ۽ نه ست نام پراپت ٿيندو ۽ هو ستگور جو سنگ به نه ڪري سگهندو.

١٠٤. ست گيان جو ڪلهن نه تا ڪن پر چون تا ته ڀيران انتهڪرڻ شد ڪرڻ گهرجي يعني اندر صاف ڪرڻ گهرجي تڏهن گيان جو اڌڪاري ٿجبو. انهيءَ ڪري واچڪ گيانين کان سڄاڻجي ۽ ستگوروءَ ۽ سرت شبد مارگ جي پڪتي ڪندو رهجي. ائين ڪرڻ سان اندر به صاف ٿيندو ۽ نام به حاصل ٿيندو.

١٠٥. ستسنگين کي گهرجي ته جڏهن ڪو شيوڪ يعني سندن گورڀائي ڪا اهڙي همت جي ڳالهه ڪري ته هنجي مدد ڪن ۽ هنجي دل نه لاهين. جيتوڻيڪ اهي وچن سندس پهچ کان ٻاهر به هجن ته به سندس همت افزائي ڪرڻ گهرجي چاڪاڻ ته ستگور پنهنجي موج سان اها ڳالهه يا هن جا وچن

ڪري لڳن تيندو، نه پراپت به ڪڏهن نام ليستائين کندا
ٿا، ان قدر اولري سگهي تي قدر جيتري نه آهي جب
سندس جيئن ڪجي، شيوا جي گروه موجوده سان، ن
ڏک ۾ وڃي هٿي پراپت جي سيهي ڏاهن هڪ سان ڪرپا
واندي اچي اوستا اهڙي پوءِ وڃي. اچي پراپت جي ستگور
ڪيترائي ۾ تيندو نه ڏک به هوندي آفتن ۾ لڳائين ڪيترائي جو
اوستا اهڙي جڏهن تيندي. نه خوشي به هوندي خوشين
ڇا ٿي ٿاهي هائي. وائي ملي مڪتي ٿي جيتري نه وڃي اچي
هوندي خواهش جي مڪتيءَ ۽ ٻپ جو مرڻ ڪي جنهن رهيو! وڃي
٩٧. جنهن کي دنيا جنهن ۾ اڳندا پيارا ستگور ۽ ستسنگ ٿي کي انهيءَ
نه اچڻ ۾ ستسنگ کان انهيءَ ناهي ٻپ جو مرڻ ۽ چاهه جي
تيندي. پراپت سان ستگور کي هن نه ۽ تيندو
کان انهيءَ ڪوبه ۽ آهي رهيو جهڙي سنسار سچو نه نام
٩٨. نام نه سچو سنسار جهڙي رهيو آهي ۽ ڪوبه انهيءَ کان
نه چاڪاڻ تئي. نڌو نه کي ڪنهن فائدو پر ڪونهي خالي
نام موجب من پنهنجي ۽ آهي ورتل نه نام اهو کان ستگور
نام ڪيس ۽ ويو نه اچي ۾ سنگ جي سنتن انسان جي
آهن. رهيا جهڙي
٩٩. جي انسان سنتن جي سنگ ۾ اچي نه ويو ۽ ڪيس نام (Invoice) ٻيجڪ فقط جيئن آهي اهو ائين آهي، مليو نه پيد جو
ملندو. نه ڏن جو نام ليستائين پوري نه قبول اهو جيستائين پر ملي
ڪي پر ست نه آهي ايندو ۾ ستسنگ جيڪو
١٠٠. جڏهن ڪو جيڪو ستسنگ ۾ ايندو آهي نه ست پر ڪي
جي آهي. ڏاڍو قرض ڪيترو جو ڪال کي هن نه آهن ونيدا
تي ادا ۾ جنم ٿي هن ۽ آهي تورو قرض جو هن نه ڏاڍون
ٿا ٿا ون ۾ چرنن پنهنجن ست کي هن پوءِ نه سگهندو
ٿا سگهي آهي ڪاج جو ڪال ايا هو نه ڏاڍون نه پوءِ
ٿا پيشماري هن ڪيس ست پوءِ نه آهي گهٽو تمام قرض جو ڪال مٿس
ڪري اچڻ ساميون جي ست ليڪن قبولين.

اله نه ٿي سگهندي. پهرين ستگورو ڀڳتي ڪرڻي پوندي تڏهن
ي هري ملندو. اهو قاعدو مالڪ پاڻ مقرر ڪيو آهي ته
يڪو گروءَ جي دوارن مونسکي ملندو تنهن کي ٿي مان
لندس. نگرو مونهنجي دوارا ئي نٿو اچي سگهي. پر گورو
ورو هئڻ گهرجي.

٩٣. جيڪڏهن انسان کي پورو گورو ملي وڃي ۽ انهيءَ
، هن جو وشواس جمي وڃي ۽ سچي ديتا ۽ نماڻائيءَ سان
مندس شرڻ وٺي ته اڄ هن کي اهو پد پراپت ٿي سگهي ٿو
و برهما، وشنو مهاديو ڪان وٺي ڪنهن کي به نه مليو آهي،
، ملي سگهي ٿو.

٩٤. ڪنهن جي به نندا يا ساراهه ڪرڻ ٻئي پاپ آهن،
ڪاڻ ته جهڙو ڪير آهي، هن جو اهڙو پورو بيان ٿي نٿو
سگهي. انهيءَ ڪري اهو مناسب آهي ته ساراهه ڪجي ته
مهنجي ستگور جي ۽ نندا ڪجي ته خود پنهنجي. انهيءَ ۾
پنهنجوئي ڀلو آهي. ٻئي ڪنهن جي نندا چاهي ساراهه ڪرڻ
پنهنجو وقت اجايو وڃائڻو آهي. پر اِها ڳالهه هڪ هنڌ چوڻ
آهي. جيڪڏهن ڪو پنهنجو دوست يا متر ٻئي ڪنهن جي
رغلائڻ ۾ ڦاسي پيو آهي يا ڦاسڻ وارو آهي ته انهيءَ کي اهو
چوڻ ضروري آهي ته هتان لوڪي ڪو به فائدو نه ٿيندو پر
وکو کائيندا ان. انهيءَ ۾ پاپ ڪونهي، پر هر ڪنهن کي ائين
چوڻ ضروري ناهي.

٩٥. جيستائين آتما پنهنجي نج استان تي نه پهچندي
جيستائين سکي نه ٿيندي. انهيءَ لاءِ اِهو مناسب آهي ته سڀ
جهڳڙا ڇڏي، پنهنجي سچي ۽ اصلي گهر جو فڪر ڪجي.
ڇاڪاڻ ته هن انساني چولي ۾ ئي پنهنجي اصلي گهر جو رستو
ملي سگهي ٿو. تنهن ڪري هينئر ترڪڻ بلڪل نيڪ ناهي.

٩٦. جيستائين موجوده گروءَ جي شبد، نام جو ڀڄن سمرن

٩٠. ستگر جي شيوا ۽ شبد جي ڪمائيءَ سان هئوءِ
روحي ميل کي دور ڪرڻ گهرجي. تڏهن مالڪ واضح ٿيندو.
مطلب هي آهي ته پاڻ مان آهنڪار کي ڪڍي، انهيءَ جي
جاءِ تي ديتا ۽ نمرتا آڻڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته مالڪ دين ديال
آهي جڏهن انسان دين (نماڻو) ٿئي تڏهن ئي هو ديال
آهي ۽ تڏهن ئي ڪارج راس ٿئي ٿو، پر ديتا ۽ نمرتا
اچڻ ڏاڍي مشڪل آهي.

٩١. جيڪڏهن ڪير پنهنجي ستگر جي حڪم انوسار
ڪرم ۽ اڀياسنا به ڪندو انهيءَ کي ته ڪجهه فائدو ٿيندو پر
جيڪو پنڊتن جي ڦاسائڻ ۾ ڦاسي، ويدن ۽ پراڻن جون
ڪرياڻون ڪندو انهيءَ کي گهاٽو ٿيندو.

٩٢. ستگر جي پوڄا، مالڪ جي پوڄا آهي ڇاڪاڻ ته
مالڪ خود چوي ٿو ته „جيڪو ستگر جي معرفت مون کي
پوڄيندو تنهن جي پوڄا مان قبول ڪندس ۽ جيڪي گوروءَ
کي ڇڏي ٻين ٻين پوڄائون ڪن ٿا، مان ان کي نه ملندس.“
جيڪڏهن ڪير توهان کان پڇي ته پوري گوروءَ جون نشانيون ڪهڙيون
جيئن اسانکي اهين لڳي ته اسين به هن جي پوڄا ڪريون.
توهين هن کان پڇو ته توهين مالڪ جي پوڄا ڪريو ٿا، ٻڌايو ته
ڪهڙين نشانين سان توهان هن کي سڃاتو آهي؟
جو مالڪ کي سڃاڻڻ جو طريقو آهي، اهوئي ستگر کي
سڃاڻڻ جو طريقو آهي. ڇاڪاڻ ته هري ۽ گورو هڪ آهن،
ٻنهي ۾ ڪوبه فرق ناهي. هريءَ جي پوڄا ڪرڻ سان هري
ملي پر گوروءَ جي پوڄا ۽ شيوا ڪرڻ سان هري ملندو
ڳالهه خيال ۾ رکڻ گهرجي. جي ڪير ائين چوي ته „جيڪڏهن
هري ۽ گورو هڪ آهن ته پوءِ ڇو نه هريءَ جي پوڄا ڪجي
گوروءَ جي پوڄا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ سو اهو

نج ڏاڍ ۾ ٻُڌجي ويندو. جيڪڏهن هنن وچنن ۾ وشواس نٿو اچيو ته ٿانئيءَ طور انهن سنتن جي ڀاڻي پڙهي ڏسو پر جيڪڏهن هنن وچنن ۾ وشواس نه آئو ۽ نه انهن سنتن جي ڀاڻيءَ ۾ نه پوءِ چوراسيءَ جو رستو کليو پيو آهي، هايا وچو!

٨٧. گرنٿن ۽ پوٿين ۾ جيڪو نام لکيل آهي تنهنجي پڙهڻ ۽ جپ ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو. ساڌ جي سنگ ڪرڻ سان ئي نام جو رستو ملي ٿو. پر هيءَ چوڻ انهن لاءِ آهي جيڪي سچا کوجي آهن، سنساري ماڻهن لاءِ هيءَ اپديش نه آهي.

٨٨. سنسار جي بندن جي جڙ، اهنڪار آهي. جهڙيءَ طرح ماليا ۾ مکيه داڻو سمير ٿيندو آهي ۽ سمير داڻي کي ڇهڻ سان، ماليا جا سڀئي داڻا هٿ ۾ اچي ويندا آهن ۽ جڏهن سمير داڻي مان ڌاڳو ڪڍي ڇڏبو آهي ته سڀ داڻا جدا ٿي ويندا آهن ساڳيءَ طرح، جن جي مٿان سنگور جي ديا مهر آهي، انهن اهنڪار جي جڙ ڪاٽي ڇڏي آهي ۽ سنسار جي سڀني ڀوڳن جي واسنائن کان هٽي، فقط هڪڙئي موجوده سنگور سان ناتو جوڙيو آهي. اهڙن جي محش دائي سقل آهي پر جن کي اها ڳالهه حاصل نه ٿي آهي، انهن جي شڪل انساني آهي ته ڇا ٿيو، پر آهن پسون! پر هي وچن فقط ستسنگين جي واسطي آهن. سنساري ماڻهو انهن وچنن کي مڃڻ بدران الٽو جهڳڙي لاءِ تيار ٿي ويندا.

٨٩. دنيا جي ماڻهن جي حالت جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي ۽ انهن کي ڇا چئجي؟ جڏهن سوامي ۽ شيوڪن ۾ ڪو ورلو سوامي، نرلوڀي هوندو ۽ شيوڪن ۾ ڪو ورلو شيوڪ نرلوڀي نڪرندو! هيءَ ڳالهه هر وقت ياد رکڻ جي لائق آهي ڇاڪاڻ ته انهن ڪرڻ سان پنهنجي من جي ورليءَ جي، وقت بوقت تپاس ڪري سگهجي.

ليستائين ستگور کي راضي نه ڪندو.

٨٥. جهڙيءَ طرح شيشو ٻاهه ۾ ڳري وڃي ٿو اهڙيءَ طرح
هي منش دنيا ۾ سنسار جي ٻرندڙ رولڻي ٻاهه ۾ ڳري رهي
آهي. وڏ ڀاڳي آهي جيڪو آهن جن کي پورو ستگور ملي ويو
آهي ۽ هن جي ستسنگ ۾ پهچڻ تن من ۽ ڌن خرچ ڪري
رهيا آهن. ڪروڙن جنمن جا پاپ، پاڻ کٽي

٨٦. ساڌ جي سنگ ۾ ڪروڙن جنمن جا پاپ... اهو ساڌ پورو هجي. اول ته سچو
۽ ڪنهن کي ٿا وڃن پر جي ڀاڳ سان سچو ساڌ ملي به
ساڌ ملڻ مشڪل آهي، پر جي ڀاڳ سان تڏهن ڪيو وڃي. جيستائين هن جو
وڃي ته ان جو سنگ تڏهن ڪيو وڃي. جيستائين وشواس
سنگ نه ڪبو ليستائين وشواس نه ايندو ۽ جيستائين اهي ڳالهيون يعني
ناهي ليستائين پريم ڪيئن ايندو؟ جيستائين اهي ڳالهيون يعني
ناهي ليستائين پريم ناهن، ليستائين سنت جي دنيا ڪيئن ٿيندي؟
وشواس ۽ پريم ناهن، ليستائين ڪارج نه راس لـ
جي ساڌ ستگور جي دنيا نه ٿي آهي نه ڪارج ضروري آهي.
ٿيندو. تنهن ڪري ساڌ جو سنگ مکيه ۽ ضروري آهي
جيڪڏهن جيو جو سچو جنم ستگور جي ڳولا ڪندي هليو وڃي
ته به ڪجهه نقصان ناهي ڇاڪاڻ انهيءَ ۾ وڏو فائدو آهي ڇاڪاڻ
نه اهڙو جيو آئينده جنم ۾ وري به منش دنيا جو حقدار ٿي
واپس پر جي ليرڻ، وڙن، مڙن، پوڄا، پرلشا، سڌي شڪتي،
ليم آچار، ڪرم ڪانڊ، برهم گيان وغيره جي جهڳڙن ۾ ڦاٿي
وڃي ته پوءِ هي منش دنيا ٻه وڃائي ويهندو ۽ وري چوراسي
جا دڪ يوڳتا پوندس. جڏهن ارهما وشنو مهاديو ۽ ٽيٽ
ڪروڙ ديوتائون، جن هن سچي سنسار جو پسارو پکيڙيو آهي
اهي به جنم مرڻ جي ڦيري ۾ پيا آهن ته هيءَ نبل ۽ ڪمزور
جيو ڪيئن ڇٽي سگهندو؟ پر جي ڀاڳ سان هن کي پورو
ستگور ملي وڃي ته اهي ٽي اڪيل سڀ ديوتائون جنم
۾ ٿي پيا هوندا، پر هي ستگور جي دنيا مهر سان ٻنڌ

جيستائين ڪيس چڱا وچن چئجن تيستائين خوش رهي پر جڏهن ڪيس ڪا چڀڻي ملي نه ٻيڙ ٻڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويهي، اهڙو ماڻهو ساڌ نه ٿي سگهندو. ساڌ لڏهن ٻڌندو ۽ جڏهن ڪا ڳالهه سهن ڪندو.

٨٣. جيستائين ماڻهو پنهنجي هلت سنتن جي حڪم پٽاندر نه ٿاهيندو تيستائين سندس من نرمل نه ٿيندو. ۽ جيستائين ستگور ۽ شبد جي شيوا نه ڪندو تيستائين سندس چت نشچل (استر) نه ٿيندو. جيستائين ڪمائي ڪري انهن ٻنهي اوستائن (من جي نرملتا ۽ نشچلتا) تي نه پهتو آهي تيستائين سچي گيان جو لائق نه ٿيندو. گيان حاصل ٿيڻ کان پوءِ ئي آلما جي مٿان جيڪو ستول تهه آهي سو لهي وڃي ٿو. اڄ ڪلهه جي گيانين جو هي حال آهي جو ڪين انهيءَ ڳالهه جي خبر به ڪانهي نه سندن من نرمل ۽ چت نشچل ٿيو آهي يا نه! ڪتاب پڙهي گياني ٿيا آهن ۽ جيڪي ماڻهو وٽن وڃن ٿا انهن کي گيان جو اپديش ڏين ٿا. اها پوڇهه ڪونه ٿا ته هن ڪاڄ جي ڪو به گيان جو اڌڪاري ڪونهي. انهيءَ مان ثابت آهي ته هو انڌا آهن. پاڻ به چوراسيءَ ۾ ويندا ۽ جيڪو سندن قبضي ۾ ايندو تنهن کي به گهلي ويندا. جنهن کي چوراسيءَ جي چڪر کان ڇٽڻو آهي سو سنتن جا وچن مڃي ۽ پنهنجي من ۽ ديهيءَ کي سڌارو ڪري. ڇاڪاڻ ته هيءَ منش ديهي وڏي مشڪلات کان پوءِ ملي آهي، ان کي اجايو نه وڃائڻ گهرجي. جيڪو ٿو مڃي تنهن کي جيئن وڻي تيئن ڪري.

٨٤. وقت جي ستگور کانسواءِ ڪجهه پراپت نه ٿيندو. جڏهن هي جيو وقت جي زنده ستگور جي شيوا ڪري هن کي راضي ڪندو تڏهن وڃي ڪيس ڪجهه پراپت ٿيندو. جيڪڏهن ڪنهن کي نام حاصل ڪرڻ ڪرڻ جي چاهه آهي، اهو ڪيتري به ڪوشش ڪري پر تيستائين نام حاصل ڪونه ٿيندس،

طاقت ڪونهي جو پنگل ڪک کي سڄو کري
کي جيئاري سگهي. جيڪو ستگور سان پريت ڪر
۽ شردا رکي ٿو تنهن جو پنگل ڪک ۽ سڄو
مردي کي به جيئاري ٿو. مطلب هي آهي ته سنساري
آهن جن کي وقت جي ستگور سان پريت آهي اه
۽ انهن جو پنگل ڪک سڄو ٿيل آهي.

٨٠. مراد عملي مردو. ايهي مراد (شش) کي
ٿيڻ گهرجي. جهڙي ڪجهه ستگور چوي سو ڪر
عقل نه هلائي. جيستائين سندس اها حالت نه ٿيندي
پاڻ کي جيئرو ۽ سنساري ماڻهو سمجهي ۽ پاڻ کي
سمجهي. پر ڪوشش ڪندو رهي ۽ ستگور جا و
رهي ايهي ستگور جي شيوا، ستسنگ ۽ ڀڄن ڪ
هو ضرور چرنن ۾ پريت ۽ پرتيت وڌائيندو رهي پوءِ
هو ضرور مراد بڻجي ويندو.

٨١. جيڪڏهن ڪير ستسنگي کان اهو سوا
لوڪي ستن ۾ ڪهڙي طرح نشچو آڻيو ۽ ڪيئن ت
ستگور کي پورن سمجهيو. جواب هي آهي ته
جي سنجوگ جو هي نتيجو آهي جنهن ڪري
ساڌنا ڪرڻ جي ستگور جي وچن ٻڌندي ئي
نشچو ٿيو جهڙو چڪور کي چنڊ جو ۽ پتنگ کي

٨٢. جنهن مايا سڄي دنيا کي ڦاهيو
رکيو آهي تنهن مايا کي سنتن ئي ڦاهي
۾ رکيو آهي. جنهن کي مايا کان الڳ ٿيڻ جي
تنهن کي سنتن جو سنگ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته
تڪليف سندس واٽ ۾ اچن ته انهن کي سهن ڪر
وڃي هو ساڌ بڻبو. پر جيڪو سهن نٿو ڪري

صاحب ۽ ٻيا سنت فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن ست نام ۽ سچکنڊ
جي پراپتي چاهيو ٿا تہ ستگور جي ڳولا ڪريو. هنن ڪٿي
، نہ ڇيو آهي تہ گرنٿن ۽ پوٿين پڙهڻ سان يا انهن جي ٽيڪ
، نڻ سان سچکنڊ ۾ وڃبو. جيتوڻيڪ هن جنم ۾ اوهين پاڻ کي
سنتن جي گهر جو پوئلڳ ۽ پاڻ کي انهن جو نوڪر سڏايو ٿا
ر جي هٿن جو ڇوڻ نٿا مڃو اعلي وقت جي ستگور جي
رج نٿا ڪريو تہ چوراسيءَ جي چڪر ۾ وينداء. هيءَ سمجهاڻي
قط انهن لاء آهي جيڪي گذري ويل سنتن جا پوئلڳ آهن
ر جيڪي پنٿن جا غلام آهن سي سنتن جا پوئلڳ ٿي نٿا
سگهن. انهن کي ڪجهہ بہ چوڻو ناهي پوءِ چاهي مڃن چاهي
، مڃين.

"ستگور ڪوجوري پياري - جڳت ۾ دُرلڀ رتن يهي"

٧٨. جيڪي دنيادار آهن انهن جو ڌن ۽ ڪٽنب ۾ موهہ
ڻي ٿو ۽ انهن مان ئي کين خوشي پراپت ٿئي ٿي. انهيءَ
ڪري کين سنساري چئجي ٿو، پر جن کي پهچي ستگور
ي درشن ۽ وچن مان خوشي حاصل ٿي ٿئي ۽ رس ملي ٿو، انهي
ي گورمک چئجي ٿو. ستگور سان پريم ڪرڻ وارا ٿورا
هن ۽ دنيادار گهڻا آهن. پر انهن مان جيڪي ستگور جي
سمک. اچن ٿا انهن کي هڪ ڏينهن ضرور گورمک
ڻائي ڇڏي ٿو.

٧٩. ڪي ماڻهو ستگور کي چوندا آهن تہ "جي اوهين
ورا ستگور آهيو تہ اسين هڪ ڪ پڇون ٿا اوهين وري
هيءَ کي سچو ڪري ڏيکاريو!" ستگور انهن کي جواب ڏنو
تہ "جڏهن کي اوهين برهم سمجهو ٿا انهيءَ کان اهو پڇل
ڪ سچو ڪرايو ۽ جي هو سچو ڪيو تہ اسين بہ سچو
ڪندا سين." ڇاڪاڻ تہ ستگور ۽ برهم هڪ آهن پر برهم کي

۽ جيڪو هن کي ڪال جو مت (ٻاهران پوڄارن) سمجهائي ٿو، من ۾ انهيءَ ۾ سندس مدد لڳو ڪري ڇاڪاڻ ته ان نموني هو ڪال جي حد اندر ٿي رهي ٿو. جڏهن سنت دئيال جي مت جو اپديش ڪن ٿا تڏهن ڪال جو وڪيل من، ماڻهن کي ڀلائي ڇڏي ٿو ۽ ڪين سنتن جي وچنن تي وشواس ڪرڻ نه ٿو ڏئي.

٧٦. خواهش جي جڙ ڪاٽڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته جڏهن انسان جي ڪا خواهش پوري نٿي ٿئي تڏهن هو ڏاڍو دکي ٿئي ٿو. جيڪو ڪم ڪجي، سو مالڪ جي موج تي ڇڏجي ۽ نه پاڻ تي. پر هنن اکرن جو راز چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته نه ته انسان پنهنجي ادم ۾ ڍلو پئجي ويندو. مالڪ جي موج تي پاڻکي ڇڏڻ تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن مالڪ جو پرڪاش درشن ٿيندو يعني جڏهن ڪيس اندر ۾ آنهون سامهون ڏسبو. بنا انهيءَ درشن جي اها حالت ڪڏهن به نه ايندي. اها سنتن جي اوستا آهي جو هو سڀ مالڪ کي ظاهر ڏسن ٿا. اهو جڳت جو تماشو سنتن کي ٿي چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ٻئي ڪنهن جي طاقت ناهي.

٧٧. جن ماڻهن کي گورو نانڪ صاحب جن يا ٻئي ڪنهن سنت جي ٽيڪ آهي ۽ هنن جي وچنن ۾ وشواس آهي تن کي گورو گهر جو سمجهي، ستگور فرمائين ٿا ته توهين گورو نانڪ صاحب جن يا ٻئي ڪنهن سنت کي پنهنجو پتا سمجهو ۽ سندن وچن مڃو. پتا جو فرض آهي ته پنهنجن ٻارن جي سنڀال ۽ پرورش ڪري. جيئن پتا پنهنجي ڌيءَ کي پالي ٿو ۽ سندس هر طرح سنڀال ڪري ٿو پر جڏهن سندس چاهنا ٿئي ٿي ته هن کي سنتان پيدا ٿئي تڏهن سندس لاءِ پتي ڳولي کيس انهيءَ جي حوالي ڪري ٿو، ڇاڪاڻ پتا جي گهر ۾ کيس سنتان نه ٿيندو. ساڳيءَ طرح سري گورو نانڪ

لڳايو آهي، جنهنجو ميوو هو کائين ٿا؛ جيڪو نام جو کوجي؛ پر لهي وٺن وڃيٿو تنهن کي به اُهو نام جو ميوو ڏين ٿا.

٧١. جن کي نادي يعني شبد اڀياسي ستگور مليو آهي آهيٿي انهد شبد کي ٻڌن ٿا. ٻيءَ ڪنهن کي به انهيءَ رستي جي خبر ناهي. هن وقت ۾ اهوئي ڀاڳوان آهي جنهن جو هن مارگ ۾ پروسو ٿئي ٿو؛ ان جي ڪمائيءَ ۾ لڳي وڃي ٿو.

٧٢. جيڪو ستسنگ ڪري ٿو؛ وچن ٻڌي ٿو تنهن کي گهرجي ته هو جيڪي ٻڌي انهيءَ کي من ۾ هنڊائي جيئن هو اڀياس جي ڏاڪڻ ٿي چڙهي. پر جيڪو ستسنگ ڪي من ۾ نه هنڊائيندو تنهن کي ڪجهه به فائدو نه ٿيندو؛ جيڙو آهي، تيڙو ئي رهندو.

٧٣. جنهن کي ستگور جهڙڪي، ستسنگين کي انهيءَ جي ستگوروءَ وٽ سفارش ڪرڻ واجب آهي؛ جنهن کي ستگور آدر ڪري، تنهن جي هنن کي خاطري يا عزت ڪرڻ گهرجي.

٧٤. جڏهن ڪير، ڪنهن ساڌ کي پاو يا ڪاراڻي ٿو ته ان ۾ ڪيس نه فائدو آهي پر ساڌوءَ جو نقصان ٿئي ٿو.

٧٥. ٻاهران پوڄا يا ڌيان ڪرڻ واسطي سنتن جي اڪال مورت آهي چاڪاڻ ته سنت به اندر ۾ انهيءَ اڪال پرش جي ڌيان ۾ سمايا پيا آهن. پر دنيا جا ماڻهو جڙ (پٿر) کي چڏي ٽارن جي پوڄا ڪن ٿا جنهن ڪري ڪين جڙ بـ هٿ نه ٿي اچي؛ ٽارون به سڪيو وڃن. ٽارن پوڄائڻ جو مطلب اهو هو ته هڪ ڏينهن پوڄڻ وارا جڙ تائين پهچي ويندا پر هنن ٽارن کي اهڙو پختو جهليو آهي جو چڏائيندي بـ نٿا چڏين يعني پنڊتن جي ڀڪائڻ تي ايڪ نمونن جون پوڄائون ڪري رهيا آهن؛ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن. انهيءَ جو ڪارڻ هي آهي ته هن جيو جي اندر ڪال جو وڪيل يعني من موجود آهي

جو ڀارو آهي، سڀ ناس ٿي ويندا. ڇٽا مڇا سنت ۽ سڌن
شرڪ وڃي پوندا. انهن ڪري اهو ضروري آهي ته دليري
ڀار کڻائي، سختن سان ڀار وڌائو، سختن جو ڀار اسر سگهدائڪ
آهي ۽ تن، مان، استري ۽ ٻچن جو ڀار د کدائڪ آهي.

٦٥. ٻنهن ۽ ٻيڪين مان هن جيو جو ڪڍهن ۽ اڌار نه
ٿيندو. ٻيستالين کو د ٻالو سنت نه، ٿيندو ٻيستالين ڪنهن
ضرورت ۾ جيو جو ڪلياڻ نه ٿيندو، سو ٻيستالين تي سگهوي
ڪنهن د ٻالو سنت جي ٻوڙا ڪري، هن جي شرن وڃي ته
ڏڪ ئي جنم ۾ اڌار ٿي ويندو.

٦٦. جيڪي سنت گرهستي آهن اهي ڪيترن ئي جيون
کي پار پهچائين ٿا پر جيڪي ٻيکي آهن انهن مان ڪنهن جو ۽
اڌار نٿو ٿئي. پر د ٻالو سنت اڪثر گرهستي هوندا آهن.

٦٧. مالڪ اهو پرماتو آهي ته ساڌ ۽ پرامي جن، منهنجي
...له آهن. جيڪو منهنجي شيوا ڪرڻ چاهي سو منهنجن ساڌن
... پرامين جي شيوا ڪري. بيوقوف ماڻهو پاڻيءَ ۽ پٿر جي
...ڇا ڪندا. گرو ڀڳتيءَ، ستسنگ ۽ ساڌن جي شيوا، جي
...ب مکيه آهن، سي ڪير ٿا نٿو ڪري.

٦٨. هن زماني جي ماڻهن لاءِ اول گرو ڀڳتي ۽ ستسنگ
...وري آهن، انهن کان سواءِ ڪم نه ٿيندو.

٦٩. ڊڄو ستسنگ ۾ اچي وهڻ سان ڪم نٿا ڪڍن.
...سنگ ۾ جيڪي ٻڌجي ان تي عمل ڪرڻ سان ئي ڪم
...جن ٿا.

٧٠. نام جو سمرن ته هرڪو ڪري ٿو پر انهن ۾ ڪا تبديل
... نظر اچي. سبب انهيءَ جو هي آهي ته سڀ پوٿين ۾
... نام کي جپين ٿا. ڪنهن سنت جي ٻڌايل نام جو جپ
... نه هوندو نام جي رس جي خبر پوان. چاڪاڻ ته سنتن
...ي هردا روپي زمين کي ڪيڙي انهيءَ ۾ نام روپي ٻج

٥٩. سنتن، هن ڪاڄڳ ۾، ڏسوون دوار، جيڪو هن شرار ۾ گپت ۾ آهي، اُن کي شبد جي رستي کولڻ جو اُپاءُ ٻڌايو آهي.

٦٠. جي گروءَ جي ڀڳتي ڪرڻي اٿو ته دنيا جي ڀڳتي ڇڏڻي پوندو ۽ جي دنيا جي ڀڳتي ڪرڻي اٿو ته گرو ڀڳتيءَ ۾ پنتي پوندا، پر ٻئي ڪم نه ٿي سگهندا. پر اهو نيم مقرر ناهي. جن جا سنا سنسڪار آهن ۽ جن تي ستگور جي ڪرپا ٿيڻي انهن جا ٻئي ڪم ٻنا ڪنهن تڪليف جي نيڪ طرح سان ٿيندا رهندا پر جن جا سنسڪار نڪشت آهن، انهن کان هڪ ئي ڪم ٿيندو.

٦١. جنهن کي شبد مارگ جي چاهه آهي ۽ جي ڪيس شبد ڀيدي سنت ملي وڃي ته هن کي گهرجي ته پنهنجو تن، من ۽ ڌن، ڪنهن به هٻڪ ڪانسواءِ انهيءَ سنت کي ارپڻ ڪري ڇڏي.

٦٢. نام جي برابر ٻي ڪا به رسائن ڪونهي. جنهن اها رسائن ٺاهي ڇڏي تنهن وٽ سڀيئي رسائنون هٿ جوڙي بيٺيون ٿيون. جڏهن گهوٽ هٿ اچي ويو ته ڪنوار ڪيڏانهن ويندي؟

٦٣. مڪتيءَ بابت دنيا ۾ جدا جدا ويچار آهن. ڪي تيرٿن تي وڃڻ ۽ ورتن رکڻ ۾ مڪتي سمجهن ٿا. ڪي جپ تپ ڪرڻ ۾ مڪتي سمجهن ٿا ۽ ڪي وري تياڳ کي مڪتي سمجهن ٿا. اهي سڀيئي غلطيءَ ۾ پيا آهن. سنت فرمائين ٿا ته جيستائين سرت يعني آتما، پنهنجي نج گهر نه ٿي پهچي تيستائين سچي مڪتي نٿي ملي.

٦٤. ويدن کانپوءِ جيڪي ڇهه شاستر آهن، کٽ درشن ۽ چندراين* کان وٺي جيڪي به ورت آهن ۽ جيترو هن دنيا

* چنڊ کان وٺي سڄو مهينو ورت رکيو ويندو آهي.

پنهنجي اندر ۾ ڇپائي ۽ ڪوشش ڪندو رهي. انهن کي سمجهائڻ جي ڪٿ پٽ ۾ نه پوي. سمجهائڻ وارو پنهنجو اڪر ٻاڌڻ ڪري ٿو، هن کي ڪهڙجي نه پنهنجو اڪر ڪري.

۵۴. هن ڪلجڳ ۾ سنتن، جهونن تيرٿن ۽ ورتن جي بدران اهو مقرر ڪيو آهي ته ستگور جي حڪم ۾ هلڻ وڏو ورت آهي ۽ ستگور ۽ ساڌ جو سنگ وڏو تيرٿ آهي. انهن ماڻ ٿي جيو جو ڪلياڻ ٿيندو باقي تيرٿن تي وڃڻ ۽ ورتن رکڻ ماڻ، اهنڪار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به پراپت نٿو ٿئي.

۵۵. هيءُ مَن، مست هاٿيءَ وانگر جيڏانهن وڻيس اوڏانهن پيو ڀوڙي ۽ جيو کي پاڻ سان ولي پيو ڦري. جيئن ڇهڪاي هاٿيءَ کي سڌي ڪرڻ لاءِ پيلوان جي ضرورت آهي تيئن هن مَن روپي هاٿيءَ کي ستگور جي ضرورت آهي. جيستائين ستگور جو سونٽو هن مست مَن جي مٿان نه هوندو تيستائين مَن جي مستي نه لهندي. هن جيو کي جيڪڏهن پرم پد حاصل ڪرڻ جي چاهنا آهي ته هن لاءِ ستگور ڪرڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ستگور ڪانسواءِ پرم پد ڪڏهن به حاصل نه ٿيندو. هنن وچن کي سچو ڪري مڃو نه ته چوراسيءَ جي چڪر ۾ ويندا.

۵۶. سنت ستگور جو مت، سرگڻ ۽ نرگڻ ٻنهي کان نيارو آهي. سنت لوڪ ۾ جيڪا رچنا آهي اها به سنت (هميشه قائم) آهي ۽ انهيءَ جي رچڻ وارو سنت پرش به سنت (هميشه قائم) آهي.

۵۷. سنت ۽ فقير مالڪ جو سروپ آهن. جيڪو هنن جي شيوا ڪندو ۽ ساڻن پريم ڪندو ۽ منجهن وشواس رکندو، سو به مالڪ جو سروپ ٿي ويندو.

۵۸. گورمک ٿيڻ مشڪل آهي پر شبد جو ڪلڻ مشڪل ناهي. اهو به ستگور جي موج سان ٿئي ٿو. هن جي دیا بنا ڪجهه به نٿو ٿي سگهي.

انت وال فقط ستگور سهاء ٿئي ٿو. هيءَ مش ڏاهي، تڏهن سقلي ٿئي ٿي جڏهن بار بار ستگور جو سنگ ڪجي. ان ڪري انهن سمي تڪليف نه ٿيندي، جي ستگور جي ظاهري سنگت نه ٿي سگهي ته هن کي پنهنجي اندر ۾ سدا سنگ رکجي.

٥١. جهڙيءَ طرح واچڪ گياني ٻنا پرام جي خالي پيا ڦرن ساڳيءَ طرح اهي ستگور ڀڳت به خالي آهن جن ۾ پرام ڪونهي. جيستائين پرام ناهي تيستائين ڪجهه به پراپت نٿو ٿئي. پر اهترو فرق ضرور آهي ته واچڪ گيانيءَ پرام جي جڙ ئي ڪپي ڇڏي آهي جنهن ڪري هن کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو، پر ستگور ڀڳت کي هڪ ڏينهن ضرور پرام جي بخشيش ٿيندي.

٥٢. نام يا شبد وڏي شيءِ آهي پر ڪنهن کي به ان جو قدر ڪونهي. نام جي مهما هيءَ آهي. ڪنهن سمجهيل ماڻهوءَ کي سندس نالو وٺي سڏ ڪرايو ته هو جاڳي پوندو، پر جو (مالڪ) سدائين جاڳي پيو، تنهن جو نالو وٺي ڪيس سڏ ڪبو ته ڪيئن نه ٻڌندو؟ پر هو لوهاڻجي (پروسي جي) پڪائي ۽ سچائي واهو ڏسي. جڏهن لوهاڻجي اکين کي ڏسڻ جي لائق ۽ لوهاڻجي هرداءِ کي پنهنجي وهڻ جي لائق ڪرائو، تڏهن ئي پاڻ پرگهٽ ٿئي ٿو. اهتري ۾ جڏهن ڪير گهبرائجي (ايياس) ڇڏي ٿو ڏئي ته هو اُهو چپ رهي ٿو پر جنهن اهو محڪم ارادو ڪيو آهي ته جيسين جان ۾ پران آهي تيسين نام کي نه ڇڏيندس، تنهن کي هو ضرور ملي ٿو.

٥٣. جنهن ماڻهوءَ کي ستگور ملي ۽ پنهنجي ڪرپا سان هو ڪيس نام ۽ ان جو ڀيد بخشي ته اهوءَ ماڻهوءَ کي گهرجي ته نام جي ڪمائي ڪري ۽ ستگور لاءِ پرام ۽ هن ۾ وشواس وڌائيندو رهي. جيڪڏهن ڪانئس ائين نه ٿي سگهي ته هو

ڳالھيءَ سان ئي صاف ٿيندي ۽ ان ڪاڻ ئي برابر پيدا ٿيندو ۽ جڏھن برابر پيدا ٿيو تڏھن ئي ڪارج راس ٿيندو.

٤٧. شش جو فرض آھي تہ ستگر ڪالاءِ اھڙي سچي جي نيڪ چاڙھي ڏئي ۽ پنھنجي ستگر کي ئي پنھنجو سڀڪجھہ سمجھي. جيڪو شش ائين نٿو ڪري تنھن کي ستگر پاران دڳا ڪري سڌو نہ ڪري. پر ان ۾ شش کي ڪجھہ تڪليف ٿيندي.

٤٨. چيٽن جي شيوا ڪرڻ سان چيٽن ملي ٿو ۽ جڙ جي شيوا ڪرڻ سان جڙ ملي ٿو. سنت ستگر ڪان سواءِ سڀڪجھہ جڙ آھي. ھڪ سنت ستگر ئي سنسار ۾ چيٽن آھي. تنھن ڪري جيڪي ماڻھو پنھنجو ڀلو چاھين ٿا ۽ چيٽن سان ملي ھڪ ٿي وڃڻ چاھين تن کي گھرجي تہ ستگر جي شيوا ۾ لڳي وڃن.

٤٩. ٻيھر ان گرمکتا (ستگر ڳالھيءَ ۾ ٻاڻ ارپڻ) ھئڻ گھرجي تنھن ڪالھوءَ نام ملندو، جيستائين گرمکتا نہ ھوندي تيستائين ڪڏھن بہ (الدروائي) نام پراپت نہ ٿيندو، تنھن ڪري سڀ ڪنھن کي گھرجي تہ گرمک ٿيڻ جي ڪوشش ڪري.

٥٠. سنساري ماڻھو، جي پنھنجي سڄي عمر، سنساري ڪمن ۾ برباد ڪن ٿا سي مرڻ مھل اڪيلا رھن ٿا. ساٿين ڪالئين سڀ مت ماٽ ساڻ ھوندا آھن پر تنھن ڪالھوءَ ڪير بہ سندن سنگي ساٿي ڪونھي. پر جيڪي *ستسنگي آھن انھن سان ھميشہ ستگر ساٿ آھي. اھا ڳالھہ پرسڌ آھي تہ دنيا ۾، چاھي انت وقتي، اڪيلي کي ھميشہ تڪليف ٿئي ٿي. ھن دنيا ۾ تہ استري ۽ پٽن مان سک آرام ملي ٿو پر

* جنھنجو نوري گرو کان نام ورتل ھجي.

تي وائو. جهڙي طرح ڪو ٻار پيءُ جي آگر
ڻ وارو پر ميلو ڏسڻ ۾ غلطان ٿي، پيءُ جي آگر
گوڙ ۾ ڀاڄي وائو. نه ڪيس ميلي جو مزو آئو،
هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڀٽڪندو رهيو. ساڳي
ڄي وقت جي ستگور جي آگر جهلي آهي،
سگهي آهي ۽ سندس پرمارٿ بڻيو رهي ٿو ۽
ستگور جي شرڻ نه ورتي آهي، اهي هٿ ۾
ڀٽڪن ۽ انت ۾ ٻه چوراسيءَ جي چڪر ۾

ڪي شبد جو رس وٺڻ جي چاهه هجي تهين
قت ڪاڏو ڪاڻڻ گهرجي. جيڪو هر روز ان ٻا
ڪائيندو تنهن ڪي شبد جو رس هرگز نه

حياتي سڦلي آهي جا ستگور جي شيوا ۽ مالڪ
ري ۽ اهو ئي ڏن سڦلو آهي جو سنت ستگور
۾ خرچ ٿئي. انسان جو سچو اولاد ۽ سچا
آهن جي پرمارٿ ۾ ساٿ ڏين.
ستگور سان پريت ۽ هن ۾ پورو ڀروسو رکندو
بد ملندو پر جنهن کي ستگور ۾ ڀروسو ناهي
لي رهندو.
ڪرو ڌ، لوڀ موهه ۽ اهنڪار جي جڙ ۽ آشا
انهنڪرڻ ۾ ٻيٺي آهي ۽ اها مسل ستگور

ت انهن واسطي آهي جيڪي پرپنچ سچو وقت
ڳاڻڻ چاهين ٿا ۽ جن کي پيا دنيوي ڪم نه
[illegible]

آهي، ڪاڙ، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار انهن جي وجود [illegible]
وڃن.

٣٩. مالڪ سڀني سان هر وقت موجود رهيتو، ڇڪو ته ارو [illegible]
ڪم ڪرڻون ٿا سو سڀ هو ياد داشت ڪرڻو، جڏهن [illegible]
جي مرضي ٿيندي تڏهن جيو ڪان اهو ڪم نه ڪرائيندو.
[illegible] جي چوڻ سان ڪير به نٿو مڃي. پوءِ ڇو اهن جي [illegible]
[illegible] هي؟ پر جنهن کي لوهان سان پيار ۽ لوهان پر ڀروسو
[illegible] کي سمجهائڻ ۾ ڪو دوش ناهي ۽ اهڙي لوهائجي
[illegible] وڃندا.

[illegible] ڪانڊي، شرعي ۽ گياني، ڪڏهن به سنتن جي
[illegible] ٿيندا آهن. اهي سنساري خواهش ۽ بندي
[illegible] ٿا. انهن کي سنتن جي سنسنگ ۾ اچڻ به
[illegible] سنياسي، گياني، ويدانتي، نهنگ ۽ مورلي
[illegible] ۽ ورلس وارا ۽ جيڪي جيڪي واسدن
[illegible] جا قيدي آهن ۽ جن ۾ پرمارٿ جي چاهه
[illegible] سڀ اهڙائي آهن ۽ سنتن کي مڃيائين،
[illegible] ڪجهه نٿو ملي ڇاڪاڻ ته هو سنڪور
[illegible] صرف ٽيڪي آهن.

[illegible] ٽن ڳالهين سان جيو جو اڌار ٿئي ٿو.
[illegible] جي شرن، (٢) سنت يا ساڌ جي سنگت،
[illegible] باقي سڀ ڳالهيون انسان کي
[illegible] جي وقت، سواءِ انهن ٽن ڳالهين جي
[illegible] جو وقت اجايو برباد ٿئي ٿو.
[illegible] ٿي سنسار ۾ تماشي ڏسڻ واسطي
[illegible] ٿي هر مالڪ کي پاڄي وٺو ۽ ٻئاڻ

[illegible] ۽ خوشي ٿئي

۽ اوتار وزيرن ۽ عملدارن مثل آهن ۽ سنت بادشاه آهن.

٣٥. ستسنگ مکيہ ۽ ضروري ڳالھہ آهي ۽ جيڪو بہ ستسنگ ۾ لڳو رهي تہ تنھن کي گھٽيئي فائدا ٿين ٿا. جھڙي طرح پٿر جيڪو پاڻيءَ ۾ پيو هوندو آهي اُهو سيتل رهندو آهي. جيتوڻيڪ سيتلتا ان جي اندر کي اثر نہ ڪري تنھن هوندي بہ اهو پٿر، ٻين پٿرن کان بھتر آهي جيڪي پاڻيءَ کان ٻاهر رهندا. ساڳيءَ رات ڪي ماڻهو ٻاهرين طرح ستسنگ ۾ اچي وهن ٿا پر ڪين اندر ۾ اثر نٿو ٿئي. انھيءَ ۾ ڪو هرج ڪونھي. ستسنگ ۾ نہ اچڻ وارن کان اُهي وري بہ بھتر آهن. آهستي آهستي، انھن جي اندر ۾ بہ اثر ٿيندو ويندو.

٣٦. جيستائين سواس آهن ليستائين گور ڀڳتي ڪندو رهجي. گور ڀڳتي مالڪ جي ڀڳتي آهي ۽ اها ڪنھن بہ ڦل جي لڇا کانسواء ڪرڻ گھرجي. ستگور سرو شڪتيوان آهي ۽ جڏهن ڪنھن کي لائق ڏسي ٿو تڏهن هن کي جيڪي وڻي ٿو سو بخشي ٿو.

٣٧. ستگور کي ديهتا يعني نمرتا پسند آهي. شش ۾ جيڪڏهن اها نمرتا سچي آهي، تہ نہ من جي چنچلتا جو ڪجھ ڪري، نہ رستي لاء لوشي جو. هڪ اُي ستگور جي شرن ۾ پکو رهي ۽ هن جو ٿي اوٽ ۽ آسرو وٺي، تہ سندس ٻيڙو پار ٿي ويندو.

٣٨. جن ماڻهن جي جڙ* ۽ چيتن° جي گنڍ اڃا ٻڌل آهي، اهي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھہ ۽ اهنڪار ۾ ڦاٿل آهن. جيڪڏهن ڪنھن مھل شيل، ڪميا ۽ سنتوک جو ورتاء ڪن بہ ٿا تہ اهو ٻاهرونيئي آهي. اندر ۾ هو انھن جا وس وٺي رهيا آهن. پر اهي، جن جڙ ۽ چيتن جي گنڍ کولي ڇڏي

*Matter °Spirit

وڻن کي جو ننڍا ڇڏين؟ سبب هي آهي ته مالڪن ۾ مالڪ جو
خوف ۽ مالڪي ملڻ جو شوق ڪونهي. ڇڏين کي مالڪ جو
خوف آهي انهيءَ ڪري هن سان ملڻ جو شوق نٿو هوندو پر
مالڪ جو خوف ضروري آهي.

۲۲. اهڙا جا گورو، ڇپلا ته ڪمدا پيا وڻن ۾ انهن کي
گورو هئڻ ۾ لڳائڻ بدران ليڙن ۽ وڻن جي پوڄا ۾ لڳايو
ڇڏين. آهي واپارا ۾ ڇا ڪن! جي ٻاڻ گوروءَ سان پريت
ڪري هڪڙن ته پيڇڻ ششن کي ۾ ٻاڻ سان پريت ڪرائين!
اهڙا ڄڻڪي گورو آهن، انهن کي گورو نٿو چئي سگهجي.
ڄڻين کي پرمارٿ جي چاهه ۽ ڇوراسيءَ جو خوف

۲۳. ڄڻين کي پوري گوروءَ وٽ وڃي
آهي انهيءَ ڪري گهرجي ته پوران پوري ليسين التيڪرڻ
چاڪاڻ ته ڄيسين ستگور سان پريم نه ليندي ليسين التيڪرڻ
شڌ نه ٿيندو ۽ ڄيستائين التيڪرڻ صاف نه ٿيندو ليستائين
نام فائدو نه ڪندو. ڄهڙيءَ طرح هاري اڄ پوکڻ کان اڳ هر
ڪهڙي زمين ليار ڪرڻو ۽ ڄيڻ زمين ليار ڪرڻ ڪانسواءِ اڄ
پوکڻ مان ڪجهه پيدا نٿو ٿئي، ساڳيءَ طرح هردي روپي
زمين کي ليار ڪرڻ لاءِ ستگور جو پريم ضروري آهي.
جيستائين گوروءَ لاءِ پريم نه ٿيندو تيستائين نام
فائدو نه ڪندو. اڄ ڪاله اهو دستور ٿي ويو آهي ته
ماڻهو ڪٿر ۾ وڃي نام ته وٺن ۽ گوروءَ سان ڪريه مطلب
نه رکن. اهڙا ماڻهو ٻنهي کان خالي رهندا يعني ڪين نه گورو
مليو، نه نام چاڪاڻ ته نام گوروءَ جي اختيار آهي سو جي
گوروءَ سان پريم نه ڪيائون ته نام ڪيئن ملندن؟
ڪان وٺي ڄيڪي ۾ دبواڻون آهن ۽ رام ۽ ڪرشن
اوتار آهن، انهن سڀني جو درجو سنتن کان
گهٽ آهي. درجو سڀني کان مٿي آهي. دو تالو

ٽورو ڪري، پر سچائيءَ سان ڪري ۽ نه ڪپٽ سان. انهيءَ
مان ڪو به فائدو نه ٿيندو.

٢٩. جهڙيءَ طرح هيرو، مونيءَ کي ڪاٽي ٿو ۽ نه پٿر کي، ساڳيءَ ريت سنتن جا وچن اڌڪاريءَ لئي اثر ڪن ٿا ۽ ٻين تي ڪو به اثر نٿو ٿئي. پر جيڪڏهن اهو اڻ اڌڪاري به اڳاڙ ستسنگ ڪندو رهندو ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڏينهن هو ستسنگ جي لائق ٿي پوندو. پر مشڪل اهو آهي ته اهڙو اڻ لائق، ستسنگ ۾ جٽاءُ ڪري نه سگهندو.

٣٠. شروعات ۾ جڏهن پرش (مالڪ) سان سماڌ ۾ هو تڏهن ڏنڊڪار هو. ان وقت لسانين ڪا به رچنا نه هئي. پوءِ جڏهن (مالڪ جي) موج ٿي تڏهن شبد پرگهٽ ٿيو، جنهن مان سڄي رچنا ٿي. ست پرش جي ڪلا سان ٻهران ست لوڪ، پوءِ ٽي لوڪ ۽ باقي سڀ ڪجهه بڻيو.

٣١. پار برهم پرماتما سڀني جيون ۾ موجود آهي. پر هو ڪڏهن ڪي به سنسار روپي ڀؤ ساگر مان پار نٿو ڪري سگهي ۽ بجاءِ پار ڪرڻ جي روز بروز وڌيڪ ڦاسائيندو ٿو وڃي. جڏهن اهو ئي پار برهم پرماتما، ستگرو جو روپ ڌاري، دنيا ۾ اچي اُپديش ڪري ٿو تڏهن ئي هو جيون کي سنساري بندن مان ڇڏائي سگهي ٿو. پر ماڻهو اهڙا انڌا آهن جو انهيءَ اڌار ڪرڻ واري سروپ کي نه مڃي، هن جي ڪپٽ روپ جي ڏيان ۾ لڳا پيا آهن، جو ڏيان مالڪ وٽ قبول نٿو ٿئي.

چاڪاڻ ته مالڪ اهو قاعدو مقرر ڪيو آهي ته جيڪو مونکي ستگور جي معرفت ملندو، مان انهيءَ کي ئي ملندس، نگرو مهنجي دربار ۾ نٿو اچي سگهي. هاڻ جيڪڏهن ڪير انين ڀاڃي ته ماڻهو سنتن جي

ٿا ڳالهائين ٿا.
کي هڻ "ويچار مالها" ڪتاب پاڙهي گياني
گرو ۽ چيلا، ٻئي ڀرم ۽ غلطيءَ ۾ آهن ۽ سواءِ اهنڪار
ڪين ڪجهه به پراپت نه ٿيندو. جيڪي گرو نانڪ
ـب جن جا پوئلڳ، آهن انهن جو حال هي آهي جو گرنٿ
ـب کي رومالن ۾ ويڙهي ان جي آرتي ڪن ٿا ۽ ان کي
نيڪين ٿا. ڪيترا ڏينهن اهين ڪندي به، ڪڏهن گرنٿ
ـب مان اهو آواز نه نڪتو ته "شل نام چيت اچيو ۽ سکي
هو." اهو خيال نٿا ڪن ته گرنٿ صاحب ۾ جيڪا سمت
ڪور جي مهما ٿيل آهي ان ڳالهه جي به ڪا کوج ڪرائون.
ـيڪي وچن گرو صاحب جن هن وقت لاءِ فرمايا آهن، انهن
ـي نٿا هلن. اهڙا وچار جي ڳالهه آهي ته جڏهن گرو
نانڪ صاحب جن پرگهٽ ٿيا هئا تڏهن گرنٿ صاحب ڪٿي
هو؟ هن پنهنجن وچن سان ٿي جيون ڪيئي سمجهاءِ هوندو.
انهيءَ مان اهو ظاهر آهي ته گرنٿ ۾ ڪنهن کي سمت ٻڌائڻ
جي طاقت ناهي ۽ ست گرنٿ (ڪنهن به ڌرمي پستڪ) جي
آسري نٿا رهن. سنتن کي ٿي ست ٻڌائڻ جي طاقت آهي
۽ هو جڏهن چاهين تڏهن گرنٿ رچي سگهن ٿا. اهڙا گهڻيئي
ماڻهو آهن جن سو سو دفعا گرنٿ صاحب جو پاٺ ڪيو آهي
پر گرنٿ صاحب ۾ ڇا آهي اهو ابا سمجهه ۾ نه آيو اٿن. اهڙن
پائن ڪرڻ سان ڪجهه نه ٿيندو. ست ستگوروءَ کي ڳولڻ لاءِ
ضروري آهي ڇاڪاڻ ته هو سڀ ڀرم مٽائي ٿو ۽ هن ڪال سواءِ
چوراسيءَ جي چڪر کان ڇڏائڻ جو اپاءُ ڪري ٿو.
۲۸. چوندا آهن ته ڪلپترو وڻ هر ڪا واشنا پوري ڪندو
آهي پر اج تائين اهو وڻ ڪنهن کي نظر نه آيو آهي. پر سنتن
جو ستسنگ، اهڙو ڪلپترو آهي جو سڀ واشنائون ناس ڪيو
ڇڏي. سنتن جو سنگ سچو ڪلپترو آهي تنهن ڪري هر گهڙيءَ
هنن جو ستسنگ ڪرڻ گهرجي. جي گهڻو نه ٿي سگهي ته

قيرو نہ آيو آهي. جيڪي اُپديش ڏنا ن ٿا، يا نام جپين ٿا يا
ڊرشن ڪن ٿا سو سڀ مٿاڇرو. جي ڪين پورو ستگور ملي
رچي نہ سندن سيني دوارن يعني اِندرين کي انترمکہ ڪري.
ٺا ستگور جي اِهڙي ڪنھن کي بہ طاقت ناهي جو اِندرين کي
نترمک ڪري سگهي.

٢٥. جيستائين لوهين پنهنجي وقت جي ستگور روءِ جي ٽيڪ
ڏيندا يعني هن ۾ پورن وشواس نہ رکندا تيستائين ڪڏهن
چوراسيءَ کان بچي نہ سگهندا. جيڪڏهن گذريل سنتن جي
ڪ ڏيندا ۽ انهن ۾ اندوشواس رکندا پر پنهنجي وقت جي
ري گوروءَ سان پريت نہ رکندا ۽ هن جي وچن موجب نہ
لندا تڏهن بہ چوراسيءَ کان نہ بچي سگهندا ڇاڪاڻ تہ گذريل
نتن جو بہ اهوئي حڪم آهي تہ وقت جي ستگور جي شرن
ر تہ لوهان جو ڪم راس ٿئي.

٢٦. هن مست من کي اهوئي وس ۾ آڻيندو جنهن
، مالڪ سان ملڻ جي سچي چاه هوندي. جهڙيءَ طرح مست
ي جهنگل ۾ گهمندو ڦرندو آهي ۽ جيڏانهن مرضي پوءِ اس
ڏانهن هليو ويندو آهي، ڪيس ڪير بہ نہ روڪيندو آهي،
جڏهن پهلوان جو سوٽو کيس لڳي ٿو تہ اهوئي مست هاٿي
شاهہ جي سواريءَ لاءِ ڪم اچي ٿو ۽ هوُ سڪ ۾ رهي
ساڳيءَ طرح گرمک ئي مالڪ جي محل ۾ گهڙي سگهن
د جن جو پورو گورو ڪيل ناهي سي چوراسيءَ ۾ ويندا.
ن ڪري، جيتري قدر ٿي سگهي، گورمک بڻجڻ جي
شش ڪرڻ گهرجي، پر گورو پورو هئڻ گهرجي.

٢٨. جيڪي ڪجهہ اسين (سنت) چئون ۽ سيکاريون ٿا
ماڻهن جي ڀلائيءَ موجب آهي. هر وقت ڪوبہ پورو
ڪاري نظر نٿو اچي. جيڪي پاڻ کي وڏا پرمارٿي چرائين
سوان چيلا ٿا ڪن، اهي چاهي گرهستي هجن يا بيکي،

سمجهي ويٺا آهيون ۽ انهيءَ جا پدارٿ به ناسونت يا فاني آهن تن کي ئي ستا سمجهي ويٺا آهيون ۽ جيڪي سچ ۽ ستا آهي تنهن جي ڪا به خبر نه اٿئون! پوءِ ڪيئن هن جيو جو گذارو ٿيندو ۽ ڪيئن هيءُ ستسنگ ۾ ايندو؟

٢٠. جيڪو ڪي سنتن جي ستسنگ جو اڌڪاري آهي. ڪجهه وقت ستسنگ ڪري تڏهن سنتن وٽ رهڻ جو اڌڪاري ٿئي. ڪيترو به سمجهائيندي هو پنهنجي ٻڌيءَ جي چترائي نه ڇڏڻ ٻنا ٿو رهي. پر هت ٻڌي ۽ چترائيءَ جو ڪم ناهي. هي مارگ ته پريم جو آهي. پريم ٻنا ستسنگ ڪيئن ٿيندو! ستسنگ ۾ ڪال اٽڪڻ ٿي ٿو ڏئي ۽ انسان به لاچار ۽ بيوس آهي.

٢١. سنتن سان اهڙي پريت ڪرڻ گهرجي جهڙي پريت مڇيءَ جي پاڻيءَ سان آهي. جيڪو سنتن سان اهڙي پريت ڪري ٿو سو هنن جو پيارو ٿئي ٿو ۽ دنيا کان نيارو ٿئي ٿو.

٢٢. من ۽ گوروءَ کي پنهنجي سامهون رکو. انهيءَ وقت جي ستگورو جو حڪم مڃيندا ته من مري ويندو پر جي من جو حڪم مڃيو ته گوروءَ کان بي مک ٿيندا. سو جنهن کي ستگورو جي پريم جو درد آهي اهو نه ستگورو جو ئي حڪم مڃيندو ۽ جنهن کي ڀؤ (ستگورو جي ناراضپي جو) ناهي سو من جي لوڙهن ۾ لڙهي ويندو.

٢٣. سنتن جي باڻيءَ جو پاٺ ڪرڻ يا اُتا ڪمت ڪرڻ مان ڪجهه به نه ورندو جيسين ڪمائي (اڀياس) نه هوندو. تنهن ڪري جيڪي وچن ٻڌو، انهيءَ موجب ڪمائي ڪريو، نه ته ٻڌڻ ۽ سمجهڻ اجايو آهي.

٢٤. اڄڪلهه ماڻهن جي جيتري پريت، ورتن، مورتن ۽ تيرٿن سان آهي انهيءَ جو چوٿون حصو به سندن پريت ستگورو جي چرنن ۾ ناهي. اهوئي سبب آهي جو سندن اندر ۾ ڪوبه

٥. ڪرم (شريعت)، اپاشنا (طريقت)، گيان (معرفت) ۽ وگيان (حقيقت)، انهن چئني مان هڪ به ستگر بنا حاصل نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن پورو گورو ملي وڃي ته، جنهن کي جنهن جو لائق ڏسي ٿو تنهنکي ان ۾ لڳائي ٿو ۽ جي ڪو پاکنڊي گورو ملي ويو ته هو اهوئي اپديش پنهنجي شش کي ڪندو جنهن ۾ اهو شش راضي ٿئي. انهيءَ ۾ ڪوبه فائدو نه، پر نقصان آهي ڇاڪاڻ ته اهو شش پوءِ وري ڪنهن ڪم جو نٿو رهي.

٦. برهما کي جڏهن ڪبير صاحب سمجهايو تڏهن هنکي ست پرش جي کوج جو شوق جاڳيو پر ڪال کيس ڀلائي ڇڏيو. پوءِ رواجي ماڻهوءَ جي ڪهڙي مجال آهي جو ستگور جي مدد کانسواءِ ست پرش جي ڀولا ڪري سگهي.

٧. فرمائين ٿا ته مالڪ کي سڃاڻڻ وارو ڪو سچو ڀڳت هجي ته هن جي سڃاڻپ ملي سگهي ٿي پر اتري قدر ڀڳتي ڪنهن جي به ناهي جو مالڪ جي سڃاڻپ ملي. جو ڪجهه توهين ڪري رهيا آهيو اهو سڀ نقل آهي. پر چنتا نه ڪريو. هن وقت موج ٿي اهڙي آهي ۽ اهائي موج سڀني کي پار پهچائيندي.

٨. شرن ۽ ڪرپا، انهي لاءِ پريم ضروري آهي ۽ انهي پريم کان سواءِ نٿا ٿي سگهن.

٩. جهڙيءَ طرح، کير ۾ گيهه ۽ ڪاٺ ۾ باهه آهي پر بنا گيهه ڪڍڻ جي، کير گيهه جو ڪم نٿو ڏئي ۽ نڪي ڪاٺ، باهه جو ڪم ڏئي سگهيٿو. اهڙيءَ طرح برهم اسانجي اندر ۾ آهي پر جيڪي پنهنجي اندر ۾ برهم کي پرگهٽ ڪرڻ کانسواءِ، پاڻ کي برهم ڪوٺيندا ڦرن ٿا ـ اهي ڪوڙا آهن.

١٠. ڀڄن ۽ مکيه ڳالهه گرو ڀڳتي آهي. جيستائين اها نه هوندي تيستائين ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهبو. جيترو ٿي سگهي اوترو پوري ۽ سچي گرو ڀڳتي ڪرڻ ضروري آهي.

سار وچن (ڀاڱو ٻيو)

راڌا سوامي کي دیا، راڌا سوامي سهاءِ

حضور مهاراج، پرم پرش پورن ڌڻي راڌا سوامي صاحب جن جا مک واڪ وچن جي ھن سٽسنگ وقت فرمايا جن مان ڪي سٽسنگين جي هدايت لاءِ ڏجن ٿا.

۱. گرنٿ صاحب ۾ هر جڳهه ۽ هر سلوڪ ۾ اهوئي اکيل آهي ته ستگر کي ڳوليو پر افسوس آهي ته ماڻهو ستگر کي نٿا ڳولين ۽ گرنٿ پڙهڻ ۾ لڳي پيا آهن.

۲. پريم مکيه ڳالهه آهي ستگر سان پريت. جيڪو ستگر کي پيار ڪري ٿو تنهن کي سڀ ڪجهه پراپت ٿئي ٿو پر جيڪو نام ۽ ست لوڪ جي ڳولا ۾ لڳو رهندو ۽ ستگروءَ سان پريت نٿو ڪري سو خالي رهجي ويندو. ستگروءَ جي پريت مکيه ۽ ضروري ڳالهه آهي. اهائي ڳالهه انسان کي دنيا جي سڀني دکن ۽ بندن کان آزاد ڪندي.

۳. پنهنجي حالت کي اندر ۾ جاچيندو رهجي ته پنج وڪار، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار، منهنجي وس ۾ آهن يا نه؟ جي اهي وس ۾ ناهن ته پنهنجي اڀياس ۾ لڳو رهڻ گهرجي ۽ ڪنهن سان به اجايو بحث مباحثو نه ڪرڻ جڳائي. اها صلاح هميشه ياد رکڻ گهرجي.

۴. ستگرو جن فرمائين ٿا، "منهنجو ۽ شش جو ناتو اٽٽ پرمارٿ جو آهي ۽ جيڪو به من جي وڪارن ۾ لڳو رهندو مان تنهنجو سنگي يا ساٿي نٿو ٿي سگهان."

آهي يعني هن کي ويدن جي چوڻ انوسار هلڻو پوندو ۽ جڏهن مايا ۽ ان گڻن جي حد کان ٻاهر وڃيٿو تڏهن هن ۾ چون ويدن جي سر مٿان آهن يعني هو ويدن جي ڪرتا جو ڪرتا آهي ۽ سندس حڪم، ويدن جي حڪم کان مٿي آهي. اهو سلوڪ هي آهي:

ورنا شرم ما پماني نہ سرت داس پوامڻ نره
ورن آشرم پينسچ سرت پيا دوده موردنـي

ساڳيءَ طرح مسلمانن ۾ ٻہ ڪامل فقير شرع جا پابند ناهن بلڪ شرع جي حڪم لي، هنن جو حڪم آهي.

٦٩. هي وچن انهن سنتن ۽ پورن عاشقن جا آهن جي ست لوڪ ۾ پهچي، سچي مالڪ ۽ خدا سان مليي، اُلسان هيٺ، بيشمار ٽرلوڪيون يعني دنيائون، انيڪ برهمنڊ ۽ هر هڪ برهمنڊ ۾ جدا جدا برهم ۽ ايشور ۽ مايا ۽ شڪتي يعني دنياداري جو خدا ۽ انهيءَ جي قدرت، بيشمار اوتار، بيشمار برهما، وشنو، مهيش، ديوتائون، پيغمبر، اولياء، نبي، قطب، فرشتا، ديگيشور، گياني، رکيشور، منيشور، ست، جوڳي، اندر، گندرب وغيره ڏسن ٿا. اهڙا ست، ڪيئن انهن ديوتائن، اوتارن، پيغمبرن وغيره جو حڪم مڃيندا يا ڏانهن نهاريندا. هر هڪ ٽرلوڪيءَ جو هڪ هڪ ڌڻي يا مالڪ آهي جنهن کي برهم ۽ ايشور يعني مايا سبل چون ٿا. انهن جو استان ٽرڪٽي ۽ سهس دل ڪنول آهي. اهڙا بيشمار برهم ۽ ايشور انهيءَ پرم پد يعني ست پرش راڌا سواميءَ جا پيدا ڪيل آهن. فقط سنت انهيءَ پد ۾ پهتل آهن، ٻئي ڪنهن کي ٻہ اتي پهچڻ جي طاقت ناهي. پر جيڪو ٻہ سنتن جي وچنن تي نشچو ڪري هنن سان پريم ڪري ٿو ۽ هنن تي ڀروسو رکي ٿو ۽ هنن جو ستسنگ ڪري ٿو، انهيءَ کي سنت پنهنجي ڪرپا سان مايا جي جار مان ڪڍي، ست پرش راڌا سواميءَ جي چرنن ۾ پهچائين ٿا. پوراون ياگو پورو ٿيو

ثابت ٿيل آهي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ وانگر سواءِ ٻي ثابت ثابت آهي. انهيءَ ڪري سمرتين ۽ سچن شاسترن جي ٻاڻي ۽ وچن، ويدن، شاسترن، قرآن ۽ ٻين کان اتر آهي. ويد، پران ۽ قرآن، دنيا جي بندوبست واسطي قانون طور آهن. انهن جو مکيه مطلب **پرورتي** يعني دنيا جو بندوبست، پرورش ۽ سلسلو جاري رکڻ جو آهي. ٿورو ذڪر انهن ۾ **نرورتي** يعني موڪش جو اچي ٿو. پر سمرتين جي وچن جو مکيه مطلب نرورتي يعني موڪش ۽ مڪتي آهي. ان سبب هنن جا وچن ۽ ٻاڻي، انهن آسماني ڪتابن کان مٿي آهن. اها سڀ وڏائي سمرتن جي آهي، ڇاڪاڻ ته ويد ۽ ٻيا سڀ آسماني ڪتاب، انهيءَ استان تان پرگهٽ ٿيا آهن جتان ٿي ڪل ۽ پنج تتو پيدا ٿيا ۽ جتان مايا يعني قدرت ظاهر ٿي. سمرتن جا وچن انهيءَ استان تان پرگهٽ ٿيا آهن جتي مايا جو نالو نشان نه ڪونهي، انهيءَ ڪري انهن فقط نرورتي يعني موڪش جو بيان ڪن ٿا. ويد ۽ شاستر، نرورتيءَ ۽ پرورتي، ٻنهي جو بيان ڪن ٿا ليڪن پرورتيءَ جو بيان گهڻو وڌيڪ آهي. ويدن ۾ اسي هزار سلوڪ، ڪرم ڪانڊ يعني پرورتيءَ جا آهن، سورهن هزار سلوڪ، اپاسنا ڪانڊ جا آهن ۽ صرف چار هزار سلوڪ گيان ڪانڊ يعني نرورتي جا آهن. اهڙوئي حال ٿورو گهڻو، قرآن ۽ ٻين آسماني ڪتابن جو آهي. گهڻو تواريخي احوال گهڻو آهي ۽ انبياس جو طريقو ۽ ڪل عالم جي حساب جو بيان تمام گهٽ آهي. سري ڪرشن مهاراج خود ارجن کي گيتا ۾ چيو آهي ته ويدن جي حد، جا ٽن گڻن سان ملايل آهي تنهن کان ٻري وڃ يعني ويدن جي حد کان مٿي وڃ ۽ استان حاصل ڪر. اهو سلوڪ هي آهي:

"ترگڻ وشيا ويدا، نس ترگڻ يو ڀو ارجنا"

اهو ٻڌ چيو انس نه جيستائين انسان ورڻ آشرم جي ڪرم ۾ يعني پوڄا ۾ قائل آهي تيستائين هو ويدن جو داس

آهن، سي سڀ مايا ۽ ڪال جي حد کان ٻاهر نه نڪتا آهن ۽ جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽي نٿا سگهن.

٦٧. سنت ستگور جو مارگ سڀني کان اوچو مارگ آهي. سنت، سچي مالڪ يعني ست پرش راڌا سوامي، جو برهم ۽ پار برهم کان پري آهي، تنهن جي اُپاسنا يا ڀڳتي سيکارين ٿا جيئن انسان مايا جي حد کان پري ٿي وڃي. سچي ساڌ جي پهچ يعني حد دسوين دوار يعني سن پد تائين آهي ۽ اهو ٿي سچو يوگيشور گياني آهي. پر جيڪو ٻه هن استان کان هيٺ پهتل آهي ان جو درجو پوري ساڌ کان گهٽ آهي. انهيءَ ڪري جيڪو پنهنجو سچو اُڌار چاهي ته تنهن کي گهرجي ته سنتن جي اشٽ يعني ست پرش راڌا سواميءَ کي پنهنجو اشٽ ڌارڻ ڪري. اهو راڌا سوامي نالو، ڪل مالڪ پاڻ ظاهر ڪيو آهي. جي ڪنهن کي انهيءَ نام جو ڀيد ملي وڃي ۽ هو راڌا سواميءَ جي شرن وٺي، سنتن جي ٻڌايل جڳتيءَ سان طرائي موجب انهيءَ نام جو جپ ڪري يا اندر ۾ سمرن ڪري يا پنهنجي اندر ۾ نام جي ڌن ٻڌي ته ضرور هنجو اُڌار ٿيندو. اها ڳالهه ٿورن ڏينهن جي اڀياس بعد هن کي پاڻيهي پنهنجي اندر ۾ معلوم ۽ ثابت ٿي ويندي.

٦٨. انهيءَ ڳالهه جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته سڀ اوتار، يوگيشور گياني، پيغمبر، اوگي گياني، وغيره دسوين دوار يا ترڪٽي يا سهس دل ڪنول مان پرگهٽ ٿيا آهن. چار ويد يا ناد پرنڌ مان، ترڪٽيءَ وٽ پرگهٽ ٿيا آهن. برهما، وشنو ۽ مهاديو جهڙا ديوتائن، سهس دل ڪنول جي هيٺان پرگهٽ ٿيا آهن. انهيءَ ڪري انهن سڀني جو درجو سنتن ۽ ست پرش جي درجي کان هيٺ آهي. مطلب ته سنتن جي وڏائي اُنهن سڀني کان زياده آهي. اهي سڀ سنتن جي آڏان يعني

۽ مڪن رهي ٿو ۽ ٻيءَ نوڪريءَ جي ڳولا ۾ رلڻ ۽ ڀٽڪڻ ڇڏي ٿو ڏئي. اهي ڪهڙا برهم سروپ گياني آهن جي پاڻ کي برهم ۽ آتما ٿا ڪوٺائين ۽ ڪين انترو ۾ انهيءَ برهم ۽ آتما جو آنند نه مليو آهي جو هو ۾ چار سال هڪ هنڌ ويهي، انهيءَ جو رس وٺن ۽ ميلن ۽ تماشن، باغ بغيچن، مڪانن ۽ ملڪن جي سئر لاءِ نه ڀٽڪن. هنن جي انهيءَ حالت مان صاف ظاهر ٿئي ٿو نه سيدن گيان، ود يا گيان يا ڳالهين جو گيان آهي. اهو سچو گيان ناهي. آتم آنند يا برهم آنند، جنهنجي هو اپتري صفت ۽ وڏائي ڪن ٿا، اهو هنن ذرو ۾ پراپت نه ڪيو آهي.

٦٥. اصلي گيان انهيءَ جو نالو آهي جنهن ۾ برهم جو ساڪيات درشن ٿئي ۽ انهيءَ ۾ اهڙو رس ۽ آنند ملي ٿو جو ستن بادشاهتن جي راڄ کي ٺوڪاري ڦٽو ڪجي، گرهست آشرم جا سک ته ڪنهن ليکي ۾ ئي ڪونهن پر جي اهو رس ملي نه. سنت مت ۾ ايشور جي *لڪش سروپ کي برهم چئجي ٿو ۽ اهو لڪش سروپ ئي مايا ● سبل آهي پر ويدانتي برهم جي لڪش سروپ کي شڌ ۽ ايشور سروپ کي °واچ ۽ مايا سبل چون ٿا. پر سنت، جي انهن ٻنهي سروپن کان پري ۽ اڳتي پهتل آهن، فرمائين ٿا ته برهم جا ٻئي سروپ واچ ۽ لڪش، مايا سبل آهن يعني هڪ سروپ ۾ مايا ظاهر يا پرگهٽ آهي ۽ ٻئي يعني لڪش ۾ باريڪ ۽ گپت آهي.

٦٦. هاڻي اها سڌ هئڻ گهرجي ته سڀ مٿين درجي جا اوتار، يوگيشور ۽ گياني ۽ سڀ هيٺين درجي جا ديوتائون، پيغمبر ۽ اوتار، ايشور جي لڪش سروپ يعني برهم مان يا واچ سروپ مان پرگهٽ ٿيا آهن. انهيءَ ڪري جيڪي برهم يا واچ سروپ جي پوڄا ڪن ٿا يا سندس لڪش سروپ جا گياني

---

* جو ڏسڻ ۾ نه اچي. ● جنهن ۾ مايا مليل هجي.
° ٻاهري.

کي سيڻي کان نيارو سمجهڻ ته مان نه مَن آهيان، نه سرِ
آهيان، نه اِندريون ۽ نه پدارٿ. مان ماڻا کان عاهدو آهيان،
نه ڄاڻُو آهيان ۽ نه اڻڄاڻو آهيان ۽ هيڻو آهيان ۽ هوڻو آهيان.
اهڙن خيالن جي ڪرڻ کي هو اڀياس ٿا سمجهن ۽ اهڙن خيالن
ڪندي جا توري گهڙي مَن جي ايڪاگرتا ٿئي ٿي لهن کي
هو پاڻجي آتم آنند سمجهن ٿا. اهڙو آنند نه شيخ چليءَ کي ئ
حاصل ٿيو هو، جڏهن هو خيال ڪري رهيو هو ته مان ڦلاڻي
ديش جو راجا آهيان، هيءُ منهنجو محلات آهي ۽ هيڏو
منهنجو شان ۽ دبدبو آهي...... پر جڏهن اک کوليائين تہ
ڪجھ به ڪونه هو.

٦٥. ڏيان سان ڏسجي ٿو تہ اهوئي حال انهن گيانين جو
معلوم ٿئي ٿو جيڪي پاڻ کي برهم سروپ ۽ ست چت آنند
سروپ چون ٿا ۽ جي ڪنهن کين ڪوڙو اٿڻ چيو يا طعنو
هنيو ته جهٽ ڪروڌ ۾ ڀرجيو وڃن ۽ جي ڪا سٺي وستو يا
پدارٿ ڏٺائون يا ٻڌائون ته انهيءَ کي حاصل ڪرڻ يا ڏسڻ
لاءِ تيار ٿيو وڃن ۽ جي ڪنهن سندن ساراهه ڪئي تہ ڏاڍو
خوش ٿا ٿين ۽ جي ڪنهن سندن نندا ڪئي تہ بلڪل ناراض
ٿي، لڙائي جهڳڙي واسطي تيار ٿيو وڃن. پنهنجي من جي
چنچلتا جي ڪري، ڪڏهن به هڪ هنڌ ۽ هڪ شهر يا ديش
۾ ٽڪي نٿا سگهن. جيڪڏهن کين آتم آنند حاصل هجي ها
تہ سندن اها دردشا نہ هجي ها جو سڄو وقت هڪ هنڌان
ٻئي هنڌ ولڻ ۾، سٺر ۽ تماشا ڏسڻ لاءِ هر ڪنهن کان خرچ پنڻ
۾ ۽ ايرٿن ۽ مندرن ۾ سدساري ماڻهن سان پنڪڻ ۾ گذارين ها!
هڪ شخص جنهن وٽ ڪجھ بہ پئسو نہ آهي، انهن کي جڏهن
ڪي هزار رپيا ملي ٿا وڃن تہ هو اهي واپار ۾ سيڙائي آنند
سان، هڪ هنڌ ويهي پنهنجي ڪاروبار هلائي ٿو. جيڪڏهن
ڪنهن کي ڪا سٺي نوڪري ملي ٿي تہ هو انهيءَ جي آنند

ٻڌايون ٿيل آهن ۽ انهن ۾ ڪجهه به ٺاهيو نٿو اچي. ٻيو ماڻهو، اهڙا اڀياس ۽ اڀياس، جنهن ۾ سرير ۽ من کي دٻائڻو پوي، جن جي ڏولا گهمڻ ڪري ۽ اهڙا ڪشٽ ۽ تڪليف ڪير سهي نٿو سگهي. انهيءَ ڪري سڀئي مَتن جا وڌوان انهي پڙهيل، گيان مت کي پسند ڪن ٿا ۽ انهيءَ ۾ اعتبار ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح، واچڪ گياني، صوفي ۽ برهم گياني وڌندا پيا وڃن. هو پنهنجي حالت جي ڄاڻ ڏيئي ۽ پرک نٿا ڪن ۽ نه ٻين کان پرک ڪرائين ٿا. هو ودِيا ٻڌيءَ ۽ عقل جي دليل سان، ماڻهن کي مڃائڻ لاءِ هميشه تيار رهن ٿا. اهڙا ڳالهه سوچڻ جهڙي آهي ته جيستائين، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه اهنڪار انسان ۾ موجود آهن تيستائين پورن برهم پد ڪيئن تو پراپت ٿي سگهي؟ جيڪڏهن ٻه چار ڪتاب پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو نالو برهم گيان آهي ته اهڙي برهم گياني ٿيڻ ۾ ڪهڙي تڪليف آهي؟ هرڪو شخص، جنهن کي ٿوري گهڻي ودِيا ۽ ٻڌي حاصل آهي، سو گيان جا ڪتاب پڙهي سگهي ٿو پر من ۽ اندرين کي روڪي، اندر جي نرملتا ۽ صفائي حاصل ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي، اهڙا حالت، ٻنا يوگ اڀياس ڪرڻ جي پراپت ڪرڻ ناممڪن آهي.

٦٣. اهڙن گيانين کي جي ڪٿي ڪير چوي ته اڀياس ۾ وهو ۽ اندر ۾ پنهنجي سروپ ۾ ڌيان لڳايو ته سڌن چنچل من، ڪين هڪ ڪن ۽ وهڻ نٿو ڏني. سنتن جي سکيا انوسار جيڪڏهن سرت شبد يوگ جو اڀياس ڪن ها ته ڪين پنهنجي پرک ٿئي ها ۽ پنهنجي من جي چنچلتا جي سڌ پوي ها. هنن کي نڪو سرت شبد يوگ جي خبر آهي ۽ نه ڪين يوگ اڀياس جي چاهه آهي، بلڪ هو ان جي ضرورت ٿي نٿا سمجهن. انهن مان ڪيترن پنهنجي لاءِ اهو اڀياس مقرر ڪيو آهي ته جيڪي ڪجهه ڪتابن ۾ پڙهيو اٿن انهيءَ کي ويچارڻ ۽ ٻاڻ

جي پوڄا ڪندڙن جي وچ ۾ ڪجهڙو تفاوت ٿيو. هڪ اهي ليڙن ۽ مورتن جي پوڄا ڪرڻ وارا بهتر آهن ڇاڪاڻ ته هو اڻڄاڻ آهن ۽ سمجهائڻ سان سمجهي سگهن ٿا پر جيڪي پاڻ کي گياني ٿا ڪوٺائين سي ڄاڻي ٻجهي ٻه. مايا جي طرف جهڪندا وڃن ٿا ۽ سمجهائڻ واري کي نادان ۽ حاسد چئي، ان جو چيو نٿا مڃين. انهيءَ جو سبب هي آهي ته اهڙي مان ڪنهن کي به پورو گورو نه مليو آهي. جيڪڏهن ڪين پورو گورو ملي ها ته کانئن ڀڳتي مارگ جي طريقي، سرت شبد يوگ جو ابياس ڪرائي ها ته ڪين اندروني طرح حقيقت جي خبر پئجي وڃي ها تڏهن پوءِ ان ڪين من جي نرملتا ۽ پريم جي پراپتي ٿئي ها ۽ پوءِ اندر ۾ نج سروپ جو درشن ڪري، ان جو آنند وٺن ها. ان کان پوءِ هو مرڻ لوڪ جي ڀوڳن جون واسنائون ۽ آشائون، سندن اندر ۾ نه اٿن ها ۽ جن جهڳڙن ۽ ٻکيڙن ۾ اڄ ڦاٿل ڏسجن ٿا، تن ۾ نه پون ها.

٦١. اهڙي حال انهن گرهستين جو ڏسڻ ۾ اچيتو جن کي اهڙن واچڪ گيانين جو سنگ مليو آهي. پنهنجي زبان سان پاڻ کي ڪوٺين برهم ٿا، پر جڏهن سندن ورتاءَ ۽ رهڻي ڏسجي ٿي ته سنساري ماڻهن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪونهن. ڪين پنهنجي سمجهه ۽ عقل جو، اندر ۾ وڏو اهنڪار آهي. اهو اهنڪار ئي سڀني پاپن جي جڙ آهي. جنهن کي اهنڪار آهو سو هيٺ ڪرهو. اهڙا ماڻهو پاڻ ۽ ڪين سيکاريندڙ استاد پيڪ ۽ پنڊت، سپ، ڪال، ڪرم ۽ مايا جي چڪر ۾ پيل آهن ۽ آئينده ۾ پنهنجي پنهنجي ڪرتيءَ جو ڦل ڀوڳيندو پوندن. انهيءَ رات سندن آڌار نا مڪتي نٿي ٿي سگهي.

٦٢ اڄ ڪالهه دنيا ۾ وديا گهڻو ڦهلجي وئي آهي. عقل ۽ علم حاصل ٿيڻ سبب، ٻاهرئين پوڄا هر ڪنهن کي فضول ۽ اجائي ٿي نظر اچي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اهي

کان آزاد ٿي، آواگوان يعني جنم مرڻ جي ڦيري کان هميشه لاءِ ڇٽي وڃن. اهي واچارا گياني ته ڇا ڪن! جن ٻنهي جوٽي ڪلياڻ ڪرڻ ڪيو آهي سي ٻين جو ڪيئن ڪلياڻ ڪندا؟ خبر ناهي ته ڪهڙي دک يا ڪهڙو جهڳڙو يا آلس ۽ سستي ڪري، هن گهر بار ڇڏيو آهي ۽ مفت ۾ کاڌو ڪپڙو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مان وڌائي ۽ ٻارڻ پوڄائڻ جي آس رکي، هن اهو واس اختيار ڪيو آهي؟ جڏهن ڪين اهڙي ۾ ٿوري گهڻي فتحيابي ملي، تڏهن هو ٻارڻ کي وڏو ماڻهو، الم پرش يا خود برهم سروپ سمجهڻ لڳا ۽ وڏائي ناموس حاصل ڪرڻ لاءِ، هن ماڻهن کان ڏن وٺڻ، ڪوڙين حيلن سان ڌن جمع ڪري وياج ڪمائڻ ۽ واپار ڪرڻ شروع ڪيو. پنجاهه سو ساڌن کي پنهنجي چوڌاري ڪٺو ڪري ۽ ڪين ڪاڏا ڪارائين ٿا، اهڙي واسطي ته هو سڌن شيوا ڪن ۽ جڏهن هو ميلن ۾ هاٿي گهوڙا پالڪيون ڪٺا ڪري ۽ هٿان هٿان جهنڊا ۽ نغارا وڃي، شاهي سرگسون ڪڍن ٿا، تڏهن ساڻن گڏ سڌن اردلي ۾ هلن. هاڻ اها غور سان سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته جن جي من ۾ اهڙا حرص ۽ هوس پيدا ٿيا آهن سي ڪيئن برهم گياني ٿي سگهن ٿا. جڏهن سڌن اهي خواهشون پوريون ٿين ٿيون تڏهن هو ڏاڍا خوش ٿين ٿا ۽ ٻين کي طعني بازي ۽ اهنڪار ڪن ٿا ۽ ٻارڻ کي مهاتما، پنڊت، ودوان ۽ مهنت سڏائين ٿا. گرهستين کان مدد وٺي، شان ڏيکاري ۽ ڏيکاء سرگسن سان پنهنجن مخالفين تي رعب جمائين ٿا. اهڙي طرح مان ۽ اهنڪار ۾ ڦاٿي، من ۽ مايا جي چڪر ۾ اهڙا ڦاسجي ويا آهن جو ان مان نڪري نٿا سگهن. جيڪڏهن ڪي سڌن اهي ڳهنتارون ڪين ٻڌائي ٿو ته ناراض ٿي، جهڳڙي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، ۽ ان کي ڦٽيون هڻن، ناستڪ ۽ ٻيا ڳهٽ وڌ اکر ڳالهائين ٿا.

٦٠. هاڻي سوچڻ گهرجي ته اهڙن گيانين ۽ ٿيرٿن ۽ مورتن

سکھن ٿا. گرمي سردي ۽ ٿوري گھڻي سھي سگھن ٿا ۽ گيان جي ڪتابن جي پڙھڻ ۽ وِچارڻ وقت ڪڏھن ڪڏھن اِندرين ۽ من کي روڪي سگھن ٿا. گيانين سان ملڻ ۽ گيان جا ڪتاب پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جي شوق کي ھو موڪشتا سمجھي وٺا آھن. جن کي سمجھ ئي ابتري آھي تن لاءِ وڌيڪ ڇا چئبو. سندن اھڙيءَ موڪشتا تي افسوس ٿو ٿئي جو ميلا ۽ تماشا ڏسڻ، ملڪن جا سير ڪرڻ، ناموس لاءِ پيدارا ڪرڻ، پيھنجا جھنڊا کڙا ڪري چوڏاري چيلا ڪٺي ڪرڻ جي کين اھڙي اوري اڳل آھي جو ھو رال جي پاڙي ۽ پيدارن جي خرچ واسطي، ادنيٰ گرھستين جي اڳيان وِڇارا ٿي ۽ راجائن ۽ شاھوڪارن کان روپيا وٺي جمع ڪن ٿا. انھيءَ ڏان پوءِ ۽ پاڻکي وِراڳي ڪوٺين ٿا. انھيءَ مان ظاھر آھي ته کين وِراڳ جي ذري ڀر خبر ڪونھي. ڪتابن پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جو شوق مڄبين نمر وڌندو رھي ٿو. عجب اھو ٿو لڳي ته اھو ڪھڙو برھم آنند کين حاصل ٿيو آھي جنھن سان سندن من ذرو به نه بدليو آھي. جي ڪاٺين ڀڄو ته چون ٿا ته اھو سڀ ڪم ھو پين جي ڀلي ۽ اُپڪار لاءِ ڪن ٿا. ھنن جي انھن چوڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته کين اھا ۽ خبر ڪونھي ته سچو اپڪار ڇا کي ٿو چئجي! گيانيءَ کي جيون جي ڪلياڻ ڪرڻ جي طاقت ھئڻ گھرجي. ماڻھن کي من ۽ اِندرين جي قيد کان ڇڏائي، موڪش پد ۾ پھچائڻ انھيءَ جو نالو آھي اپڪار. ودپا پڙھائي، ماڻھن کي اھنڪاري ٻڌائڻ يا ڪاڏا ڪارائڻ يا مندر، باغ ۽ ڌرمشالائون ٺھرائڻ ۽ سداورت ھلائڻ، اھو سچو اُپڪار ناھي. اھڙي نموني جا اپڪار ڪرڻ، راجائن ۽ شاھوڪارن جو ڪم آھي ۽ نڪي برھم گيانين جو! برھم گيانين کي گھرجي ته ماڻھن کي من ۽ اِندرين جي ٻنڌنن کان ڇڏائي، کين سندن نج سروپ ڏيکاري ۽ ان نج سروپ ۾ پھچائين، جيئن ھو دنيا جي ڏکن ۽ ڪليشن

چون تا ته هن اٺين جنم ۾ ساڌنا ڪئي آهي. جيڪڏ
اها ڳالهه سچي هجي ها ته ڪين انهيءَ ساڌنا جي پڄاڻيءَ ج
هيئنر ۾ خبر هجي ها يعني اها ڄاڻتي هيئنر ڪين ضرور
هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته برهم گيانيءَ ۽ برهم ۾ ڪوبه فرق
آهي. سنسڪرت ۾ چيل آهي ته ”برهم وت برهميو ڀوتي“
يعني برهم گياني برهم آهي. عربيءَ ۾ ٻيو چيل آهي ”ذالڪ
الفقر هو الله“ يعني جيڪو فقر (لوڪ) ڪري ٿو سو الله ٿئي
ٿو. تنهن ڪري صوفيءَ يا گيانيءَ کي سڀني حالتن جي ڄاڻ
هئڻ گهرجي. انهن برهم گيانين جو اهو حال آهي جو ڪين پڻ
انهن جو اِشٽ ۽ مالڪ ست پرش راڌا سوامي آهي. هن استان
تي پهچڻ واري جو نالو سنت ۽ سنتگرو آهي. ٻيو ڪوبه
سنت ۽ سنتگرو پدويءَ جو لائق يا اڌڪاري ناهي.

١٣. سنت لوڪ جي هيٺان ۾ استان ڇڏي، سن استان يعني
دسوون دوار آهي جتي سرت يا آتما ست لوڪ مان لهي
اچي ترسي ۽ وري الان برهمنڊ ۾ آئي ۽ پوءِ پنڊ ۾ آئي.
سنتن جو آتم پد ۽ فقيرن جو مقام **هاهوت** اهو ئي آهي.
جڏهن سرت، پنج تتن، ٽن گڻن، ڪارڻ، سوکيم ۽ اسٿول ديهه
کان جدا يعني نرمل ٿي، هن استان تي پهچي ٿي تڏهن ٿي
پنهنجي مالڪ جي ڀڳتيءَ جي لائق ٿئي ٿي. پوءِ هتان سچي
پرم جي بل ذريعي اڳتي وڌي، ست لوڪ ۽ راڌا سوامي
استان ۾ پهچي ٿي. راڌا سوامي يا سنت مت ۾ انهيءَ استان
۾ پهچڻ واري کي پورو ساڌ چئجي ٿو. هن استان تي پڻ
هنس يعني پرمي سرتين جون منڊليون رهن ٿيون ۽ امرت
آهار ۽ طرح طرح جي آنند ولاس ۾ مگن رهن ٿيون. پرش
۽ پرڪرتي هن ئي استان کان ظاهر ٿيا. هن استان کي
پار برهم چئجي ٿو.

١٤. سن استان يا دسوين دوار کان هيٺ ترڪٽي آهي
جنهن کي گگن پڻ چئجي ٿو. هن کي **برهم** ۽ پرڻو يعني
اونڪار پد به چئجي ٿو. سچن فقيرن انهيءَ مقام کي عرش
عظيم ۽ عالم لاهوت ڪري ڪوٺيو آهي. يوگيشور ۽ سچا پورڻ
گياني هيستائين پهتا آهن. هتان سوکيم ٽي گڻ، پنج تت،
ويد ۽ قرآن ۽ سراوڳين جو آد پراڻ ۽ ٻيا ڌرمي پستڪ ۽
سڄي رچنا يا پيدائش جو سوکيم مادو ۽ ٻيا ايشوري مايا ٻيا

۽ شڪتي انش روپ ۾ ڪم ڏئي رهي آهي. شروع شروع ۾ انهيءَ ڌر استان تان موج اُٿي ۽ شبد روپ ۾ هيٺ لٿي. هي استان پرم سنتن جو آهي. ڪنهن وڙلي سنت کان سواءِ هت ڪير به نه پهتو آهي ۽ جيڪو هت پهتو انهيءَ جو نالو پرم سنت آهي.

۱۲. راڌا سوامي استان کان هيٺ ۾ استان وچ ۾ چڙهي پوءِ ست نام جو استان يعني ست لوڪ آهي. اهو مها پرڪاش‌وان، پاڪ پوتر ۽ نرمل آهي، جو چيتن ئي چيتن آهي ۽ انهيءَ کان هيٺ جيڪا به رچنا آهي تنهن جو آد ۽ انت اهو ئي آهي. هن استان تان وري ۾ ڌارائون نڪتيون ۽ سڀني هيٺين استانن ۾ وياپڪ ٿي ويون. سنت مت ۾ هن استان جي مالڪ کي سچو مالڪ ۽ ڪرتا (پيدا ڪندڙ) چوندا آهن. ست شبد هن ئي استان مان پرگهٽ ٿيو جنهن کي مهاناد ۽ سار شبد به ڪوٺجي ٿو. ست پرش ۽ آد پرش به هن جو نالو آهي. هو اَجر، اَمر، اَبناسي ۽ سدائين هڪ جهڙو آهي. سنت انهيءَ پرش جا روپ (اوتار) آهن. هي استان دنيال پرش جو آهي. هت هميشه دنيا ۽ مهر ئي مهر ۽ آنند ئي آهي آنند آهي. هن استان ۾ بيشمار هنس يعني پرامي آتمائون ٿا پڳت، جدا جدا دليپن ۾ رهن ٿا ۽ ست پرش جي درشن جو آنند ماڻين ٿا ۽ اَمرت جو آهار ڪن ٿا. هت ڪال يا موت، ڪرم، ڪرودھ، سزا، پاپ ۽ پنج ۽ دکـ سک جو نالو نيشان به ڪونهي. انهيءَ ڪري هن استان جي مالڪ کي دنيال ۽ رحمان چئجي ٿو ۽ سچن ۽ ڪامل فقيرن هن استان کي هوُت ڪري سڏيو آهي. راڌا سوامي پد تان سرت هيٺ لهي پهرين انهيءَ استان تي اچي ٿرسي، جتان پوءِ وري هيٺ لٿي. جيڪو شخص راڌاسواميءَ کي پهنجو اِشت ڪري ۽ سندس چرنن ۾ پورو پروسو رکي، سڀني استانن کي پار ڪري هن استان يعني ست لوڪ تائين

۽ وشيءَ ٻوڙڻ جي واسنا، چاهي اها سنساري هجي يا پرمارٿي،
ليڪن ان جو نالو نشان به نه هجي ۽ فقط پرم پرش پورڻ ڌڻي
راڌا سوامي ديال ڪُل مالڪ جي درشن جوڳي آنند آهي.
تنهن ۾ اهڙو شخص پهچي ويندو ۽ وري آتما ۽ سرشٽا طرف
هيٺ نه جهڪندو، ڇاڪاڻ ته هو مايا جي گهيري مان ٻاهر ٿي ويو.
اهڙي اپياس سنت پدوي پراپت ڪئي آهي. انهيءَ سبب
آهي جو وڏا وڏا اوتار، رکيشور، منيشور، اولياءَ ۽ پيغمبر
ڪڏهن نه ڪڏهن وقت مايا جي چڪر ۾ اچي ويا، پنهنجي
پد کان ان وقت ڏوکو کائي ويا. جهڙوڪ نارد، وياس، شرنگي
رشي، پاراسر رشي، برهما، مهادیو ۽ اوتار وغيره. جن جو حال
جدا جدا هنڌن تي لکيل آهي ۽ ٿورو گهڻو سڀ ڪنهن کي معلوم
آهي. تنهن ڪري هت بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي.

١٠. مٿي جيڪو اشارو ڪيو ويو آهي ان جو مطلب اهو
ناهي ته اهي سڀ مهاتمائون پوري طرح مايا جا قيدي ٿي
ويا هئا يا هنن جو وڏو روحاني نقصان ٿيو هو. پر مطلب اهو
آهي ته ڪين مايا پنهنجو زور ڏيکاري ڏوکو ڏئي ڇڏيو. ان
جو سبب ظاهر آهي ته هو ڏاڍ ڏار مٿين استان تي پهتا هئا،
پر ان استان تي نه پهتا هئا جو مايا جي گهيري کان ٻاهر آهي.
اهو استان سنت نام ۽ راڌا سوامي استان آهي. هاڻ سرت جي
[illegible] ايئڻ جو بيان ڪيو وڃي ٿو جنهن مان صاف ظاهر ٿيندو
[illegible] جو اصلي استان ڪيتري قدر پري ۽ مٿي آهي ۽
اوتار، [illegible]، اولياءَ، ديوتائون وغيره ڪيتري ڪيتري
[illegible] تائين پهتا ۽ سندن حد ڪيستائين آهي.

[illegible] ڏو استان سڀ کان مٿي ۽ اڏو وڏو
[illegible] نٿو سگهجي، انهيءَ ڪري راڌا سوامي،
[illegible]. انهيءَ سڀني جو آد ۽ انت آهي ۽
[illegible] آهن. هر هڪ هن استان جي دنيا

۽ شڪتي انش روپ ۾ ڪم ڏئي رهي آهي. شروع شروع ۾ انهيءَ ڌر استان تان موج اُٿي ۽ شبد روپ ۾ ظاهر هيٺ لٿي. هي استان پرم سنتن جو آهي. ڪنهن وري سنت کان سواءِ هت ڪير به نه پهتو آهي ۽ جيڪو هت پهتو انهيءَ جو نالو پرم سنت آهي.

١٢. راڌا سوامي استان کان هيٺ ۾ استان وچ ۾ ڇڏي پوءِ ست نام جو استان يعني ست لوڪ آهي. اهو مها پرڪاشوان، پاڪ پوتر ۽ نرمل آهي، جو چيتن ئي چيتن آهي ۽ انهيءَ کان هيٺ جيڪا به رچنا آهي تنهن جو آد ۽ انت اهو ئي آهي. هن استان تان وري ٻه ڌارائون نڪتيون ۽ سڀني هيٺين استانن ۾ وياپڪ ٿي ويون. سنت مت ۾ هن استان جي مالڪ کي سچو مالڪ ۽ ڪرتا (پيدا ڪندڙ) چوندا آهن. ست شبد هن ئي استان مان پرگهٽ ٿيو جنهن کي مهاناد ۽ سار شبد به ڪوٺجي ٿو. ست پرش ۽ آد پرش به هن جو نالو آهي. هو اَجر، اَمر، اَبناسي ۽ سدائين هڪ جهڙو آهي. سنت انهيءَ پرش جا روپ (اوتار) آهن. هي استان ديال پرش جو آهي. هت هميشه ديا ۽ مهر ئي مهر ۽ آنند ئي آنند آهي. هن استان ۾ بيشمار هنس يعني پرامي آتمائون يا ڀڳت، جدا جدا ديپن ۾ رهن ٿا ۽ ست پرش جي درشن جو آنند ماڻين ٿا ۽ اَمرت جو آهار ڪن ٿا. هت ڪال يا موت، ڪرم، ڪروڌ، سزا، پاپ ۽ پنج ۽ دک، سک جو نالو نشان به ڪونهي. انهيءَ ڪري هن استان جي مالڪ کي ديال ۽ رحمان چئجي ٿو ۽ سچن ۽ ڪامل فقيرن هن استان کي حوت ڪري سڏيو آهي. راڌا سوامي پد تان سرت هيٺ لهي پهريائين انهيءَ استان تي اچي ٿرسي، جتان ٻيهر وري هيٺ لٿي. جيڪو شخص راڌاسواميءَ کي پنهنجو اشت ڪري ۽ سندس چرنن ۾ پورو ڀروسو رکي، سڀني استانن کي پار ڪري هن استان يعني ست لوڪ تائين

۽ وشيه ڀوڳ جي واشنا، چاهي اها سنساري هجي يا پرمارٿي،
ليڪن ان جو نالو نيشان به نه هجي ۽ فقط پرم پرش پورڻ ڏاتي
راڌا سوامي ديال ڪل مالڪ جي درشن جوڳي آنند آهي.
ڏهن تي اهڙو شخص بچي ويندو ۽ وري آشا ۽ ترشنا طرف
هيٺ نه جهڪندو ڇاڪاڻ ته هو مايا جي گهيري مان پار ٿي ويو.
اهڙي ابياسيءَ سنت پدوي پراپت ڪئي آهي. اهوئي سبب
آهي جو وڏا وڏا اوتار، رکيشور، منيشور، اولياء ۽ پيغمبر
ڪڏهن نه ڪڏهن وقت مايا جي چڪر ۾ اچي ويا، پنهنجي
پد کان ان وقت دوکو کائي ويا. جهڙوڪ نارد، وياس، شرنگي
رشي، پاراسر رشي، برهما، مهاديو ۽ اوتار وغيره. جن جو حال
جدا جدا هنڌن ۾ لکيل آهي ۽ تورو گهڻو سڀ ڪنهن کي معلوم
آهي. تنهن ڪري هت بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي.

١٠. مٿي جيڪو اشارو ڪيو ويو آهي ان جو مطلب اهو
ناهي ته اهي سڀ مهاتمائون پوري طرح مايا جا قيدي ٿي
ويا هئا يا هنن جو وڏو روحاني نقصان ٿيو هو. پر مطلب اهو
آهي ته ڪين مايا پنهنجو زور ڏيکاري دوکو ڏيئي ڇڏيو. ان
جو سبب ظاهر آهي ته هو ڌار ڌار مٿين استانن تي پهتا هئا،
پر ان استان تي نه پهتا هئا جو مايا جي گهيري کان ٻاهر آهي.
اهو استان سنت نام ۽ راڌا سوامي استان آهي. هاڻ سرت جي
هيٺ لهڻ جو بيان ڪيو وڃي ٿو جنهن مان صاف ظاهر ٿيندو
ته سرت جو اصلي استان ڪيتري قدر پري ۽ مٿي آهي ۽
وتار، پيغمبر، اولياء، ديوتائون وغيره ڪيتري ڪيتري
ستان مان پرگهٽ ٿيا ۽ سندن حد ڪيستائين آهي.

١١. پهريون يعني ڌر استان سڀ کان مٿي ۽ اڏو وڏو
هي جو انڪي استان به چئي سگهجي، انهيءَ کي راڌا سوامي،
امي ۽ اکه چون ٿا. اهوئي سڀني جو آد ۽ انت آهي ۽
ب انسان ان جي گهيري ۾ آهن. هر هنڌ هن استان جي دنيا

سو ته پنهنجي مرضيءَ موجب يعني جڏهن مرضي پوءِ تڏهن
اُوڙي ڇڏي. مختصر ۾ مطلب هي آهي ته جيستائين سرت انهن
استول، سوکيم، ڪارڻ، ڏاهه، من ۽ اندرين جي بندنن کي
ٽوڙي يا گهٽائي ۽ اُهي مليل استان جن جو واسطو پنڊ ۽ برهمنڊ
سان آهي انهن کي ڇڏي، پنهنجي اصلي استان ڏانهن رخ
نه ڪندي ۽ برهمنڊ ۽ من جي پار نه پهچندي، ليستائين هنجي
جڙ ۽ چيتن جي ڳنڍ نه کلندي. من، اندريون، سراو، سڀ
سنساري وهنوار، پوڳ وغيره اهي سڀ جڙ پدارٿ آهن.
سرت چيتن ۽ لطيف (Subtle & Conscious) آهي. انهن جڙ
۽ چيتن جي ميلاپ کي جڙ چيتن جي ڳنڍ ڪوٺجي ٿو. سو
جيستائين اها ڳنڍ نه کلندي يعني جيستائين آتما جو مايا سان ناتو
نه ٽٽندو ليستائين موکش نه ملندو ۽ نه آشا ۽ ترشنا جو ناس
ٿيندو.

۹. ڪجهه ابياس ڪرڻ سان ۽ ڪجهه رستو طئي ڪرڻ
سان آشا ۽ ترشنا جو زور ڪجهه قدر گهٽجي وڃي ٿو يا
ڪجهه وقت لاءِ دٻجي به وڃي ٿو ۽ ظاهري طرح ائين به
سمجهه ۾ اچي ٿو جڻ ته ناس ٿي ويو پر جيستائين سرت
ست لوڪ تائين نه پهچندي ليستائين آشا ۽ ترشنا ناس نه ٿيون
ٿين. انهيڪري اهو ساڌو، جو پهرئين ۽ ٻئي استان يعني
سهس دل ڪنول ۽ ترڪٽيءَ ۾ پهتو آهي پر نه ست لوڪ ۾،
اهو پوڳ ولاس جي زبردست ڇپاٽ کان پاڻ نه سنڀالي سگهندو
۽ عجب ناهي ته ڪري پوي. پوءِ چاهي جلد ئي هوش ۾ اچي
دنيا جي پوڳن کان نفرت ڪري، ابياس جي مدد ۽ پنهنجي
گوروءَ جي ديا سان وري واپس انهيءَ استان تي پهچي وڃي
پر سندس داغي ٿيڻ ۾ ڪو به شڪ نه رهيو. انهيءَ ڪري
اهو مناسب آهي ته پريمي ابياسي پنهنجي سرت کي اهڙي
اوچي استان تي پهچائي جتي ڪنهن به قسم جي آشا ۽ ترشنا

ڏٺي راڌا سوامي ديال، جنهن ٻي ديا آٿي انهن استانن جو صاف ورڻن ڪيو آهي ۽ انهن جو ڀيد ۽ ڪيفيت بہ ظاهر ڪئي آهي. هن ديا ڪري سڀني کان مٿي ۽ اوچو راڌاسوامي (يا اناهي) پد، جو سڀني جي آد ۽ پيدائش (Source & Origin) آهي ۽ جو پرم سنتن جو نج محل آهي، ان جو ڀيد ظاهر ڪيو آهي. انهيءَ استان تان سرت شروع بہ هيٺ آئي. انهيءَ جي هيٺان جيڪي استان آهن سي سرت يا روح جي هيٺ لهڻ جون منزلون (Stages) آهن. هيئنر جيو آتما يعني سرت يا روح، شرير ۽ سهس دل ڪنول جي هيٺان آهي ۽ اتان هنجي روشني ۽ شڪتي سڄي شرير بہ لهي ۽ پکڙجي، من ۽ اندرن جي ذريعي استول ۽ سوکم ڪم ڏئي رهي آهي.

٨. من بہ آهن هڪ برهمنڊي من (Universal) ۽ ٻيو پنڊي من (Individual). برهمنڊي من جو استان ترڪٽي ۽ سهس دل ڪنول بہ آهي جنهن کي برهم، پرميشور، پرماتما يا خدا ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. پنڊي من جو استان اکين جي پٺيان ۽ هردي بہ آهي. اهوئي من، سرت جي مدد سان دنيا جو سڀ ڪاروبار ڪري رهيو آهي. سرت يا روح جي اندري قدر من سان پرلت ٿي واسٽي آهي جو ان جي سنگ بہ هيٺين جسماني استانن ڏانهن لهندي پئي وڃي. من ۽ اندرن وغيره جي ڪم ڪرڻ جي طاقت سرت يا جيو آتما مان ملي رهي آهي. جيڪڏهن جيو آتما پنهنجو من پنهنجي اصلي گهر ڏانهن ڦيرائي تہ پوءِ دنيا جي سامانن مان هن جو ڌيان گهٽبو ويندو، سندس موکش ڏانهن رستو کلي پوندو. جڏهن سرت برهمنڊي من جي استانن کان پري پنهنجي اصلوڪي استان يعني ست لوڪ بہ پهچندي تڏهن هن جا سڀ استول، سوکيم ۽ ڪارڻ، ديهہ، اندريون ۽ من جا بندن (Bonds) ٽٽي پوندا. پوءِ اهڙي آتم جو دنيا سان وهنوار نالي ماتر وڃي رهندو.

اهڙي حالت پيدا ٿئي ٿي، جنهن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

٦. سرت يا روح جي حالت ۽ ڪيفيت هر استان تي پهچڻ سان بدلجندي رهي ٿي ۽ ائين محسوس ٿي ڪري جڻ سڀ هيٺيان استان سندس ضابطي هيٺ آهن ۽ پاڻ انهن ۾ وياپڪ آهي. مثال طور پهرئين يا ٻئي استان تي پهچڻ سان ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو جڻ ته سرت يا انهيءَ استان جو مالڪ انهيءَ کان سيني هيٺين استانن ۾ وياپڪ ۽ انهنجو ڪرتا آهي. منجهانئس ئي سڀ هيٺين رچنا ظاهر ٿي آهي ۽ سندس آسري تي ئي قائم آهي. جيئن ته سرت کي پوري گرو نه ملڻ جي ڪري وڏاڪ مٿين استانن جي خبر نه هئي، هن ان استان جي مالڪ کي ڪل مالڪ سمجهيو ۽ پنهنجي شيوڪن ۽ ستسنگين کي انهيءَ جي پوڄا ۽ ڀڳتي ڪرڻ جو اُپديش ڪيو. ڇاڪاڻ ته مٿين استانن جي ڀيد جو پورو واقف سنت ستگورو ئي آهي ۽ اهو جي هن کي ملي ها ته کيس مٿين دامن جو ڀيد ٻڌائي اڳتي وٺي وڃي ها. اهڙي طرح جنهن جنهن پنهنجي اندر ۾ هڪ، ٻه يا ٽي استان پار ڪيا آهن، انهيءَ شخص کي پورن ۽ پهتل ڄاتو ۽ سمجهيو ويئو. جيئن ته پهرئين استان تي پهچڻ سان سرت کي سڀ شڪتيون حاصل ٿين ٿيون ۽ انهن شڪتين ڪري ئي دنيا انهن کي "مهاتما" ۽ "ڪامل" وغيره سمجهي ٿي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هيٺين (سفلي) درجن جي ڀيٽ ۾ هي استان بلڪل اوچ ۽ اُتم آهي ۽ اُتي پهتل ۾ شرڌڪ ۽ سنساري مليتا يا غلاظت نه ٿي رهي.

٧. مٿي چيل آهي ته ستنام استان جنهن کي ست لوڪ يا سچ کنڊ به چئجي ٿو اهو نهايت مٿي آهي ۽ اهو ئي سنتن جي دربار آهي. انهيءَ کان مٿي ٻيا به ٽي استان آهن. اهو راز اڳي ڪنهن به سنت ظاهر نه ڪيو. هيٺئين پوم پرش، پورڻ

سندن گهيري اندر آهن. راڌا سواءِ ٻه کي اکيه ۽ آنامي
۽ ڪرڻين ٿا چاڪاڻ تہ هي استان اپار، اننت ۽ انادي آهي
۽ اهي سڀ استان انهيءَ مان پرگهٽ ٿيا پيدا ٿيا آهن. سڀ
امڪان ۽ لامقام انهيءَ کي ئي چيو وڃي ٿو.

۵. هاڻي اهو معلوم ٿيڻ گهرجي تہ ساڌ، گياني ڀڳت، اوتار،
پيغمبر ۽ سڀ مهاتمائون، جيڪي نج استان تائين نہ پهتا آهن،
انهن جو درجو سنتن کان گهٽو گهٽ ۽ هيٺ آهي. ڇاڪاڻ
تہ اهي متي چڙهندي جدا جدا استان تي پهچي بيهي ويا
آهن. تنهنڪري ئي دنيا ۾ جدا جدا مت ۽ ڌرم استاپن ٿيا
آهن، يعني جو جو جهڙي استان يا منزل تي پهتو آهي، هن
انهيءَ منزل کي آخرين منزل ۽ اُن جي مالڪ کي ئي اننت ۽
اپار سمجهي، ان جي پوڄا جو اپديش ڪيو آهي.

اهو انهيءَ ڪري آهي جو مالڪ پنهنجيءَ قدرت سان
هرهڪ هيٺين ديش يا استان کي نج ديش جي ڇايا وانگر
ٺاهيو آهي جنهن ڪري هيٺين داش ۾ ٿوري گهڻي يا ڪجهہ
قدر مٿين داش جهڙي حالت ۽ ڪيفيت نظر ايندي آهي.

پر هرهڪ استان جي داش جي حالت ۽ ڪيفيت ۾ ان
جي مدي (قيام) Permanence ۾ وڏو فرق آهي ۽ جيڪا
رچنا هرهڪ داش ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي سان ان ايءَ ايءَ طرح
جي آهي ۽ درجي بدرجي اها رچنا، سوکيم، وڌيڪ سوکيم،
آلي سوکيم، نرمل، وڌيڪ نرمل ۽ مها نرمل ٿيندي وڃي ٿي.
پر اها حالت انهيءَ کي ئي معلوم ٿي سگهي ٿي جنهن سيڌي
استان جو سير ڪيو هوندو. نہ تہ تہ جيڪو جنهن استان تي
پهتو، انهيءَ استان جي مالڪ جو سروپ ۽ پرڪاش ڏسي،
انهيءَ کي بي انت ۽ بي حد، خدا ۽ پرميشور سمجهيو ۽ ڇاڪاڻ
اتري قدر ان کي آنند ۽ خوشي حاصل ٿئي ٿي جو سندس
هوش حواس ئي گم ٿيو وڃن ۽ مدهوش مستيءَ ۽ شوق جي

اندر ۾ اصلي منزل طرف وڃڻ شروع ڪيو ۽ سچيءَ ڌر استان تائين ڪونه پهتا. انهن مان گهڻا ته ٻهراڻ منزل تي مس پهتا، ڪي ٿورا ٻيءَ منزل تي پهتا، ڪو ورلو ساڌ ۽ پرمهمي ٽينءَ منزل جي واجهو پهتو. فقط سنت پنجينءَ منزل يعني ست نام تائين ۽ ڪو ورلو انهن منزل يعني آنامي يا راڌاسوامي منزل تائين پهتو.

شروع شروع ۾ انهيءَ راڌاسوامي استان تان سرت هيٺ لٿي آهي. جڏهن سرت هيٺ لهي رهي هئي تڏهن هيٺين مقامن وارن کي انهن سمجهڻ ۾ پئي آيو ته هوءَ ست لوڪ وغيره (جي حقيقت ۾ ان جو اصلي ديس نه آهن) مان لٿي آهي. وري جيڪي اڳيان هيٺ پهتل هئا انهن کي انهن پئي لڳو جڻ ته سرت انهن ئي نڪتي هئي جتي هو پهتا هئا. جيئن ته انهن کي پورو گورو نه مليو هو، هو انهيءَ ئي استان يا منزل کي سرت يا روح جو پيدائش (Source) ۽ انهي جي مالڪ کي، باقي هيٺين ديس جي رچنا جو مالڪ ۽ اپائيندڙ ڄاڻي، پنهنجن ششن کي انهيءَ ديس جي مالڪ کي ڪل رچنا جو ڪرتا ۽ اشٽ ڪري مڃڻ جو اعتقاد ڏياريو ۽ هن جي اپاسنا ۽ پوڄا ڪرڻ جو اپديش ڪيو.

٤. هاڻ سمجهه ۾ اچڻ گهرجي ته راڌاسوامي پد سڀ کان مٿي استان آهي. اهوئي، ڪل مالڪ، سچي صاحب ۽ خدا جو نالو آهي. انهيءَ استان کان ۾ استان هيٺ ست نام استان آهي جنهن کي سنت جدا جدا نالن، جهڙوڪ، ست لوڪ، سچ کنڊ، سار شبد، ست شبد، ست نام ۽ ست پرش سان ڪوٺيو آهي. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي استان سنتن ۽ پرم سنتن جا آرام گاهه آهن. انهيءَ ڪري سنتن جو درجو سڀني کان مٿي آهي. انهن استانن تي من ۽ مايا پهچي ڪونهن. هيٺيان سڀ استان ۽ سڀي رچنا، انهن استانن کان هيٺ آهن ۽

ويٺي آهي، جو سندس جٽيءَ مثال ٿي پيو آهي. انهن سڀني
ٻنڌن جي ڇوٽڪاري کي مڪتي چئجي ٿو.

اندروني، لنگ ۽ من، انهن کي اندريان ٻنڌن چئجي ٿو ۽ سرير ۽ ان سان واسطو رکندڙ شيون ۽ ڪٽنب، اهي آهن ٻاهريان ٻنڌن. انهن ٻنهي ٻنڌن ۾ جيو آتما يا سرت اهڙو نه ڦاسجي ويٺي آهي جو هن کي پنهنجي اصلي ديش جي يادگيري وسري ويٺي آهي ۽ انهيءَ پنهنجي اصلي ديش کان ايترو دور نڪري ويٺي آهي جو بنا پوري ستگور يا ڪامل مرشد جي، سندس اُتي واپس پهچڻ ناممڪن آهي.

ڪم فقط ايترو آهي جو انسان پنهنجي سرت يا روح کي واپس سندس آدي ڀنڊار (Source) يعني ست لام ۽ راڌا سواميءَ ۾ پهچائي. جيستائين ائين نه ٿيندو ليستائين دنيا جي ڏکن ۽ سکن کان ڇوٽڪارو ناممڪن آهي.

٣. سڀني متن ۽ پراچين مهاتمائن جو مقصد ۽ طريقو اهوئي آهي ته ڪيئن روح سرت کي پنهنجي ڀنڊار (Source) ۾ واپس پهچايو وڃي. پورڻ انهيءَ کي چئجي ٿو جڏهن ابياس يا ڪرڻي ڪري، پنهنجي روح کي اصلي ديش ۾ پهچايو هجي ۽ سڀني ٻاهرين ۽ اندروني ٻنڌن ۽ استول، سوکيم ۽ ڪارڻ کي توڙي، پنهنجي من کي سنساري پرپنچ کان نيارو ڪيو هجي. ڪامل، عامل، سچو عاشق، پرامي، پورن ڀڳت، سچو گياني ۽ پورو سادو اهوئي آهي جيڪو آخرين منزل تي پهچي ويو هجي. جيڪي ٻين جو ذڪر ڪن ٿا يا انهن جي ڪي فقط پڙهن ٿا يا ٻڌائين ٿا پر پاڻ منزل تي ڪونه يا منزل تي پهچڻ جو ابياس نه ٿا ڪن، انهن کي ودوان ۽ واچڪ ڪوٺجي ٿو.

جيترا به آچاريه، مهاتمائون، اوتار ۽ پيغمبر هر ڪ
۾ ٿيا آهن انهن سڀني پنهنجي ابياس جي زور تي

سار وچن

راڌا سوامي دئيال کي ديا راڌا سوامي سهاءِ

حضور راڌا سوامي صاحب جي اُپديش مان ڪي ورق

هيءَ جڳت ناسونت آهي ۽ هن جا سڀ سامان به ناسونت آهن. عقلمند اهو انسان آهي جيڪو هن دنيا جي ڪاروبار کي چڱيءَ طرح ڄاڻي، ان کي ناسونت ۽ فاني سمجهي، هن منش ديهيءَ کي مالڪ جي سمرڻ ۽ ڀڄن ۾ لڳائي سڦل ڪيو آهي ۽ جيڪي وستو انهيءَ مالڪ پنهنجي ديا سان هن منش ديهيءَ ۾ ڏنيون آهن، انهن مان لاڀ وٺي، پنهنجي سرت يا جيو آتما، جا بي بها جواهر يا رتن وستو آهي، انهيءَ کي پنهنجي اصلي استان يا سچي ديش ۾ پهچائي.

۱. جيو آتما يا سرت جنهن کي روح به چئجي ٿو، اهو سڀ کان اوچي استان يعني ست نام ۽ راڌا سوامي پد تان هيٺ لهي هن سرير ۾ آئي آهي ۽ ٽن گڻن (ستو، رجو ۽ تمو)، پنجن تتن (مٽي، پاڻي، باهه، هوا ۽ آڪاش) ۽ ڏهن اندرين (ڪن، اکيون، زبان، نڪ، چمڙي، هٿ، پير، گدا، جنس اندري ۽ وات) ۽ من جي قيد ۾ قابو ٿي وئي آهي. انهن کانسواءِ سرير ۽ ان سان واسطو رکندڙ شين جي ٻنڌنن ۾ اهڙو ٻڌجي

نام جي بخشش ۽ مڪتيءَ جي واٽ وقت جي ڏاهن ڏاري
سنت ستگور کان ئي ملندي آهي. دنيا ۾ گمراهه آهي جو گذريل
مهاتمائن جي نيڪ وڻيتي ۽ موجوده سنتن کي لڪرائي ٿي. پ
جيڪي ڀاڳن وارا هوندا آهن اُهي وقت جي سنت ستگر
جي کوج ڪري، انهيءَ کان نام جي بخشش وٺي پنهنجو
اُڌار ڪندا آهن.

هن ڪتاب "سار وچن" ۾ انهيءَ سنت مت جي واٽ بيان
ٿيل آهي جا بلڪل گرنٿ صاحب ۽ ٻين سنتن جي چيل ٻاڻيءَ
انوسار آهي ۽ ڪڏهن به حالت ۾ انهن کان نرالي ڪونهي.
جيڪي دنيا جي ڏکن سکن ۽ پنهنجن دشمنن جي ظلم کان ڇٽڻ
چاهين ٿا ۽ جن کي مالڪ سان ملڻ جي سچي سڪ ۽ پياس
آهي، انهن لاءِ هي سوامي جي مهاراج جن جا وچن پرابر ۽
پرمارٿ جو انمول خزانو آهن. باقي جيڪي اڃا دنيا جي
پدارٿن، اولاد، ڌن، استري ۽ مان وڏائي ۽ وديا ۾ ڦاٿل
رهڻ چاهين ٿا، انهن کي هي نج روحانيت جون ڳالهيون
نيڪ اهڙيءَ طرح ڪوڙيون لڳنديون جيئن بخار واري ماڻهوءَ
کي مصري. اهڙن نسبت گورو نانڪ جن فرمايو آهي:
"مورک سچ نه ڄاڻني مَن مکي جنم گنوايا، وچ دنيا ڪاهي آئيا"

ڪرشن ٻاباڻي

انوادڪ جو نوٽ

راڌا سوامي مت باري ۾ عام ڪري ڏاڍا عجيب غريب خيال وائل آهن. راڌا معنيٰ سرت، روح يا آتما، سوامي معنيٰ مالڪ يا ڌڻي. راڌا سوامي معنيٰ روح جو مالڪ. مالڪ جي ڀڳتن پرلام ۾ اچي مالڪ کي ڪيترن ئي جدا جدا نالن سان ڪوٺيو آهي، اهڙيءَ طرح راڌا سوامي به مالڪ جو هڪ نالو آهي. هي مت ڪو نئون مت ڪونهي. اهو ئي سنت مت يا گرو مت آهي جيڪو سري گرو نانڪ صاحب، ڪبير صاحب ۽ ٻين سنتن جو هو. ٻوليءَ جي سهوليت کان هن کي مت ڪوٺجي تو پر حقيقت ۾ هي مالڪ سان ملڻ ۽ جنم مرڻ جي ڦيري کان هميشه لاءِ ڇٽڻ جو انسان لاءِ هڪ ئي رستو آهي جو مالڪ پاڻ ٺاهيو آهي، ساڳيءَ طرح جيئن دنيا ۾ انسان جي جنم جو رستو به پاڻ ئي ٺاهيو اٿس، جنهن ۾ ڪو به ڦيرو يا فرق نٿو اچي سگهي. اهو ئي رستو مالڪ جي ملڻ جو هو، آهي ۽ رهندو.

هن سڄيءَ رچنا جو هڪ ئي سچو پاتشاه آهي. سنت سندس سرڪار آهن جي جڳ جڳ ۾ سندس امر يا حڪم يا شبد يا نام جو پرچار ڪن ٿا. جيئن گرنٿ صاحب ۾ فرمايل آهي، "اڪو امر اڪا پاتشاهي جگ جگ سرڪار چلائي هي" سنت هر وقت دنيا ۾ موجود هوندا آهن پر اڪثر دنيا، سنتن کي سندن جيئري نه سڃاڻندي آهي ۽ نه سندن قدر ڪندي آهي، سري گرو نانڪ صاحب، ڪبير صاحب ۽ ٻين سنتن جي وقت ۾ دنيا سندن قدر نه ڪيو پر هاڻ سندن مهما جون ڳالهيون پڙهي ۽ ٻڌي انهن جو قدر ڪري ٿي. ليڪن سچي

سڀني فيلسوفين، سڀني مذهبن ۽ سائنس جو آخر ان مقصد آهي.

هيءَ انساهت ڪندڙ ڪهاڻي جيتوڻيڪ اڻ پوري نموني ٻڌائي وئي آهي، ليڪن ٻڌائي ضرور وئي آهي. وڌيڪ پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي ته هو هن سنمت مت جي راه تي اچي يا نه، پر جيڪڏهن هو انهيءَ ايشوري راه تي قدم رکڻ جو فيصلو ڪري ته ڪيس ياد رکڻ گهرجي ته سندس پهريون ڪم آهي وقت جي ديهه ڌاري ستگور جي کوج ڪري، هن کان نام جي بخشش وٺڻ، پوءِ باقي سڀڪجهه هن کي صاف ۽ چٽو سمجهه ۾ اچي ويندو ۽ هو ضرور پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويندو.

توهانجو، ستگور جي چرنن ۾

جوليئن ۰ ڊي ۰ جانسن

(هيءَ "سار وچن" جي انگريزي ترجمي وارو مهاڳ، جو ڊاڪٽر جانسن جو لکيل هو، تنهن جو ترجمو آهي.)

جي هدايتن موجب هلي ٿو لئهن کي اهو شبد اُڌ ۾ ايندو آهي. اهو شبد هنن ٻاهران ڪنن سان نہ ٻڌي سگهبو آهي ۽ اندرين سوکيم شڪتيءَ سان، جا ابياس ذريعي پرگهٽ ٿيندي آهي. پهران اهو آواز جهيڻو ۽ ڦرندڙ گهرندڙ هوندو آهي پر جيئن جيئن ان کي اڪاگرتا سان ٻڌندو رهبو آهي ليئن ليئن وڌيڪ چٽو ۽ وڌيڪ سرلو ٿيندو ويندو آهي ۽ آخر ۾ دنيا جي سيني آوازن کان مٺو ۽ مٺو لڳندو آهي. پوءِ اهو آلما مٿين منزلن ڏي وڃڻ جي لائق ڪري ٿو ۽ ان کي نيڪ ۽ نرمل ڪري آلما ستگور جي دائمي رهبريءَ ۽ مدد سان، مٿين منزلن ڏانهن پنهنجي واپسي ياترا ڪري ٿي. ابياسيءَ کي جلد ئي ٿيڻ جو احساس ٿئي ٿو. پنهنجي پرنم ستگور جي رهبريءَ هيٺ برهمانڊ جون سڀ آسماني منزلون پار ڪندو آخر هي نج چيتنا جي ديش جي نوراني سرحد تي اچي ٿو. هاڻي هي، بلڪل مڪت ۽ خوشيءَ سان ڀرپور ٿي، اڻ ڳڻت ۽ موهت ڪندڙ دنيائن مان لنگهندو پنهنجي نج گهر پهچي ٿو. هن دنيا جي سيني مذهبن ۾ جن سرڳن ۽ بهشتن جو ذڪر اچي ٿو انهن سيني کي پار ڪري، هاڻي هي اوچي ۾ اوچي استان ست ديش ۾ پهچي ٿو جتان کيس ست پرش، راڌا سوامي يا انامي ڌام ۾ موڪلي ٿو. هميشہ هي انهيءَ هنڌ جو رهواسي آهي جتي نہ موت آهي نہ تبديل ۽ سدائين اننت پرڪاش ئي پرڪاش آهي، جو بيان ۽ ورنن کان پري آهي. اهوئي جاءِ، جو الي پهچي!

هي سڀڪجهہ لڌهن حاصل ٿئي ٿو جڏهن ٻئي، شش ۽ ستگور سرنر ۾ آهن. هيءَ انمول ڪاميابي، شش کي پنهنجي پورڻ ڪوشش ۽ يادگيريءَ ۾ حاصل ٿئي ٿي. اهو ٿي سيني ارگن،

سگھا اکر آھن. انھيءَ شبد ذريعي ئي انسان دنيا جي دکن جي غلاميءَ کان ڇٽي سگھي ٿو. انھيءَ جي ذريعي ئي سرشٽي لڳي رھي آھي ۽ انھيءَ جي ذريعي ئي انسان واپس پنھنجي اصلي گھر (سچ کنڊ) پھچي سگھندو.

جنھن وقت ستگور نام جي بخشش ڪن ٿا، تنھن وقت ھر ھڪ شش کي ڪي مکيه راز سمجھايا ويندا آھن، جي سندس اندروني ڪاميابيءَ واسطي ڪارائتا آھن. تنھن کانسواءِ ڪيس سمرن، ڌيان ۽ ڌيان جي ترڪيب سيکاري ويندي آھي، جنھن ذريعي ھنکي پنھنجي اندر ۾ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي شڪتي پرگھٽ ڪري، مٿين منزلن ڏانھن پنھنجو اندروني سفر چالو ڪرڻو آھي. آخر ۾ موت وقت جڏھن ھو پنھنجو سرير ڇڏي ٿو تڏھن ھو پنھنجي ستگور سان مٿين روحاني ديش ۾ پھچي ٿو. نام بخشش ڪرڻ وقت، ستگور پنھنجي شش کي شبد سان جوڙين ٿا ۽ جيستائين شش سچکنڊ ۾ پھچي تيستائين اندروني منزلن تي ھر وقت ھن سان ھوندا آھن.

شبد ڇا آھي، اھو پوريءَ طرح بيان ڪرڻ شايد ڏکيو ٿئي. شبد خود پاڻ مالڪ آھي جو ھيٺينتا جي دائمي ڌارا جي روپ ۾ ھيٺ من ۽ مايا جي ديش ۾ پھچي ٿو. بائيبل ۾ شبد کي Holy Ghost (پوتر دوتا) ستگور کي Son (پُٽر) پرماتما کي Father (پتا) ۽ ٽنھي کي Holy Trinity (پوتر ترمورتي) چون ٿا. انھيءَ شبد جو ذڪر، پراچين ڌرمي ۽ فيلسوفيءَ جي اِتھاس ۾ ڪيترن ھنڌ، جدا جدا نالن ۾ ٿيل آھن. بائيبل ۾ انھيءَ کي Word يا Logos چيو ويو آھي، ھندو انھيءَ کي ناد ڪوٺين ٿا، اسلام وارا انھيءَ کي ڪلمو يا اسم اعظم ڪري چون ٿا ۽ سنت انھيءَ کي شبد ڪوٺين ٿا. جنھن کي پوري گوروءَ يا ڪامل مرشد کان نام مليل آھي ۽ جو پنھنجي ستگور

... حاصل ڪرڻ لاءِ، جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽڻ
لاءِ ۽ پنجن وڪارن (ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار)
جهڙن دشمنن کان ڇٽڻ لاءِ ۽ من کي وس ۾ ڪرڻ لاءِ، هر هڪ انسان
کي ستگور يا ڪامل مرشد جي کوج ڪرڻ جڳائي. اهو آهي
اڻپوري ۽ قدرتي رستو مڪتي حاصل ڪرڻ جو. ٻئي ڪنهن
به طريقي سان اهو مقصد حاصل نه ٿي سگهندو. هت پوري
ڄاڻ يا علم هئڻ جو سوال ڪونهي. جگياسوءَ لاءِ پوري ڄاڻ يا
علم ضروري آهي پر انهيءَ کان به وڌيڪ ضروري آهي
ستگور جي شش کي شخصي مدد. من ۽ مايا جو هيبت گهليندڙ
وهڪرو ۽ پنجن گهاتڪ دشمنن جي حملي جو اڪيلي
سر مقابلو ڪرڻ ناممڪن آهي. انسان کي پاڻ کي بچائڻ جي
ڪوشش باوجود به، هن جي آتما لڙهو لڙهو جنم مرڻ
جي اوڙاهه ڏانهن گهلبي پئي وڃي. اهڙي نازڪ وقت دئيال
ستگور پنهنجو جبرو مدد جو هٿ ڊگهيڙي ٿو جنهن جي آڏو
ڪابه شڪتي نٿي اچي سگهي. هو موت ۽ زندگيءَ جو صاحب
آهي ۽ اسانجي هن استان (پنڊ داش جنهن ۾ اسانجي ڌرتي
به اچي وڃي ٿي) جي ڌڻيءَ جو ڌڻي آهي. هو ئي بچائي
سگهي ٿو ۽ هن کانسواءِ ڇوٽڪارو نٿو ملي سگهي. هن ڪتاب
اندر انهيءَ بنيادي سچ ۽ حقيقت جو سربستو وستار ڪيل
آهي.

٣. سنتن جي سکيا جو ٻيو بنيادي پاسو آهي شبد يا نام.
قدرت جي هن نهايت ضروري حقيقت جي دنيا کي تمام
ٿوري خبر آهي. مغربي فيلسوفيءَ جي ساهتيه ۾ هن بابت
ڪوبه ذڪر ڪونهي، جيتوڻيڪ هيءَ سڀني سرشٽيءَ جي مکيه
۽ مکيه ۽ بنيادي ڳالهه آهي ۽ آتما جي موڪش ۽ مڪتيءَ لاءِ
نهايت ضروري آهي. انهيءَ ٻيا سڀ مذهب ۽ فيلسوفيون

اهائي خاص ڳالهه آهي جنهن ۾ سنت مت سيڏي مٿن مٽائترن کان نرالو آهي.

سنت، جن پاڻ انهيءَ رستي تي سفر ڪيو آهي، سي ان جي مفيد ۽ ڪارگر هجڻ جي باري ۾ ڪا غلطي نٿا ڪري سگهن. هو پنهنجن شش کي ساڳيو پاڻ وارو طريقو سيکارين ٿا، جيئن آهي به ساڳيو ئي ڦل حاصل ڪري سگهن ۽ ساڳيءَ طرح پرماڻڪ ڏيکاءَ (Demonstration) ڪري سگهن. تنهن ڪري سنت مت هڪ پورڻ سائنس آهي. هڪ وڏي سنت، انهيءَ کي "آتما کي سندس اپائيندڙ سان ڳنڍڻ (ملائڻ) جي سائنس" ڪري ڪوٺيو آهي. هن سائنس جو تت ۽ "سار وچن" جو لاڀرج هيٺ ڏجي ٿو.

١. انسان ذات تمام بريءَ طرح من ۽ مايا جي جار ۾ ڦاٿل آهي جنهن مان هو پاڻ کي ڇڏائي ۽ بچي نٿو سگهي. هو پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ فقط ڪشمڪش ڪري سگهي ٿو، پر اها ڪشمڪش اڪثر سندس حالت پهرانءَ کان به بدتر ڪيو ڇڏي. ڌرمي ڪرياڻون، گرنٿ ۽ پستڪ، تيرٿ ياترائون ۽ عبادتون ڪيس انهيءَ جار مان ڇڏائي نٿيون سگهن، ويندي دان پنج جا نيڪ ڪم به ڪيس بچائي نٿا سگهن. هيءُ پنهنجي سر ڪا به اهڙي ڳالهه نٿو ڪري سگهي جنهن مان سندس ڇوٽڪارو ٿئي. تنهن کان سواءِ هن کي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته خود مالڪ به سڌيءَ طرح سان ڪيس بچائي نٿو سگهي. مالڪ انهيءَ مقصد (مڪتي) لاءِ هڪ ئي طريقو مقرر ڪيو آهي. انهيءَ اشوري ۽ قدرتي طريقي جي عيوض ٻيو ڪو به طريقو ڪونهي اها ڳالهه چڱيءَ طرح محسوس ڪرڻ گهرجي ته انساني آتما انهيءَ باري ۾ لاچار ۽ بيوس آهي. اهو سڀ ڪجهه اسان کي سنت مت جي ٻيءَ مکيه ڳالهه تي آڻي ٿو، جا آهي، **وقت جي ديهه ڌاري ستگور جي ضرورت.**

پنھنجي حاصل ڀاڻ ڀڳاڙي. هڪ قوم زوال کي پهچي ٿي ته وڃي
پر انهيءَ قوم جا واڪتي (Individuals) انهيءَ ۾ ڪجهه وقت
لاءِ ترقي ڪن ٿا ۽ وري غائب ٿي پورڻتا کي پهچڻ لاءِ وري
ٻين دنيائن ۾ ترقي ڪري سگهن ٿا. ڪن قوم جا
واڪتي (Individuals) پورڻتا کي حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن
هيٺين درجي جي جيوت سان مٿي اڀرن ٿا تڏهن اهو
ضروري ناهي ته ساڳي راش جا قوم ۾ واپس پيدا ٿين.
انهن کي اڳتي وڌڻو پوي ٿو جتي سڌارن ڪرڻ آدرسار
سڌارن وڌڻ ضروري آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن به قوم ٻالڪ
جهڙيءَ دنيا کي پنهنجو ٻالپڻ، جواني ۽ زوال ۾ ٿئي ٿو اهڙيءَ
طرح انسان ۾ پڻ آهي. اهو وڪاس جي قانون خلاف ڪونهي.
سچ پچ ته اهي عرصا قومن ۽ دنيائن لاءِ اهڙائي ضروري
آهن جهڙا واڪتين (Individuals) لاءِ. هڪ دنيا جي انهيءَ
ڪري ناستي يا پرلئه ٿئي ٿي، جيئن ٻيءَ جو جنم ٿئي. انهن
تيڻ سان، اتي جي رهواسين کي پورڻتا حاصل ڪرڻ لاءِ
ليون ۽ بهتر حالتون ملن ٿيون. انهن ڪري اهو طرائو
(پرلئه ۽ اپتيءَ جو) اي انت وقت لاءِ هلندو ايندو، جيستائين
هر هڪ انسان پنهنجي نج گهر ۾ نه پهتو آهي. انهن هئڻ سان
ئي هن وڪاس جي وڏي رٿا جو اعليٰ مقصد ۽ مراد پوري
ٿيندي.

هاڻ باقي اها ڳالهه رهي ته سلت مت جو مکيه سڌانت
ڪهڙو آهي ۽ سلت انسان جي مڪتيءَ لاءِ ڪهڙو طريقو
سيکارين ٿا. اها ڳالهه خاص طرح سان ڌيان ۾ رکڻ
گهرجي ته سنتن جي سکيا شخصي تجربي ۽
پرماڻڪ ڏيکاءُ (Demonstration) تي ٻڌل آهي. ڏکي
ٿيندي کي سلت مت ۾ ڪاٻه جاءِ ڪانهي.

اهڙي خاص ڳالهه آهي جنهن ۾ سنت مت سڀني مٿن مقابلن کان نرالو آهي.

سنت، جن پاڻ انهيءَ رستي تي سفر ڪيو آهي، سي ان جي مفيد ۽ ڪارگر هجڻ جي باري ۾ ڪا غلطي نٿا ڪري سگهن. هو پنهنجن شش کي ساڳيو پاڻ وارو طريقو سيکارين ٿا، جيئن اهي به ساڳيو ئي ڦل حاصل ڪري سگهن ۽ ساڳيءَ طرح پرماڻڪ ڏيکاءُ (Demonstration) ڪري سگهن. تنهن ڪري سنت مت هڪ پورڻ سائنس آهي. هڪ وڏي سنت، انهيءَ کي "آتما کي سڌس اُپائيندڙ سان ڳنڍڻ (ملائڻ) جي سائنس" ڪري ڪوٺيو آهي. هن سائنس جو تت ۽ "سار وچن" جو تاپرج هيٺ ڏجي ٿو.

١. انسان ذات تمام برِيءَ طرح من ۽ مايا جي جار ۾ ڦاٿل آهي جنهن مان هو پاڻ کي ڇڏائي ۽ بچي نٿو سگهي. هو پاڻ کي ڇڏائڻ لاءِ فقط ڪشمڪش ڪري سگهي ٿو، پر اها ڪشمڪش اڪثر سندس حالت پهرانءَ کان به بدتر ڪيو ڇڏي. ڌرمي ڪرياؤن، گرنٿ ۽ پستڪ، ليرٿ ياترائون ۽ عبادتون ڪيس انهيءَ جار مان ڇڏائي نٿيون سگهن، وسندي دان پڄ جا نيڪ ڪم به ڪيس بچائي نٿا سگهن. هيءُ پنهنجي سر ڪا به اهڙي ڳالهه نٿو ڪري سگهي جنهن مان سندس ڇوٽڪارو ٿئي. تنهن کان سواءِ هن کي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته خود مالڪ به سڌيءَ طرح سان کيس بچائي نه ٿو سگهي. مالڪ انهيءَ مقصد (مڪتي) لاءِ هڪ ئي طريقو مقرر ڪيو آهي. اهيءَ اشوري ۽ قدرتي طريقي جي عيوض ٻيو ڪو به طريقو ڪونهي اها ڳالهه چڱيءَ طرح محسوس ڪرڻ گهرجي ته انساني آتما انهيءَ باري ۾ لاچار ۽ بيوس آهي.

اهو سڀ ڪجهه اسان کي سنت مت جي ٻيءَ مکيه ڳالهه تي آڻي ٿو، جا آهي، **وقت جي ديهه ڌاري ستگور جي ضرورت.**

پنهنجي حالت ٻارڻ ٻگاڙي. هڪ قوم زوال ڪي پهچي ۽ وڃي پر انهيءَ قوم جا ولڪتي (Individuals) انهيءَ ۾ ڪجهه وقت لاءِ پرگهٽ ٿي ۽ وري غائب ٿي پورڻتا کي پهچڻ لاءِ وري ٻين دنيائن ۾ پرگهٽ ٿي سگهن ٿا. ڪنهن قوم جا ولڪتي (Individuals) پورڻتا کي حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن هيٺين درجي جي جيوت مان مٿي اچن ٿا تڏهن اهو ضروري ناهي ته ساڳئي ديش يا قوم ۾ واپس پيدا ٿين. انهن کي اڳتي وڌڻ لاءِ ٻي ٻوڙي نئين سنڌن ڪرڻ انوسار سنڌن وڃڻ ضروري آهي. جهڙيءَ طرح ڪنهن به قوم ۽ ڪ سڄيءَ دنيا کي پنهنجو ٻالپڻ، جواني ۽ زوال ۽ ٿئي ٿو اهڙيءَ طرح اِنسان ۾ پڻ آهي. اهو وڪاس جي قانون خلاف ڪونهي. سچ پچ ته اهي عرصا قومن ۽ دنيائن لاءِ اهڙائي ضروري آهن جهڙا ولڪتين (Individuals) لاءِ. هڪ دنيا جي انهيءَ ڪري ناستي يا پرلئه ٿئي ٿي، جيئن ٻيءَ جو جنم ٿئي. انهن ٽيڻ سان، اتي جي رهواسين کي پورڻتا حاصل ڪرڻ لاءِ نيون ۽ بهتر حالتون ملن ٿيون. تنهن ڪري اهو طريقو (پرلئه ۽ اُتپتيءَ جو) ٻي انت وقت لاءِ هلندو ايندو، جيستائين هرهڪ اِنسان پنهنجي نج گهر ۾ نه پهتو آهي. انهن هٿڻ سان ئي هن وڪاس جي وڏي رٿا جو اعليٰ مقصد ۽ مراد پوري ٿيندي.

هاڻ باقي اها ڳالهه رهي ته سنت مت جو مکيه سدانت ڪهڙو آهي ۽ سنت اِنسان جي مڪتيءَ لاءِ ڪهڙو طريقو سيکارين ٿا. اها ڳالهه خاص طرح سان ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته سنتن جي سکيا شخصي تجربي ۽ پرماڻڪ ڏيکاءُ (Demonstration) تي ٻڌل آهي. ڏکي ٻازي ۽ عقيدي کي سنت مت ۾ ڪابه جاءِ ڪانهي.

عام طرح قبول ڪيل ”وڪاس واد“ يعني (Theory of Evolution) جي ورڻ سمجهي مذهبي پورن نہ هئڻڪي هي ٻہ ڳالهيون خيال ۾ رکڻ کپن.

١. هي مت، انهيءَ وڪاس واد جي خلاف ڪونهي پر سنت مت انهيءَ قانون کي اُنساهين ۽ ڪشاديءَ درشٽيءَ کان ڏسي ٿو. مثال طور هي مت انساني تاريخ کي ڪروڙن سالن کان نهاري ٿو پر سائنسدان هن کي فقط ڪي هزار سال قديم سمجهن ٿا. هو انسان ذات جي انهن اُي حصن جي سمجهاڻي ڏئي ٿا جن جا ڪي قديم نمونا ۽ نشان رهجي ويا آهن. جڏهين قديم قومون نابود ٿين ٿيون تڏهن نين حالتن سبب نيون قومون پيدا ٿين ٿيون، جي انهيءَ ساڳئي وڪاس جي قانون (Law of Evolution) انوسار ڪنهن وقت لاءِ سڀيتا جي اوچ اوستا تي پهچن ٿيون. جنهن کان پوءِ وري نيون سڀيتائون پيدا ٿين ٿيون ۽ ائين ٿيندو اُي رهيتو. اهو چڪر سنتجڳ کان وٺي ڪروڙن سال هلندو آيو آهي. هيءَ سڀيتائن جي اوت ۽ موت ۽ قومن جو ڪمال ۽ زوال ۽ انسان ذات جي ڪيترن حصن جي ترقي ۽ گراوٽ؛ اها ليلا سائنسدانن جي محدود نظر ۾ نہ اچي سگهي آهي. پر انهيءَ ۾ هنن جو ڏوهہ بہ ڪونهي.

٢. اهو خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ وڪاس (Evolution) قدرت جي طرفئي ڏانهن اشارو ڪرائي. اهو قدرت جو طرفئو انسان ۽ ٻين جاندارن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو طرفئو آهي. جيتوڻيڪ اها وڪاس جي سکيا قومن ۽ دنيا جي جهڪاو (Decline) ڏانهن اشارو ڪري ٿي پر اها ڳالهہ وئڪتين (Individuals) سان لاڳو ڪونهي انهيءَ وڪاس جي طرفئي جو مقصد وئڪتيءَ (Individual) جي پورڻتا (Perfection) آهي. وئڪتي (Individual) نشو ڪري، جيستائين ڪ

برھمانڊ جي پيٽ ۾ ھي مادي وارئون سرشٽيون ۽ دنيائون (Physical Universes and Worlds) ڪڙين تبديلن جي گھيري اندر آھن ۽ مڃجون جلدي جلدي برلجي اچي ٿي. ھنن جي ھستيءَ جو مدو برھمانڊ جي ھستيءَ جي مدي کان گھٽو گھٽ آھي. ھنن جو آيو چڪر (Life Cycle) برھمانڊ جي آيو چڪر کان بلڪل ننڍو آھي ۽ جڏھن اھو پورو ٿيندو تڏھن ھنن جو پورڻ خاتمو (Complete Dissolution) ٿئي ٿو. اھڙن ڪانپوءِ وري نئي اُڀتي ٿئي ٿي. جنھن ۾ ڦرڦار حالت ڪري، جيون بھتر ٿيندي آھي. اسانکي معلوم آھي ته ھي استان دائمي تبديل ۽ اٿپوراٿن سان ڀريل آھي. آڪاش ۾ جيڪي بي انداز گرھ ۽ دنيائون آھن انھن سڀني ۾ اھائي حالت آھي.

انھن ھيٺين دنيا جي رھواسين لاءِ چونڪاري جو ڪوبه آسرو نه ھجي ھا پر ھڪ ڳالھ آھي. اسانجي پرم پتا اسان کي وساري ڪونه ڇڏيو آھي، جيتوٽيڪ اسين کيس وساري ويٺا آھيون. ھو اسان کي ھن دنيا ۾ انھيءَ مراد سان موڪليو آھي ته اسين پنھنجون اوڻايون ڪيدي پاڻ کي نيڪ ۽ نرمل ڪريون. آئين ڪرڻ ڪانپوءِ ھو اسان جي واپس موٽي وڃڻ جي انتظار ۾ رھي ٿو. انھيءَ واپسيءَ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ھو پنھنجا پيارا پٽ ھت موڪلي ٿو، جن کي اسين سنت ڪوٺيون ٿا. دنيا ڪڏھن به سنتن کان خالي ڪونھي سنتن مقصد (Mission) اھوئي ھوندو آھي ته ھو اسانکي واپس پنھنجي گھر وٺي ھلن. جيڪي جيڪي سنتن شرن وٺن ٿا، اھي جنم مرڻ جي چڪر کان بچي وڃن ٿا.

ھن ڪتاب ”سار وچن“ جو رچيندڙ به اھڙن سنتن مان ھڪ ھو. پيا به اھڙا ٿي سنت ھن وقت اھو موڪش جو ڪاربه ڪري رھيا آھن.

جيڪڏھن ڪي اڄ ڪلھ جا پڙھيل، ھنن ڳالھين کي،

۽ اچي وڃي ٿي اهي سڀ هن پنڊ ديش ۾ آهن. اسانجي دنيا جي آڪاش ودِيا جي ڄاڻن (Astronomers) کي، جن کي بي انداز گرهن ۽ دنيائن جي ڄاڻ آهي، اهي سڀ هن پنڊ ديش جو هڪ تمام ننڍو حصو آهن. سڄو پنڊ ديش وري برهمانڊ ديش جي آسمان ۾ هڪ ننڍڙو بادل آهي. اهي سڀ مادي واڌارون سرشٽيون (Physical Universes) برهمانڊ جي چوگرد هڪ ئي انت سرگس وانگر ڦري رهيون آهن ۽ برهمانڊ جي سهاري ئي لڳي رهيون آهن. برهمانڊ وري ست ديش جي آڌار تي هلي رهيو آهي.

پڙهندڙ کي سنت مت يا راڌا سوامي مت جون سکيائون سولائيءَ سان سمجهه ۾ اينديون جيڪڏهن هو اها ڳالهه ذهن ۾ رکندو ته سڄي رچنا جي اُتپتي، انتظام ۽ پرورش آتمڪ شڪتين جي سنڀال هيٺ آهن جن جا جدا جدا درجا آهن ۽ جن کي جدا جدا اختيارون آهن. اهوئي سبب آهي جو سنتن جي سکيائن ۾ ڪيترن هنڌ جدا جدا استانن جي مالڪن يا ڌڻين جا نالا ۽ بيان اچن ٿا. انهن مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي استان جو شڪتي ڪيندر يا طاقت جو مرڪز (Power-house) آهي ۽ انهيءَ سڄي استان کي چيتن شڪتي پهچائي ٿو. اهي سڀ ست پرش جي مرضيءَ ۽ حڪم انوسار ڪاروبار هلائي رهيا آهن. اها شڪتي جنهنکي عام طرح ڪال (Negative Power) يا برهمنڊي من يا (Universal Mind) چئجي ٿو سا محدود اختيارن سان، ڏسوان دوار کان هيٺ جيڪا رچنا آهي، انهيءَ کي هلائي رهي آهي. هيءَ شڪتي پڻ ست پرش مان اُتپن ٿي آهي ۽ پنهنجي استان ۾ انهيءَ ست پرش جي اِڇا انوسار ڪاروبار هلائي ٿي. ست پرش يا ست نام ئي ديال شڪتي (Positive Power) آهي، جنهنجو استان سچ کنڊ آهي.

نت سک ۽ آنند ۾ رهن ٿا. هت موت
(Death) جو نشان به ڪونهي. هن دنيا
ي جنهن دنيا جي آئيني يا پيدائش
هنجي مٿاري لڳي رهيا آهن.

هي ٻيو وڏو دنيا آهي. هن کي
ينوٽيڪ هي گهٽي ڀاڱي چمڪنا جو دنيا
دو (Refined Matter) ملاوت ٿيل آهي.
ي سک ۾ رهن ٿا جو اسانجي سمجهه
موت جي دائري کان ٻاهر ناهن، جيئن
آهن. هنن جي عمر تمام وڏي ٿيندي
گهٽي عرصي کانپوءِ مها پرلئه ٿيندي
جي آئيني کان اڳ واري اوستا
کي پهچندو آهي ته هن هنن جي حياتي
جو نمونو ڪجهه ڪجهه هن دنيا جي
سرڳن جو دنيا آهي ۽ موجوده مذهبن
۽ بهشت هن ۾ آهن. هي اتر وڏو ۽
اسين ڪلپنا به نه ڪري سگهون ٿا
ت ۾ بلڪل ننڍو آهي.
ي استان يا دنيا چوندا آهن ۾ حقيقت
ٿين دنيا جو هڪ حصو آهي.

هي. هن ۾ مادو (Matter) تمام گهٽو
اتري ترقي آهي جو هن جي حالتن
ل ضروري آهي ڇاڪاڻ ته سڀ جيوت
) لي آهي. هت مادي جو زور گهٽو

ڪتاب پڙهي وچڻ ڪانپوءِ به اهو نه سمجهي سگهن ته هي سڀ ڪجهه ڇا بابت هو! تنهن ڪري هن مهاڳ ۾ هن سڄي ڪتاب جو سار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيئن پڙهندڙ جو من سمجهڻ لاءِ تيار ٿئي. پر انديشو آهي ته اها سمجهاڻي به اڻ پوري هجي ۽ اهڙي ڇٽي نه هجي جهڙي هئڻ گهرجي. اميد ته اها ڳالهه محسوس ڪئي ويندي ته ايڏي وڏي سنت مت جي سائنس جنهن ۾ سڀ ڪجهه اچي وڃي ٿو، تنهن جو تت هن ٿورڙن جملن ۾ قلمبند ڪرڻ ڪيترو نه مشڪل آهي. تنهن هوندي به ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ آشا آهي ته هن آد سچ جي ڪجهه قدر جهلڪ پڙهندڙ کي نظر ايندي.

جيتوڻيڪ سنت مت جي سکيا هن زماني جي سڀني مذهبن کان اڳيرو وڃي ٿي پر انهي جي بنيادي سکيائن ۾ ڪو به اختلاف ڪونهي. پڙهندڙ کي چتائي ته ساوڌان رهي جيئن ڪو پراڻو عقيدو يا سنسڪار سندس من کي ڪرج ۾ رنڊڪ نه ٿئي. سنت مت ڪجهه به ڇڏائي نٿو پر جيڪي اڳيئي آهي ان کان وڏيڪ سيکاري ٿو. پوءِ ڇاهي جگياسو ڪير به هجي ۽ ڪهڙي به مت يا ڌرم جو هجي. ان ڳالهه جو ڪو به فکر ڪونهي.

سنت مت موجب سرشٽيءَ جي سڄي رچنا هيٺين ٽن حصن ۾ ورهايل آهي.

١. ست ديش

هن ديش کي ديال ديش به چئجي ٿو. هي ديش اوچي ۾ اوچو، وڏي ۾ وڏو ۽ پورڻ ۾ پورڻ ديش آهي. هيءُ نج چيتنتا (Pure Spirit) جو ديش آهي جنهن ۾ ذري به مادي (Matter) جي ملاوٽ ڪونهي. هتي پرڪاش ئي پرڪاش آهي. هي ست پرش ۽ اپارٿهار جو استان آهي. هتي بي انداز

استان مان، ڏاڍو وڏي هڪ ننڍڙي شهر تي ٻڌو آهي جتي سڀ غريب چاهي امير، پڙهيل لوڙي اڻ پڙهيل بنا ڪنهن ذات پات ۽ رنگ ڀيد جي "سنت مت" جو سنديش ٻڌڻ ۽ نام جي بخشش لاءِ اچن ٿا.

مواڳهه (ڀاڳو ٻهون)

سدانت ۽ سمجهاڻي


هيءَ سار وچن، سوامي جي مهاراج جن جي ستسنگين کان ورتل نوٽن تي ٻڌل آهي. اهي ستسنگ ۽ هڪ ٿي وقت ڪيل آهن ۽ نه ساڳين ٻڌندڙن اڳيان ڪيل آهن. تنهن ڪري ڪي ڳالهيون وري وري دهرايل نظر اينديون. اهو جيتوڻيڪ ساهتڪ نقطي نظر کان غير ضروري آهي پر پڙهندڙ لاءِ مطلب کانسواءِ ڪونهي. ڪابه اهم حقيقت يا سدانت، خاص ڪري جو پڙهندڙ لاءِ نئون آهي اهو وري وري انهي واسطي دهرايو ويندو آهي جيئن پڙهندڙ کي چڱي طرح ذهن نشين ٿئي. تنهن ڪري آشا ڪجي ٿي ته هيءَ ڪتاب ساهتڪ وندر جي خيال کان نه، پر پرم ستيه کي ڳولهي لهڻ جي مراد سان پڙهيو ويندو.

هيءَ انهن ڪتابن مان نه آهي جي ڪنهن خيال، ڪلپنا يا عقيدي تي ٻڌل آهن، پر هڪ پرم سنت ستگور جا وچن آهن جن جو بنياد نج حقيقت ۽ انڀو تي ٻڌل آهي. سنت اهوئي چوندا آهن جو پاڻ ڏٺو اٿن، ٻڌو اٿن، ۽ ڄاڻن سچ آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪي ڳالهيون عام ماڻهوءَ لاءِ اڻ ٻڌيون نيون ۽ عجب ۾ وجهندڙ آهن جو شايد پڙهندڙ لاءِ انهن جو اونهو مطلب پڪڙڻ سمجهڻ البت ڏکيو ٿئي. جيڪي انهن جي سمجهاڻي کولي نه لکي ويندي ته شايد ڪي

سنت مت ۾ هـو ڪهڙيءَ طرح آيا، اهو واقعو هت ڏيڻ مناسب آهي. هوُ گهڻي وقت کان ونـي پوري سنگور جي کوج ۾ هئا. هـن گرنـت صاحب وغيره جو تمام گهڻي چاه سان ابياس ڪيو هـو ۽ اَنـدران روشني حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻن ئي سادن ۽ مهاتمائن وٽ ويا هئا. آخر جڏهن هو مري پهاڙ تي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي هئا تڏهن بابا جئمل سنگهه جن، جـي انهيءَ وقـت پنهنجي روحانيت جي ڪري پرسد هئا، سي مري پهاڙ تي آيا. هڪ ڏينهن بابا جئمل سنگهه جن رستي تي ويندي پنهنجي هڪ شيوڪ کي چيو، ”هي جيڪو آفيسر وڃي رهيو آهـي، اسين انهيءَ کي نـام ڏيـڻ واسطي هتي آيا آهيون.“ اهو اشارو سردار ساون سنگهه جن ڏانـهن هو، جي انـوقت اتان لنگهي رهيا هئا. تنـهن تـي انهيءَ شيوڪ بابا جئمل سنگهه جن کـي چيو، ”اِئين ڪيئن ٿيندو، جڏهن اهو ماڻهو تـوهان ڏانهن نهاري به ڪونه ٿو؟“ پر بابا جئمل سنگهه جن وراڻيو، ”هوُ اڄ کان چوٿين ڏينهن اسان وٽ ايندو.“ ائين ئي ٿيو. انهيءَ کان بـرابر چوٿين ڏينهن ساون سنگهه صاحب جن، اهو ٻـڌي تـہ هڪ مهاتما ستسنگ ڪرڻ آيـو آهي، سنـدن درشن ڪرڻ ۽ ستسنگ ٻڌڻ لاءِ آئي آيـا. انهيءَ وقت کان وٺي هو بابا جي مهاراج جن ڏانهن کڇجي ويا. ڪجهه سالن روح رهائڻ بعد بابا جي مهاراج جن ١٥ آڪٽوبر سنہ ١٨٩٤ع تي کين نام جي بخشش ڪئي. جنهن ڏانهوره هو دل وجان سان پنهنجي ستگور جي ڪارـہ ۾ لڳي ويا ۽ کين ئي بابا جئمل سنگهه جن، جون ١٩٠٣ع ۾ بياس جو سچو ڪارـہ سونپيو ۽ ايندڙ ڊسمبر ۾ جڏهن پاڻ جوتي جوت سمايا تڏهن بابا ساون سنگهه جن هـي وڏو ڪارـہ پنجاب ۾ هلائيندا رهيا.

سنـدن نگهبانـيءَ ۽ انتظام هيٺ، هڪ ننڍڙي ويران





حضور مہاراج بابا ساون سنگھ جی

۾ رهي ۱۸۹۱ ۾ بياس ۾ آيا ۽ ستسنگ شروع ڪيائون. انهيءَ وقت ڏيرو هڪ بلڪل ننڍڙو استان هو جنهن کي اونهاري جي سورج جي تپش ۽ سياري جي سرد هوائن کان ڪو بچاءُ نه هو. بابا جيمل سنگهه جن آئينده ڏيري جو استان، امرتسر ضلعي ۾ بياس نديءَ جي ڪناري تي، بياس ريلوي اسٽيشن کان ٽي ميل پري چونڊيو. اهو استان اڄ لکين ستسنگين لاءِ پوتر استان آهي. اهڙيءَ طرح بابا جيمل سنگهه جن پنجاب ۾ هن ڪارڻ کي استاپن ڪيو ۽ ۱۱ ورهيه اهو ڪارڻ هلائيندا رهيا، جنهن بعد هنن سردار ساون سنگهه جن کي، پنهنجي چولي ڇڏڻ کان اٺ مهنا اڳ، پنهنجو جانشين مقرر ڪيو ۽ ۲۹ ڊسمبر ۱۹۰۳ع تي پنهنجو چولو ڇڏيو.

سردار ساون سنگهه مهاراج صاحب

سندن جنم ۲۷ جولاءِ ۱۸۵۸ع ۾ مهماسنگهه والا ڳوٺ، ضلع لڌيانه پنجاب ۾ ٿيو. پنهنجي ٻاري ۾ ڪو سربستو بيان ڏيڻ لاءِ هنن جي منع ٿيل آهي. تنهن ڪري گهڻو ڪجهه جيڪي هت چوڻو هو انهن کي ڇڏڻو پوي ٿو. ٿامسن سول انجنيئرنگ ڪاليج، روڙڪي، يو-پيءَ ۾ تعليم وٺڻ بعد هو سرڪاري نوڪريءَ (ملٽري انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ) ۾ گهڙيا. سندن پتا چوڏهين سک رجيمينٽ ۾ ڪميشنڊ آفيسر هئا. پنهنجي پتا جي چالائي بعد هو به انهيءَ رجيمينٽ ۾ شامل ٿيا ۽ ٽن سالن اندر کين ڪميشن جو عهدو مليو. پنهنجي ڪاليج جي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ انهيءَ رجيمينٽ ۾ واپس آيا ۽ ملٽريءَ جي انجنيري ڪالي ۾ موڪليا ويا، جتي هنن ۲۸ ورهيه ڪم ڪيو ۽ ۱۹۱۱ ۾ پينشن ورتائون. انهيءَ وقت کان وٺي هنن پنهنجي سڄي زندگي سنت مت جي ڪارڻ ۾ ارپڻ ڪئي.

وراڻيو، ”جي توکي انهيءَ ڳالهه جي ثابتي کپي ته ٻانهن
واهه ۽ اکيون ٻوٽ.“ ائين چئي سوامي جن هنن جي سرت ڪ
ڪينچي دسوان دوار ڏانهن وٺي ويا ۽ اهو سچو وقت ستگ
جو سروپ بابا جيمل سنگهه جن سان گڏ هو. پوءِ وري سند
سرت کي واپس سرلو ۾ آندائون. ان بعد باباجي مهاراج ج
چيو، ”توهان پنهنجي ديا سان مونکي مايا جي استان مار
ڪڍي آيا آهيو، هاڻ مٿين استان تي وڃڻ سولو آهي. هاڻي
مونکي ڪرپا ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي پورڻ استان تي وڃي
ايڀاس ڪريان؟“ تنهن تي سوامي جن مشڪيو ۽ وراڻيو،
”جيڪڏهن تون تياڳيءَ جي جيون ڪاٽيندين ته پنهنجي
گذران لاءِ ٻين تي ٻاڙهو پوندءِ ائين ڪرڻ سان تنهنجي ڀڄن
تي اثر پوندو. تنهن ڪري بهتر ٿيندو ته تون پاڻ ڪمائي،
کاءِ.“ باباجي جن چيو، ”مان ڪڙمي گهر مان آهيان ۽
جي کيتي ڪري گذران ڪندس ته مونکي شادي ڪرڻي
پوندي ۽ شادي ڪرڻ تي منهنجي مرضي ناهي.“ تنهن تي
سوامي جن وراڻيو، ”فوج ۾ ڀرتي ٿيءُ.“ سو هو ۱۴ جولاءِ
۱۸۵۷ ۾ ۲۴ پنجابي رجيمينٽ ۾ ڀرتي ٿيا. هنن لاءِ ائين چيو
ويندو آهي ته ڏينهن جو سرگرم ڊيوٽيءَ ۾ هوندي به ڪيترن
ئي موقعن تي ڪين سڄي رات ڀڄن ايڀاس ۾ وقت ڏنو ويندو
هو ۽ جڏهن بياس ۾ موٽي آيا، تڏهن ڏينهن ۽ رات جو گهڻو
وقت ڀڄن ايڀاس ۾ گذاريندا هئا. جڏهن هو وڏيءَ موڪل
(Furlough) تي بياس ايندا هئا ته سڪل ماني پاڻيءَ ۾ ڀڄائي
کائي، وري پنهنجي ڀڄن ۾ لڳي ويندا هئا. ۳۴ ورهين
جي نوڪريءَ کان پوءِ (سندن ٽي ورهيه ليکي ۾ نه آندا ويا
ڇاڪاڻ ته فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ وقت پوريءَ عمر کان سندن عمر
ٽي ورهيه گهٽ هئي) هنن رٽائر ڪيو ۽ ۱۸ آگسٽ ۱۸۸۹ تي
کين پينشن ملي. ان بعد ڪجهه وقت پنهنجي گهر ۽ ڏاراپوال

جو ستسنگ ٻڌندا رهيا پر ڪنهن مان بہ ڪين پنهنجن شبدن
جي ڀيد جو پتو نہ پيو. آخر ڪين هڪ ساڌوءَ جو ڏس مليو،
جيڪو بلڪل ڏورانهين جهنگل ۾ رهندو هو. هو انهيءَ وٽ
ويا. انهيءَ ساڌوءَ کين چيو تہ هن جهنگل ۾ رهڻ ڏاڍو خطرناڪ
آهي ڇاڪاڻ تہ هت چيتا ۽ رڇ رهن ٿا. تنهن تي هنن جواب
ڏنو، ”اهي جهنگلي جانور جيڪڏهن توهان کي ڪو نقصان
ٿا رسائين تہ مونکي ڇو رسائيندا؟“ تنهن تي ساڌو ڏاڍو خوش
ٿيو ۽ آخر کين ٻڌايائين، ”هن وقت آگري ۾ هڪ پورن مهاتما
رهي ٿو، تون انهيءَ وٽ وڃ ۽ هو توکي پنهنجن شبدن جو ڀيد
ٻڌائي سگهندو.“ اهو ٻڌي بابا جيمل سنگهہ جن نهايت خوش
ٿيا ۽ پنهنجي مسئلي حل ڪرڻ جي اميد ۾ آگري روانا ٿيا.
انهيءَ مهاتما کي ڳولڻ ۾ کين تڪليف ٿي، پر آخر هڪ
ڏينهن هو جمنا جي ڪناري تي ويٺا هئا تہ ٻن ماڻهن جمنا ۾
اشنان ڪندي انهيءَ وڏي مهاتما جي ستسنگ جي ڳالهہ ٻولهہ
ٿي ڪئي ۽ اها گفتگو سندن ڪن تي پيئي. ڪالهہ انهيءَ
مهاتما جو ڏس پڇي اتي وڃي پهتا. اهڙي طرح سندن لمبي
کوج پوري ٿي.

ڪجهہ وقت اتي ستسنگ ۾ رهڻ کان پوءِ سوامي جن
کين نام جي بخشش ڪئي. انهيءَ مهل کان وٺي هو پنهنجو
سڄو وقت پنهنجن اڀياس ۾ گذارڻ لڳا. جنهن ڪري هنن ڇڱي
ترقي ڪئي. هڪ ڏينهن سوامي جن، بابا جيمل سنگهہ جن کان
پڇيو، ”هي رستو نيڪ گرو نانڪ صاحب جن جهڙو آهي يا نہ؟“
هنن ورائيو، رستو نيڪ آهي پر مٿي وڃڻ جي خواهش
هوندي بہ منهنجي آتما کي رڪاوٽ ٿئي ٿي.“ تنهن تي
سوامي جن فرمايو، ”اڀياس تنهنجو اڳيٽي ڪچو آهي، اها
رڪاوٽ رڳو مٿاڇري آهي.“ بابا جيمل سنگهہ جن پڇيو،
”ڪيئن ڇاڪاڻ تہ منهنجو اڀياس اڳيٽي تيل آهي؟“ سوامي جن

حضور بابا جئمل سنگهہ جي مهاراج

حضور بابا جئمل سنگهہ جن، سوامي جن جي پرمکي شيوکن مان هڪ هئا. سندن جنم جولاء ۱۸۳۹ ۾ ٿيو. سندن پتا جو نالو سردار جوڌ سنگهہ ۽ سندن ماتا جو نالو شرامتي دیا ڪؤر هو. هو جڏهن اڃا ستن ورهين جا ٻالڪ هئا تڏهن بابا کيمداس، جي ويدانتي ۽ چڱا مهاتما هئا، تن وٽ گورمکي پڙهيا. هن نيڪ مهاتما جي سنگت جي اثر هيٺ اچي ۽ ستگورن جي باڻي پڙهي، بابا جئمل سنگهہ جن کي آتمڪ اپياس لاء گهڻي چاهنا جاڳي. انتري قدر، جو انهيءَ وقت هنن اندر ۾ ڪجهہ آتمڪ روشني به ڏٺي. گرنٿ صاحب جو اپياس ڪندي هنن اُن ۾ پنجن شبدن جو ذڪر ٿيل ڏٺو، جي پنج شبد هر ڪنهن انسان اندر هر وقت وڄي رهيا آهن ۽ پوري اپياس سان ٻڌي سگهجن ٿا. هنن انهيءَ بنسبت پنهنجي متر بابا کيمداس جن سان ڳالهہ ڪئي، پر هو انهيءَ ڏسي ڪابه روشني وجهي نه سگهيا. اڃا ننڍا ئي هئا ته پنجن شبدن جي ڀيد کي جاڻڻ لاء ديس جي ڪيترن ئي مهاتمائن وٽ ڪهي ويا، پر ڪير به کين اهو ڀيد ٻڌائي نه سگهيو. آخر هڪ مهاتما، جو گرنٿ صاحب جو اپياسي هو، سو هنن سان شامل راءِ ٿيو، ته انسان جي اندر پنج شبد وڄي رهيا آهن. پر هن کي فقط ٻن شبدن جو ڀيد معلوم هو، باقي ٽن جي ٻاري ۾ هو سندن مدد ڪري نه سگهيو. اهڙيءَ طرح هنن ٻين به ڪيترن ساڌو مهاتمائن کان پڇا ڳاڇا ڪئي پر ورايو ڪجهہ به نه. آخر هو گهر واپس موٽي آيا. انهيءَ وقت سندن عمر سورهن سال هئي. جڏهن هو پنجاب مان اپاس پهتا تڏهن هنن کي هڪ ساڌن جي ٽولي گڏي، جا رشي ڪيش وڃي رهي هئي. هي پڻ انهيءَ ٽوليءَ سان رشي ڪيش روانا ٿيا. اتي به هو، سچو وقت پنجن شبدن جي ڀيد جي ڳولا ۾ اڳاتار هر ڪنهن مهاتما

ڪي ورڻ انهيءَ ۾ بائيبل ۾ انهيءَ ڪي ورڻ
ي ڪيل آهي، بائيبل ۾ انهيءَ ڪي ورڻ
و آهي ۽ هندستان جي ڄاڻوڪن سنتن انهيءَ
و ڪيو آهي. پر خاص ڳالهه، جا سوامي جن
ي ٻلي الهه ڪئي، سا اها هئي جو هنن بلڪل
ي ٻلي اهڙيءَ جو اپياس سيڪاريو ۽ اهڙيءَ
لهوني ۾ شبد ڌوڪ جو اپياس سيکاريو ۽ اهڙيءَ
ب جو اماوس الاپ هر ڪنهن جي پهچ اندر آندو.
ان سوامي جن پراچين لوڪ اپياس ڪي غير وقت
ي ڪري ڇڏيو. سوامي جن جي بتايل لهولي
ر اپياس ڪرڻ سان، نه فقط پراچين لوڪ اپياس
ب شبدڪ کي پراپت ٿين ٿا، پر سولائيءَ، سلامتي
سان اهو اپياس شبدڪ کي انهن منزلن تي وٺيو
ي پراچين لوڪن جي خواب ۾ به نه آيون هونديون.
ب جو اپياس ليسري ٿل يا ٽين اک، جا هنن اکين
آهي (The Pineal Gland) اُن ٿان شروع ٿئي ٿو ۽ مٿي
اهڙيءَ طرح شبد لوڪ جو اپياس اتان شروع ٿئي ٿو
ترا پراچين لوڪ اپياس اچي ختم ٿين ٿا. پهرئين استان
ي پهچڻ سان شبدڪ کي اپياس ڪندي اها اندروني
ي ۽ اهي رڌيون ۽ سڌيون حاصل ٿين ٿيون جيڪي
چين لوڪين ۽ مهاتمائن کي حاصل هيون جن کي سنتن
ڪ جو پتو نه هو. جڏهن راڌا سوامي شبدڪ جي آخران
جي تي لڏهن هو بلڪل نج ۽ نرمل داش ۾ پهچي ٿو
شئيءَ جو وڏي ۾ وڏو ۽ اهم ۾ اهم حصو آهي ۽ جن
جي پراچين رشين کي خبر هئي لهن کان گهڻو ڪهڻو پري ۽
آهي. انهيءَ اوچ ڪوٺيءَ تي پهچڻ جو رستو ڏيکارڻ،
ي جن جي مقصد (Mission) جو حصو هو. جيو وٽي ٿو نه
پنهنجي حياتيءَ ۾ چئن هزارن کان مٿي جيون کي نام جو پيد
شيش ڪيو. ١٥ جون ١٨٧٨ع ۾ هنن چولو ڇڏيو.

مھا ڳـم

اهو مناسب آهي تہ راڌا سوامي ستسنگ، بياس، جنھن جي سهاري هيٺ هي ڪتاب پيش ڪجي ٿو، تنھن جي اُتپتي ۽ وڪاس سان، جن سنت ستگورن جو سنبنڌ رهيو آهي، تن جو مختصر جيون چرتر هت ڏنو وڃي.

پرم سنت حضور سوامي جي مھاراج

راڌا سوامي مت جو بنياد پرم سنت حضور سوامي جي مھاراج جن وڌو. سندن اصل نالو سيٺ شو ديال سنگھ هو. سندن جنم ۲۵ آگسٽ سنہ ۱۸۱۸ع ۾ صبوح جو ۴ بجي، آگري ۾ ٿيو. هو بلڪل سيٺ کتري خاندان مان هئا. سندن پتا جو نالو سيٺ دلوالي سنگھہ ۽ سندن ماتا جو نالو مھا مايا هو. هو بالڪ اوستا ۾ ئي ڳوڙهيون اڌيالمڪ ڳالھيون ڪولي سمجھائيندا هئا. سندن اونها وچار ڪيترائي اچي ٻڌندا هئا. آخر هنن پنھنجي سکيائن جا مکيہ اصول لکيت ۾ آندا، جي ٻہ ڪتاب هئا "سار وچن" نثر ۽ "سار وچن" نظم. سترهن ورهيہ هڪ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ ڀڄن ۾ گذارڻ کان پوءِ سوامي جن، جنوري ۱۸٦۱ ۾ ستسنگ ڪرڻ شروع ڪيو.

سندن سکيائون ڪي بلڪل نيون ڪونہ هيون، ڇاڪاڻ تہ اڳين سنتن، جھڙوڪ ڪبير صاحب، گورو نانڪ صاحب، تلسي صاحب ۽ ٻين سنتن بہ اهي ئي سکيائون ڏنيون هيون. گھڻو ڪري سيني پراچين ڌرمي پستڪن ۾ شبد جو ذڪر آيل آهي، جيتوڻيڪ اهو ذڪر جدا جدا نالن ۾ ٿيل آهي. ويد الهيءَ کي ناد ڪوٺين ٿا، مسلمان فقيرن انهيءَ کي ڪلمو يا



حضور سوامي جي مهاراج

ڀومڪا

"سار وچن" حضور سوامي جي مهاراج جن جو راڌا سوامي مت تي هڪ بنيادي ڪتاب آهي جو هندستان جي سڀني مکيه ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي.

شري ڪرشن ڀاٽي سردار سيواسنگهه جي انگريزي ڇاپي جو ترجمو ڪري سنڌي ستسنگين ۽ پرمارٿي پريمين جي لاڀ لاءِ انهيءَ ڪي ڀهراڻ بمبئيءَ ۾ ڇپايو. اهو ڇاپو جلدي وڪامجي ويو. ٺهڪري شري منگهارام ڏ ڀال اجمير نواسيءَ هي ٻيون ڇاپو اجمير ۾ ڇپايو آهي جنهن لاءِ اسين سندس شڪرگذار آهيون.

آشا آهي ته ستسنگي ۽ ٻيا پرمارت جا چاهڪ پڙهي لاڀ وٺندا.

ايس. ايل. سونڌي
سيڪريٽري
راڌا سوامي ستسنگ بياس

ڇپائيندڙ:

ايس - ايل - سونڌي

سيڪريٽري
راڌا سوامي ستسنگ، بياس
پوسٽ آفيس ڏيرا بابا ڄيمل سنگهه (پنجاب)

پهريون ڇاپو] .... [جلد ١٠٠٠
ٻيون ڇاپو] .... [جلد ٢٠٠٠
ٽيون ڇاپو] فيبروري ١٩٧٩ [جلد ٥٠٠٠

ڇپيندڙ: شري گرڌاري لعل ڪسر
[illegible] پرنٽرس، شرڌا محلا، ڊگهي بازار، اجمير

سار وچن

(نثر)

انوادڪ :

ڪرشن ٻاٻاڻي

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)